# دوست ڏانهن خط

ملر غلام مسيح/ جي. ڪي. دراني

مسيحي ادبي انجمن
حيدرآباد
2014ع



انجمن جا سڀ حق ۽ واسطا قائم

ڪتاب جو نالو: دوست ڏانهن خط
موضوع: مسيحي ايمان ۽ عمل
پاڪ ڪلام جو ترجمو: OT2009/NT1990 (2002 Ed)
ليکڪ: ملر غلام مسيح
سنڌيڪار: ج. ڪ. دراني
ڇاپو: ٽيون
تعداد:
سال:
ڇپيندڙ:
ڇپائيندڙ : مسيحي ادبي انجمن، پوسٽ باڪس نمبر 358، حيدرآباد سنڌ
فون نمبر: 0301 354 6751

**قيمت: 100 رپيا**

**Beliefs and Practices of Christians**

Written by: William Miller
Translated by: J. K. Durrani
Bible Translation: OT2009/NT1990 (2002 Ed.)
Edition:
Printed by:
Published by: Masihi Adabi Anjuman, P.O. Box 358, Hyderabad, Sindh
E-mail: maasindh@gmail.com
Phone: 0301 354 6751
Year of Publication:
Price per copy: Rs. 100

**All rights reserved by Masihi Adabi Anuman**

# فهرست


| نمبر | عــنــوان | صفحو نمبر |
|---|---|---|
| .1 | خدا ڪير آهي؟ | 2 |
| .2 | انسان ڪير آهي؟ | 13 |
| .3 | گناهه ڇا آهي؟ | 19 |
| .4 | نبين ۽ فرشتن تي ايمان | 21 |
| .5 | پاڪ ڪتاب | 27 |
| .6 | عيسيٰ مسيح جي پيدائش ۽ زندگيءَ جو احو | |
| .7 | حضرت عيسيٰ مسيح ڪير آهي؟ | 00 |
| .8 | مسيح جي دنياوي زندگيءَ جو ڪهڙو مقصد هو؟ | 00 |
| .9 | خدا ڪان معافي وٺڻ ۽ گناه جي طاقت ڪان | 00 |
| .10 | بچڻ لاءِ انسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ | 00 |
| .11 | پاڪ روح ڪير آهي؟ | 00 |
| .12 | تثليث في التوحيد ڇا آهي؟ | 00 |
| .13 | ڪليسيا ڇا آهي؟ | 00 |
| .14 | مسيحي مذهبي فرض ۽ ذميواريون ڇا آهن؟ | 00 |
| .15 | مسيحيت جي اخلاقي تعليم ڇا آهي؟ | 00 |
| .16 | ايندڙ واقعن جي باري ۾ ايمان | 00 |
| .17 | عيسيٰ مسيح جو ٻيهر اچڻ | 00 |
| .18 | ايماندار جو موت | 00 |
| .19 | حاصل ڪلام | 00 |




## پيارا دوست اسلام عليڪم:

آئون اميد ٿو ڪريان تہ اوهان جسماني ۽ روحاني طرح تندرست ۽ خيريت سان هوندا. آئون خداوند ڪريم جو شڪر ٿو ڪريان، جو اوهان جي دل ۾ سچائيءَ جي صحيح رستي کي ڄاڻڻ جي حقيقي خواهش ظاهر ٿي آهي. گذريل ڏينهن ۾ اوهان ڪيترائي پيرا مسيحي دوستن جي دين ۽ سندن ايمان جي متعلق ڄاڻڻ جي خواهش ظاهر ڪئي هئي. پر مون کي واندڪائي نہ هئڻ سبب آئون اوهان جي خواهش کي پورو ڪري نہ سگهيس. جيئن تہ هاڻي مون کي وقتي فرصت آهي. سو مون مناسب ڄاتو، تہ اوهان کي پنهنجي مسيحي ايمان ۽ مسيحي مذهب جي فرضن ۽ رسمن بابت تفصيل سان لکان.

اها تہ اوهان کي اڳيئي خبر آهي، تہ هن وقت دنيا ۾ ڪروڙين ماڻهو آهن، جيڪي پاڻ کي "مسيحي" سڏائين ٿا. انهن مان سڀ حضور المسيح جا صحيح پوئلڳ نہ آهن. مون کي ڏاڍي افسوس سان چوڻو پوي ٿو، تہ گهٽا فقط نالي ماتر مسيحي آهن. اسين مسيحي بہ ٻين مذهبن جي ماڻهن وانگر مختلف فرقن ۾ ورهايل آهيون ۽ اسان جي عبادت ڪرڻ ۾ فرق آهي ۽ اسان جي تعليم ۾ بہ اختلاف آهن. دوست! منهنجي لاءِ اهو مشڪل ڪم آهي جو آئون هن خط ۾ سڀني مسيحي فرقن جي فرق-فرق

تعليم ۽ ايمان جي باري ۾ تحرير ڪريان. تڏهن به آئون جيڪي ڪجهه هن خط ۾ مسيحي ايمان ۽ عمل جي باري ۾ لکندس، تنهن سان هن دنيا جا اڪثر مسيحي اتفاق ڪندا. منهنجي دعا آهي ته جڏهن اوهان هن خط ۾ مسيحي دين جا تفصيل پڙهو، تڏهن توهين خدا جي قريب ٿيو ۽ ڪيس چڱيءَ طرح ڄاڻي سگهو ۽ خدا سان زياده محبت پيدا ڪري سندس مڪمل فرمانبرداري به ڪريو.

هاڻي آئون اوهان جي سوالن جا جواب ترتيبوار بيان ڪريان ٿو.

* * * *

# خدا ڪير آهي؟

منهنجا عزيز دوست: آئون ڄاڻان ٿو ته هن سوال مان اوهان جو مطلب اهو هوندو ته مسيحي ماڻهو خدا جي باري ۾ ڪيئن ۽ ڪهڙو ايمان ٿا رکن؟ ائين برابر آهي، ته هر مذهب ۾ اها مکيه ۽ خاص ڳالهه آهي ته ان مذهب ۾ خدا جي باري ۾ ڪهڙو نظريو ٻڌايو ويو آهي. مون کي يقين آهي ته ڪن متعصب ماڻهن اوهان کي ائين ٻڌايو هوندو، ته اسين مسيحي صليب ۽ ٻتن جي



پوڄا ڪندا آهيون. آئون اوهان کي يقين ٿو ڏياريان، ته اهڙي قسم جون ڳالهيون بلڪل بي بنياد ۽ غلط آهن، انهن ۾ ڪابه سچائي نه آهي. اسين مسيحي فقط هڪ خدا تي ايمان رکون ٿا. پر جيڪڏهن ڪو فرد ڪنهن وقت يا موجوده وقت ۾ ٽن خدائن تي ايمان رکندو آهي يا رکندو هو، ته اهو وڏيءَ غلطيءَ جو شڪار ٿيل آهي ۽ هوندو. جڏهن هڪ شخص حضور المسيح کان سوال ڪيو، ته ”سڀني حڪمن کان وڏو حڪم ڪهڙو آهي؟“ تڏهن عيسيٰ وراڻيو ته ”پهريون وڏو حڪم هي آهي ته ’اي بني اسرائيل! ٻڌ، خداوند اسان جو خدا هڪڙو ئي خداوند آهي. تون خداوند پنهنجي خدا کي سڄيءَ دل، پنهنجي سڄي جان، پنهنجي سمجهه ۽ پنهنجي سڄيءَ طاقت سان پيار ڪر.‘“ (مرقس 12:29-30) گذريل زماني ۾ خدا جي سڀني نبين خدا جي وحدانيت جي تبليغ ڪئي، ۽ ٻتن جي عبادت ڪندڙن کي لعنت ملامت ڪئي.

مسيحي هن ڳالهه تي ايمان رکن ٿا، ته خدا جي نه ابتدا آهي، ۽ نه وري هن جي انتها ٿيندي. ڇاڪاڻ ته خدا تعاليٰ ازلي ۽ ابدي آهي. اسان جو ايمان آهي، ته خدا قادر مطلق آهي ۽ علم ڪل آهي. هو ڏسڻ ۾ ايندڙ شين يا ڏسڻ ۾ نه ايندڙ شين جو خالق آهي. هن سڀ ڪجهه پنهنجي ڪلام جي وسيلي پيدا ڪيو آهي. جيڪڏهن ڪوئي آسمان ڏانهن نگاهه ڪري، سج، چنڊ ۽ بيشمارتارن کي ۽ دنيا جي عجائبات کي ۽ انهن جي گهٽائيءَ کي پروڙڻ شروع ڪري، ته هو پڪ سان حضرت دائود وانگر بي اختيار رڙ ڪري چوندو ته ”آسمان خدا جو جلوو ظاهر ڪن ٿا.

بيشڪ اهي سندس هٿ جي ڪاريگريءَ کي پڌرو ڪن ٿا.“ (پاڪ زبور 1:19) خدا جو علم ڪيڏو نه وسيع ۽ سندس قدرت ڪيڏي نه عظيم آهي، جو هو آسمان ۾ ايڏي وڏي سج کي قائم رکندو اچي ٿو، زمين تي ننڍڙن ننڍڙن گلن ۾ مشڪل سان نظر ايندڙ جيتن کي زندگي بخشي ٿو. خدا قادر مطلق آهي، جيڪي چاهي سو ڪري سگهي ٿو. هن ڪائنات جي تخليق ڪرڻ ۾ خدا جو ڪو مقصد آهي، ۽ ڪابه طاقت ڪيس انهيءَ مقصد کي پوري ڪرڻ کان روڪي نٿي سگهي.

اسين نه فقط اهو ايمان رکون ته خدا عظيم هستي آهي، پر اهو به مڃون ٿا، ته هو عادل ۽ مڪمل پاڪ ۽ قدوس آهي. قديم زماني ۾ يوناني ۽ رومي جيڪي ديوتائن ۽ بتن جي پوڄا ڪندا هئا، سي ان ڳالهه جا قائل هئا، ته سندس ديوتا ۽ ديويون انسانن وانگر آهن، يعني ته اهي ڪوڙ ڳالهائيندا آهن، چوري ڪندا آهن قتل ڪندا آهن، زنا ڪندا آهن، ۽ انسان وانگر ٻيون به ڪيتريون ئي برايون ڪندا آهن. انهن سيني ڳالهين جي برعڪس اسان مسيحين جي الهامي ڪتاب بائيبل مقدس ۾ خداوند ڪريم جي پاڪيزگيءَ جي باري ۾ گهڻو ڪجهه لکيل آهي.

خدا جي پياري ٻانهي بنام يوحنا رسول رويا ۾ هڪ آسماني مخلوق ڏٺي. عين انهيءَ وقت هو خدا جي تعريف ۽ حمد ڪندي چوڻ لڳو. ”قدوس، قدوس، قدوس، خداوند خدا قادرِ مطلق.“ (مڪاشفو 8:4)

جيتوڻيڪ خدا قادر مطلق آهي، تڏهن به هو پنهنجي پاڪ



سرشت جي برخلاف ڪوبه ڪم نٿو ڪري. مثلاً هو ڪوڙ نٿو ڳالهائي، نه وري بي انصاف ٿي سگهي ٿو.

بيشڪ، خدا اسان وانگر جسم نٿو رکي ۽ نه وري هو وقت ۽ جاءِ جو پابند آهي، پر هو حاضر ۽ ناظر آهي.

ڪنهن وقت اسين عام ڳالهه ٻولهه ۾ خدا تعاليٰ جي هٿ، اک يا دل وغيره جو ذڪر ڪندا آهيون. تڏهن اسان جو مطلب انهن جسماني عضون لاءِ نه هوندو آهي، پر روحاني هوندو آهي. جيتوڻيڪ خدا پر جلال ۽ عظيم ۽ سربلند آهي، تڏهن به اسان جو ايمان آهي، ته هو اسان کي گهٽي کان به گهڻو ويجهو آهي. تنهن ڪري اسين هڪ چوٽي طور چوندا آهيون، ته ”خدا اسان کي ڏسي ٿو، ۽ پنهنجن هٿن سان سنڀالي ٿو ۽ پنهنجي دل سان پيار ڪري ٿو.“

جيتوڻيڪ اسان جي نظر ۾ خداوند ڪريم جون سڀئي صفتون ڏاڍيون اهم آهن، ته به اسين مسيحي هن ڳالهه جي ڪري ڏاڍا سرها آهيون، ته جنهن خدا جي اسين عبادت ڪريون ٿا، اهو محبت جو خدا آهي. خدا جي هن انمول صفت بابت انجيل مقدس ۾ هيئن لکيل آهي.

”خدا پيارآهي.“ (1- يوحنا 8:4) مطلب ته خداوند ڪريم جا سڀئي قول محبت جي تابع آهن. خدا مخلوق جي اڳيان پنهنجي پيار جو ڏيکاءُ نه فقط برسات وسائڻ، سج کي هر روز اڀارڻ ۽ روشن ڪرڻ ۽ تمام مخلوق کي رزق رسائڻ، عام ۽ خاص ماڻهن جون سموريون ضرورتون پوريون ڪرڻ سان ڪري ٿو. پر خدا

پنهنجن نبين کي بہ اسان ڏانهن موڪليو، تہ جيئن اهي اسان کي خدا جي باري ۾ صاف ۽ڪليل تعليم ٻڌائين. خدا پنهنجي ساري مخلوقات سان محبت ڪري ٿو، ۽ ان جي ڀلائي لاءِ سوچي ٿو. حضرت دائود جيڪو خود نبي هو، تنهن خدا جي پروردگاريءَ کي ڏاڍن سهڻن لفظن ۾ هن طرح بيان ڪيو آهي: ”اي خداوند! تون منهنجو ريڍار آهين، سو مون کي ڪنهن شيءِ جي ڪمي ناهي. تون مون کي ساون چراگاهن ۾ ويهارين ٿو. تون مون کي راحت وارن چشمن وٽ وٺي وڃين ٿو. تون منهنجيءَ جان کي تازو ۽ توانو ٿو ڪرين. پنهنجي نالي جي سچائيءَ موجب تون مون کي سڌين واٽن تي وٺي ٿو هلين.“ (پاڪ زبور 23:1-3)

هيءَ هڪ مجيل حقيقت آهي، جنهن کان انڪار ڪرڻ ناممڪن بلڪ ڏاڍو محال آهي، تہ خدا انهن سان ٿو پيار ڪري جيڪي هن سان پيار ڪن ٿا ۽ سندس حڪمن جي فرمانبرداري ڪندا ٿا رهن. پر ڇا، خدا انهن کي بہ پيار ڪري ٿو، جيڪي سندس حڪم نٿا مڃين؟ جيئن تہ خدا پاڪ آهي، تنهن ڪري هو سڀني چڱين شين سان محبت رکي ٿو ۽ هر ڪنهن قسم جي بڇڙائيءَ ۽ بديءَ کان نفرت ڪري ٿو. انسان جڏهن بدي ڪري ٿو، تہ خدا، انسان کان ناراض ٿو ٿي وڃي. حضرت دائود فرمايو، ”تو کي (خدا) سڀني بدڪارن کان ڏاڍي نفرت آهي.“ (پاڪ زبور 5:5) خداوند ڪريم بدڪارن ۽ نافرمانن کي سزا ڏيڻ سان پنهنجي نفرت جو اظهار ڪري ٿو. ڪلام مقدس ۾ آيو آهي، تہ خدا اهڙن فردن بلڪ قومن کي تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏيو، جن پنهنجن



گناهن کان توبهہ نہ ڪئي ۽ پنهنجن نفرت انگيز ڪمن کان باز نہ آيا.

هاڻي آئون توهان کي هڪ عجيب صداقت ٻڌايان ٿو، جيتوڻيڪ خدا بدڪارن کان بيزار آهي، يعني هو بدڪارن جي گناهن کان نفرت ڪري ٿو، مگر خدا انسان سان محبت ڪري ٿو. اهو ئي سبب آهي، تہ خداوند ڪريم گنهگارن، بدڪارن جي ڪمن کان نفرت ڪندي بہ انهن کي بچائڻ چاهي ٿو. خدا انهن کي اهڙي طرح پيار ڪري ٿو، جهڙي طرح هڪ شفيق پيءُ پنهنجي ٻي ڇئي فرزند سان پيار ڪندو آهي. هڪ بدڪار يا گنهگار انسان لاءِ خدا جي عجيب ۽ مثالي محبت هڪ مثال مان ظاهر ٿئي ٿي، جيڪو مسيح جن ٻڌايو، تہ:

هڪڙي ماڻهوءَ کي ٻہ پٽ هئا، جن مان ننڍي پٽ پيءُ کي چيو تہ اي بابا، جيڪو ملڪيت مان منهنجو حصو ٿئي ٿو، سو مون کي ڏيو ۽ هن پنهنجي ملڪيت ٻنهي کي ورهائي ڏني. اجا ڪي ڏينهن گذريا ئي ڪين، تہ ننڍو پٽ پنهنجو سڀ ڪجهہ ميڙي چونڊي ڪنهن ڏورانهين ملڪ جي سير تي نڪتو. اتي عيش عشرت ۾ پنهنجي ملڪيت اڏائي ڇڏيائين. جڏهن سڀ ڪجهہ ختم ڪري چڪو ۽ هو. هن پنهنجيءَ دل ۾ خيال ڪيو تہ پنهنجي پيءُ وٽ ويندس ۽ کيس چوندس تہ آئون خدا ۽ اوهان جو ڏوهاري آهيان. هو اٿيو ۽ پيءُ ڏانهن وڃڻ لڳو. پر اجا پري ئي هو تہ پڻس ڏٺس ۽ کيس هن تي ڪهل آئي ۽ ڊوڙي وڃي ڀاڪر پاتائينس، چميائينس ۽ خوشيون ڪيون ڇالاءِ جو سندس پٽ واپس آيو آهي.

(ڏسو لوقا 15:11-24) خدا بہ انهن ماڻهن سان جيڪي هنجي خلاف گناهہ ڪندا آهن، اهڙي طرح پيار ڪندو آهي.

منهنجا عزيز دوست: گنهگار انسان لاءِ اها ڪيڏي نہ وڏي خوشخبري آهي، تہ خدا انسان سان پيار ڪري ٿو ۽ معافي ڏيڻ چاهي ٿو. بشرطيڪ اسين توبهہ ڪريون ۽ خدا ڏانهن رجوع ڪريون.

بائيبل مقدس ۾ خدا جي ڪيترن ئي نالن جو ذڪر ملي ٿو. مثلاً قادر مطلق، خداوند، يهواهہ، ازلي، ابدي، زندهہ، پاڪ، قدوس، بادشاهہ، منصف، خالق، نجات ڏيندڙ ۽ ريدار وغيره. پر اسان مسيحي ڪيس " آسماني پيءُ " ڪري سڏڻ زياده پسند ڪريون ٿا. جڏهن بہ حضورالمسيح خدا سان مخاطب ٿيو، تڏهن هن خدا لاءِ لفظ " منهنجا بابا " جا لفظ استعمال ڪيا. هن پنهنجي حوارين کي دعا ڪرڻ وقت فرمايو، تہ توهين بہ هيئن چئو. "اي اسان جا بابا! تون جو آسمان ۾ آهين، شل تنهنجو نالو پاڪ مڃيو وڃي." (متي 6:9) ڇا، ڪنهن کي ان کان وڌيڪ عزت نصيب ٿي سگهي ٿي، جو هو خداتعاليٰ جو روحاني فرزند بڻجي ۽ خدا هن جو روحاني ۽ پيار ڪرڻ وارو پيءُ بڻجي؟ خدا اهو عظيم ۽ لاثاني حق فقط انهن کي ٿو عطا ڪري، جيڪي عيسيٰ مسيح جي ذريعي خدا ڏانهن مائل ٿين ٿا. (مسيح تي ايمان آڻين ٿا).

هاڻي شايد اوهان اها ڳالهہ بہ معلوم ڪرڻ چاهيو، تہ مسيحيت ۾"پاڪ تثليث" مان ڇا مراد آهي؟ آئون ٿوري دير ۾ ايندڙ صفحن ۾ ان ڳالهہ تي روشني وجهندس.



* * * *

# انسان ڪير آهي؟

مون مسيحين جو عقيدوجيڪو هو خدا جي باري ۾ رکن ٿا، تنهن جو مختصر احوال بيان ڪيو آهي. هاڻي آئوناهو بيان ڪندس، تہ انسان جي باري ۾ اسان جا ڪهڙا خيال آهن تنهن ڪري انسان جي ڪهاڻيءَ کي ڄاڻڻ نهايت ئي ضروري آهي. هن حقيقت جو صحيح علم اسان کي بائيبل مقدس مان ئي حاصل ٿئي ٿو. بائيبل مقدس ۾ توريت جي پهرين ڪتاب پيدائش جي پهرين ۽ ٻئي باب ۾ اهو احوال ملي ٿو. مختصر طور ملاحظہ ڪريو:

"شروعات ۾ خدا زمين ۽ آسمان کي پيدا ڪيو ... پوءِ خدا حڪم ڏنو تہ 'زمين هر قسم جا ننڍا وڏا، گهريلو ۽ جهنگلي جانور ۽ سرندڙ جيت جڻا پيدا ڪري.' سو ائين ئي ٿيو ... ۽ خدا ڏٺو تہ اهو چڱو آهي. پوءِ خدا چيو تہ 'هاڻي اسين انسان کي ٺاهيون جيڪو اسان جي صورت تي اسان وانگر هجي ... تڏهن خدا انسان کي پاڻ وانگر ٺاهي پنهنجيءَ صورت تي پيدا ڪيو. خدا نر ۽ ناري ڪري، ڪين برڪت ڏيئي چيو تہ 'گهڻا ٻار ڄڻيو ۽ ڌرتيءَ کي پرپور ۽ تابع ڪريو'" (پيدائش جو ڪتاب 1:1، 24-29)

اسان کي پوري طرح اهو سمجهڻ گهرجي تہ مٿي ڏنل آيتن جو اهو مطلب هر گز نہ آهي، تہ خدا کي جسم آهي ۽ هن پنهنجي جسماني صورت تي انسان کي پيدا ڪيو. پر ان مان مراد اها آهي، تہ خداوند ڪريم پنهنجي روحاني صورت تي حضرت انسان کي پيدا ڪيو. خدا انسان کي عقل عطا ڪيو، تہ جيئن هو سوچي سگهي، دل ڏني تہ هو محبت ڪري سگهي، ضمير عنايت ڪيو تہ جيئن انسان نيڪ ۽ بد ۾ تميز ڪري سگهي. ارادي جي قوت ڏني، تہ جيئن انسان اهڙا ڪم ڪري جيڪي صحيح ۽ چڱا هجن. زبان ڏني تہ ڪلام ڪري سگهي. روح ڏنو، جنهن جي وسيلي هو خدا جو روحاني فرزند بڻجي پيو. اها آهي مراد، تہ انسان خدا جي صورت تي پيدا ڪيو ويو. سو انسان انهيءَ لائق ٿيو، تہ هو خدا کي ڄاڻي ۽ هن سان ميل ميلاپ رکي. اهو ئي سبب آهي جو انسان تمام مخلوقات کان اشرف ۽ اعليٰ ٿيو ۽ اسين چوندا آهيون تہ انسان اشرف المخلوقات آهي.

انسان خدا نہ آهي، جيئن ڪيترن ئي چيو آهي. پر انسان خداوند ڪريم جي قريب تر ضرور هو ڇاڪاڻ تہ ان وقت حضرت انسان پاڪ هو ۽ هن ۾ بدي ۽ بڇڙائي نہ آئي هئي.

خدا، انسان کي ارادي جي قوت ڏني ۽ انهيءَ لائق بڻايو تہ هو پنهنجي پسند جون شيون چونڊي خدا حضرت انسان کي مڪمل آزاد پيدا ڪيو، تہ جيئن هو پنهنجي مرضيءَ سان پنهنجي خالق جي اطاعت ۽ خدمت ڪري ۽ هن سان محبت ڪري. خدا جي اها مرضي هئي، تہ انسان ذات جنهن کي هن زمين تي آباد ڪيو،



سي ڪيس پيءُ ڄاڻي پيار ڪن ۽ هن جا حقيقي ٻار ٿين. تنهن ڪانسواءِ خدا جي اها بہ خواهش هئي، تہ هڪ انسان ٻئي انسان سان پاءُ وانگر پيار ڪري، يعني سيئي انسان هڪ ٻئي جا پائر آهن ۽ اهي خوشيءَ سان خدا جي خدمت ڪن. اڄڪلهہ انسان مختلف نسلن ۾ ورهايل آهن، سندن مهاندا، رنگ، پوشاڪون ۽ زبانون بہ فرق فرق آهن. پر سڀني جو خون هڪڙو ئي آهي ۽ هڪ ئي خاندان سان تعلق اٿن، پر خدا سڀني انسانن سان محبت ڪري ٿو.

ڏسڻ ۾ آيو آهي تہ خدا تعاليٰ جي اها خواهش پوري نہ ٿي. بجاءِ انهيءَ جي، تہ اسان پنهنجي آزاد ۽ خود مختيار مرضيءَ کي خدا جي مرضيءَ جي خلاف استعمال ڪيو (ڏسو پيدائش جو ڪتاب باب 2 ۽ 3 ۾) خدا ابوالبشر حضرت آدم ۽ سندس شريڪ حيات بيبي حوا کي حڪم ڏنو هو، تہ عدن جي باغ جي وچ ۾ هڪ وڻ آهي، جنهن کي نيڪ ۽ بد جي سڃاڻپ وارو وڻ چئجي ٿو، ان جو ميوو هرگز نہ کائو. پر جي هو ٻئي (حضرت آدم ۽ بيبي حوا) نافرماني ڪندا ۽ ميوو کائيندا تہ مري ويندا. (پيدائش 17-15:1) شيطان موقعي جي تاڙ ۾ هو، اهو وجهہ ڏسي ابليس عدن جي باغ ۾ آدم ۽ حوا وٽ لنگهي آيو، ۽ حوا کي خدا جي حڪم جي برخلاف برغلايائين، تہ جيئن هوءَ ميوو کائي. حوا اهو ڦل ڪاڙو ۽ پنهنجي مڙس کي بہ کائڻ لاءِ ڏنائين. جنهن پڻ کاڌو. هيءَ نسلِ انسان جي پهرين والدين جي ڀل يا خطا يا غلطي نہ هئي، بلڪ انهن ڄاڻي واڻي پنهنجي خدا ۽ مالڪ جي حڪم عدولي

ڪئي. ٻين لفظن ۾ ڪٽي ائين چئجي تہ انھن پاڻ خدا بڻجڻ ٿي چاھيو. ٻيو تہ انھن خدا جي اطاعت ۽ مرضيءَ جي تحت رھڻ پسند نہ ٿي ڪيو پر انھن ھر ھڪ ڪم پنھنجيءَ مرضيءَ ۽ سمجھ موجب ڪرڻ ٿي چاھيو. پوءِ ان ڳالھ جو نتيجو ڇا نڪتو، انھن جو حشر ڇا ٿيو، تنھن جي سيني کي خبر آھي تہ خدا انھن کي عدن جي باغ مان تڙي ڪڍيو ۽ انھن تي سخت لعنت ملامت ڪئي.

عدن جي باغ مان تڙجڻ ڪان پوءِ جيڪا وڏي ڳالھ ٿي اھا ھئي آدم ۽ حوا جي خدا ڪان جدائي. يعني آدم ۽ خدا جو تعلق ھڪ ٻئي ڪان ختم ٿي ويو. جيڪو انھن جي درميان اڳ ۾ ھو. ھاڻي انھن ۾ ھڪ زبردست تبديلي اچي چڪي ھئي. اڳ ۾ ھو پاڪ ھئا، مگر ھاڻي ھو نا پاڪ ٿي ويا. خدا جي حڪم جي پيچڪڙي ڪرڻ ڪان اڳ ۾ ھو خدا جي مرضي موجب ھلندا ھئا ۽ ھلڻ جي لائق ھئا. ھاڻي ھو سمجھي رھيا ھئا تہ ڇا غلط آھي ۽ ڇا صحيح آھي. پر ان تي عمل ڪرڻ ڪان قاصر ھئا. ھاڻي انھن سچ ڪان نفرت ۽ بديءَ سان پيار ڪرڻ شروع ڪيو. پراڻي عھدنامي ۾ خدا جي خلاف، ان بغاوت کي گناھ سڏيو ويو آھي. گناھ جو انجام موت آھي.

ٻين ڳالھين کي ڇڏي پھريون ابوالبشر حضرت آدم ۽ بيبي حوا جي گناھ جو ذڪر ڪرڻ ضروري آھي. ڇاڪاڻ تہ انھيءَ بنياد تي اسين حضرت انسان جي حالت کي پروڙي سگھون ٿا. بني نوع انسان تي گناھ جو اثر ڏاڍو خراب پيو، جئين تہ حضرت



آدم ۽ حوا اھڙا پاڪ نہ رھيا، جيئن پھريائين ھئا. تنھن ڪري انھن جي ناپاڪائي جو اثر موروثي طور سندن اولاد ۾ نسل در نسل ھلندو رھيو. انھيءَ راز کي سمجھڻ لاءِ اسان کي ٻين جي مشاھدي ڪرڻ جي ضرورت نہ آھي. جيڪڏھن اسين فقط پنھنجيءَ دل جي حالت کي ئي ڏسون، تہ انھيءَ ڳالھ جي تصديق ٿي ويندي. ڇا اسين اڪثر اھڙا ڪم نٿا ڪريون جن جي اسان کي خبر آھي، تہ اھي خراب آھن ۽ غلط آھن. اسين اھو بہ ڄاڻون ٿا، تہ محبت، نفرت ڪان افضل آھي، مگر پوءِ بہ گھڻو ڪري اسين ٻين سان محبت جي بجاءُ نفرت ئي ڪريون ٿا. اسين ائين ڇو ٿا ڪريون؟ ڇا ڪاڻ تہ اسان کي گناھ آلوده فطرت ورثي ۾ ملي آھي. اسين بہ خدا جي حڪمن تي نٿا ھلون ۽ نہ وري انھن تي مڪمل طور عمل ڪرڻ جي قابل آھيون.

جڏھن ٻار پيدا ٿئي ٿو، تڏھن ھو معصوم ۽ پاڪ نظر اچي ٿو. پر پوءِ ھن ۾ عمر جي مطابق ۽ وقت گذرندي بديءَ جا آثار ڪَرُ ڪڻندا نظر اچن ٿا.

حضرت دائود نبيءَ پنھنجي متعلق فرمايو تہ "ڏس، آئون پنھنجيءَ پيدائش ڪان وٺي بڇڙائيءَ ۾ ورتل ھيس، بلڪ آئون تڏھن بہ گنھگار ھيس جڏھن ماءُ جي پيٽ پيس." (پاڪ زبور 5:51)
اسان کي ميٺو پوندو، تہ انسان گنھگار آھي ۽ اھو خدا جي چيل لفظن جي عين مطابق آھي تہ "دل سيني شين ڪان وڌيڪ پُرفريب آھي، انھيءَ جي نٻگي لاعلاج آھي، انھيءَ جي ڳُجھ کي ڪير سمجھي سگھي ٿو؟ " (يرمياه 9:17)

حضورالمسيح جيڪي فرمايو اهو بہ اوهان جي اڳيان پيش ڪجي ٿو: ”انسان جي دل مان بڇڙا خيال ٿا نڪرن، جهڙوڪ: حرامڪاري، چوري، خون، زناڪاري، لالچ، بڇڙائي، ٺڳي، ڇڙواڳي، ڪينو، گلاخوري، مغروري ۽ بيوقوفي. اهي سڀ خرابيون اندر مان ٿيون نڪرن ۽ ماڻهوءَ کي پليت ڪن ٿيون.“ (مرقس 7:21-23)

خداوند ڪريم جيڪو ساري بني نوع انسان جي دلين جي حالت کي ڄاڻي ٿو. تنهن فرمايو، تہ ”ڪوبہ سچار نہ آهي، هڪڙو بہ نہ.“ (رومين 3:10) تڏهن بہ هڪ اهڙي هستي آهي، جيڪا خدا جي ٻڌايل فرمان جي دائري کان بلند ۽ بالاتر آهي. جنهن جي بابت آئون پوءِ ذڪر ڪندس.

حضرت انسان جي حالت ايتري قدر خطرناڪ آهي! هن اها خطرناڪ حالت پنهنجيءَ نافرمانيءَ جي ڪري ۽ پنهنجو روحاني تعلق خدا سان ختم ڪرڻ جي سبب پيدا ڪئي آهي. هاڻي ائين چئجي، تہ حضرت انسان جي حالت هڪ بيابان ۾ ڀٽڪندڙ اڪيليءَ رڍ جيان آهي. ”اسين سڀ اهڙين رڍن وانگر آهيون، جيڪي پنهنجي رستي کان ڀٽڪي ٿيون وڃون.“ (يسعياه 53:6)

اهڙي حالت ۾ حضرت انسان خدا جو پيارو نہ رهيو، بلڪ سندس لاڳاپو، فقط شيطان ۽ گناهہ سان ٿي ويو ۽ انهن جي غلاميءَ جو ڳٽ حضرت انسان پنهنجيءَ ڳچيءَ ۾ وڌو. ”خدا جو شڪر آهي جو جيتوڻيڪ اوهين گناهہ جا غلام هئا، پر جيڪا تعليم اوهان کي ڏني وئي تنهن جي اوهان دلوجان سان تابعداري



ڪئي.“ (رومين 6:17) هاڻي هو انهيءَ لائق ئي نہ آهي، جو خدا جي پاڪ رستي تي هلي. هو گناهہ جي ڪري مئل آهي. ”گذريل وقت ۾ اوهين پنهنجن نافرمانين ۽ گناهن جي ڪري مئل هئا.“ (افسين 2:1)

بلڪل ائين ئي جيئن خدا، آدم کي ٻڌايو هو، تہ گناهہ جو نتيجو موت آهي، يعني روحاني ۽ جسماني موت.

* * * *

# گناهہ ڇا آهي؟

هن موقعي تي منهنجا دوست، اهو بيان ڪرڻ مناسب ٿيندو، تہ گناهہ ڇا آهي؟ فقط غلط ڪم ڪرڻ ئي گناهہ نہ آهي، مثلاً چوي، خون، زنا ۽ شراب خوري وغيره. پر بنيادي طرح خدا کان دوري ۽ سندس پاڪ مرضيءَ جي برخلاف ڪم ڪرڻ گناهہ آهي. نہ فقط ڪڏا ڪم ڪرڻ گناهہ آهي، پر تڪبر، حسد، نفرت ۽ لالچ بہ گناهہ جي لسٽ ۾ اچي وڃن ٿا. عيسيٰ مسيح فرمايو تہ خدا جا ٻہ وڏا حڪم هي آهن، جيڪي هيٺ ڏجن ٿا: ”پهريون وڏو حڪم هي آهي تہ ’اي بني اسرئيل! ٻڌ، خداوند اسان جو خدا هڪڙو ئي خداوند آهي. تون خداوند پنهنجي خدا کي پنهنجي سڄيءَ دل، پنهنجي سڄي جان، پنهنجي سمجهہ ۽ پنهنجي سڄيءَ

طاقت سان پيار ڪر.‘ ٻيو حڪم هي آهي تہ ’تون پنهنجي پاڙيسريءَ سان پاڻ جهڙو پيار ڪر.‘“ (مرقس 12:29-31) جيئن تہ خداوند ڪريم جا هي سڀ کان وڏا حڪم آهن، تنهن ڪري خدا سان پوري طرح محبت نہ ڪرڻ ۽ پنهنجي پاڙيسريءَ سان پاڻ جهڙو پيار نہ ڪرڻ، سڀ کان وڏا گناهہ چئبا. ڇا ڪوئي اهڙو انسان آهي، جيڪو انهن ٻنهي حڪمن تي پوريءَ طرح عمل ڪندو هجي؟ نہ هر هڪ شخص ڏوهاري آهي، سواءِ هڪ بيگناهہ هستي يعني عيسيٰ مسيح جي. انهيءَ ئي ڪامل زندگي بسر ڪئي ۽ خدا بہ اهو ئي چاهي ٿو تہ اسين بہ اهڙي ئي زندگي گذاريون. سندس ارشاد هي آهي تہ ”سو اوهين بہ ائين ئي ڪامل ٿيو جيئن اوهان جو آسمان وارو پيءُ ڪامل آهي.“ (متي 5:48)

پر اسين، جن جون دليون بديءَ سان ڀريل آهن. خدا جي حڪم مطابق ڪامل ڪيئن ٿي سگهنداسين؟ هڪڙو اهڙو ماڻهو جيڪو ڪنهن موتمار بيماريءَ ۾ ورتل آهي. تنهن کي صحت جي اصولن تي عمل ڪرڻ جي هدايت ڪرڻ بيڪار آهي. پر هن کي فقط اهڙي ڊاڪٽر جي ضرورت آهي، جيڪو هن جو علاج ڪرڻ جي لائق هجي. بلڪل ائين ئي، اهو شخص جيڪو گناهہ جي اونداهي بيماريءَ ۾ گرفتار هجي، تنهن کي شريعت ۽ اخلاقي حڪمن جي هدايت ڪرڻ تہ هيئن نہ ڪر پر هونءَ ڪر جي ضرورت نہ آهي. پر هن کي هڪ روحاني حڪيم جي سخت ضرورت آهي، جيڪو هن ۾ نئين دل، نئين سمجهہ ۽ نئون چاهہ پيدا ڪري سگهي. ۽ اهڙي سگهہ ڏئي سگهي جو هو خدا جي



مرضي موجب زندگي گذاري سگهي. انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي، تہ هر هنڌ ۽ هر هڪ فرد کي هڪ اهڙي هستيءَ جي تمنا آهي، جيڪا ان کي گناهہ کان بچائي سگهي. ۽ ان کي خفا جو فرزند بڻائي سگهي. آئون بعد ۾ ان ڳالهہ جو ذڪر ڪندس، تہ خدا پنهنجي فضل سان هن دنيا کي ڪهڙيءَ طرح هڪ ڇوٽڪارو ڏيندڙ بخشيو.

* * * *

# نبين ۽ فرشتن تي ايمان

هاڻي آئون اوهان جي هن سوال جو تہ، ”ڇا مسيحي نبين تي ايمان رکن ٿا؟“ جواب ڏيندس. هائو، اسين مسيحي نبين تي ايمان رکون ٿا، تہ خدا انهن کي موڪليو. تہ هو سندس ڪلام خلق کي ٻڌائين. گهڻا ماڻهو گناهہ جي بدولت خداوند ڪريم جو آواز ٻڌڻ ئي نہ چاهيندا هئا. يا وري پنهنجيءَ روحاني ٻوڙائپ سبب ان آواز کي ٻڌڻ جي قابل ئي نہ هئا. تنهن هوندي بہ ڪي مرد ۽ ڪي عورتون اهڙيون هيون، جن توبهہ ڪئي ۽ خدا انهن کي معاف

ڪري ڇڏيو. پوءِ خدا انهن سان هم ڪلام ٿيو ۽ انهن کي پنهنجي ڪلام جو پيغام ڏئي خلق ڏانهن موڪليو. اهڙيءَ طرح اهي ماڻهو خدا جا نبي بڻيا.

نبين جي باري ۾ اسان جي ڄاڻ بائيبل مقدس تي منحصر آهي. بائيبل ۾ ڪيترن ئي نبين جي زندگيءَ جو احوال، انهن جو ڪلام ۽ سندن تحريرون درج ٿيل آهن. خدا انهن کي پنهنجو نبي ڪري هن دنيا ۾ موڪليو. آئون ڪن نبين جا نالا ٻڌائيندس. مثال طور، ابراهيم، موسيٰ، هارون (موسيٰ جو ڀاءُ) مريم (موسيٰ جي ڀيڻ) ناتن، سموئيل، دائود، اليشع، يسعياه، الياس، يرمياه، يوناه، يو ايل، دانيال، ۽ يوحنا بپتسما ڏيڻ وارو (يحيٰ) وغيره، وغيره. يحيٰ آخري نبي هو جيڪو عيسيٰ مسيح کان اڳ ۾ ظاهر ٿيو. حضرت ابراهيم جيڪو خليل الله ۽ ايماندارن جو ابو آهي تنهن کي خدا چونڊيو ته گهڻين قومن جو پيءُ ٿئي. خدا هن کي پيريءَ ۾ سندس زال ساره (جيڪا خود پوڙهي هئي) تنهن جي پيٽان فرزند عطا ڪيو، جنهن جو نالو اسحاق هو. ابراهيم خداوند ڪريم جي حڪم جي اطاعت ڪئي، ايتري قدر جو خدا جي ارشاد موجب هن پنهنجي لخت جگر حضرت اسحاق کي قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو. پر خداوند ڪريم اسحاق جي بدران هڪ گهيٽو ميسر ڪيو. (ڏسو پيدائش باب 22 ۽ 8 آيت) "خدا پاڻيهي ساڙڻ واري قربانيءَ جي لاءِ گهيٽوموجود ڪري ڏيندو."

خداوند ڪريم ابراهيم سان واعدو ڪيو ته هو اسحاق



جي نسل مان ئي دنيا کي ڇوٽڪارو ۽ برڪت ڏيندو. اهو واعدو حضورالمسيح ۾ پورو ٿيو. عيسيٰ مسيح کي نبين ۾ شمار نه ڪندا آهيون. ڇالاءِ ته هو نبوت جي درجي کان اعليٰ آهي. مسيح خدا جو زنده ڪلام آهي. انهيءَ مسئلي تي اسين بعد ۾ غور ڪنداسون. حضورالمسيح کانپوءِ ڪيترائي ٻيا به نبي آيا. مثلاً يوحنا، پطرس، ۽ پولس وغيره. هو خدا جي ڪلام جي منادي ڪندا هئا، ۽ ماڻهن کي تلقين ڪندا هئا، ته مسيح تي ايمان آڻين. تڏهن به جيڪو شخص ماڻهن تائين خدا جو سچو ڪلام پهچائي ٿو، سو نبي سڏائي سگهي ٿو.

جيئن ته مسيحين جو نبين تي ايمان ٻين مذهبن کان ڪجهه مختلف آهي. تنهن ڪري آئون نبين جي متعلق ڪجهه صداقتن کي صفائي سان بيان ڪرڻ مناسب ٿو سمجهان:

1 - اسان کي ڪيترن ئي نبين جا نالا معلوم نه آهن ۽ نه ئي سندن پورو پورو تعداد معلوم آهي.

2 - جيتري قدر اسان کي معلوم آهي، ته سڀيئي نبي حضرت ابراهيم ۽ سندس فرزند حضرت اضحاق جي نسل مان هئا.

3 - خدا نبين کي اٽڪل ٻن هزارن سالن جي عرصي ۾ موڪليو.

4 - خدا نبين کي گهڻو ڪري بني اسرائيل قوم مان ئي پيدا ڪيو، ڇاڪاڻ ته خدا انهيءَ قوم کي چونڊيو هو ته جيئن بني اسرائيل جي ذريعي خدا پاڻ کي ساريءَ دنيا تي ظاهر ڪري.

5 - نبي بيگناهه نه هئا، پر هو اهڙا ايماندار فرد هئا، جن جا گناهه معاف ٿي چڪا هئا.

6 - نبي مختلف طبقن سان تعلق رکندا هئا. ڪي امير هئا تہ ڪي غريب هئا، ڪي عالم هئا تہ ڪي گهٽ پڙهيل، ڪي جوان هئا تہ ڪي ٻڍا.

7 - ڪن نبين جهڙوڪ ايلياه ۽ يحيٰ، ڪوبہ ڪتاب نہ لکيو، پر ڪن نبين مثلاً موسيٰ، دائود، يسعياه، يوحنا، ۽ پولس خدا جي پيغام کي ايندڙ نسلن جي هدايت لاءِ ڪتابي صورت ڏني.

8 - انهن نبين کي خدا جو ڪلام مختلف نمونن سان پهتو. ڪن خدا جي آواز کي ٻڌو، ڪن کي ملائڪن جي ذريعي ڪلام مليو. ڪن پيغمبرن خواب ڏنا ۽ خدا جو پيغام حاصل ڪيائون وغيره. انهيءَ ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي، تہ انهن مان ڪي اهڙا بہ هئا، جن جون دليون خداوند خدا پنهنجي ڪلام سان منور ڪيون. مطلب تہ انهن سيني کي اهو يقين هو، تہ خدا اسان کي هي پيغام ڏنو آهي. تنهن ڪري اهي وڏي ثبوت سان ائين چئي ٿي سگهيا، ۽ ”خداوند ائين ٿو فرمائي.“

9 - ڪيترن ئي نبين کي معجزن ڏيکارڻ جي طاقت ملي هئي ۽ اها ئي طاقت انهن جي پيغامن جي سچائيءَ کي ظاهر ڪندي هئي. مثلاً موسيٰ، اليشع، پطرس، وري بعض نبين کي معجزن ڏيکارڻ جي قدرت ڪانہ هئي. مثلاً يحيٰ نبي ۽ ٻيا.

عيسيٰ مسيح کان اڳ ۾ جيترا بہ نبي آيا، انهن ماڻهن



کي اهو ٻڌايو، تہ خدا ڪير آهي ۽ ماڻهن کان ڪهڙا ڪهڙا عمل ڪرائڻ چاهي ٿو. نبين ماڻهن کي خبردار ڪيو، تہ انهن تي خدا جو غضب نازل ٿيندو. نبين عام ماڻهن کي اهو بہ يقين ڏياريو، تہ جيڪڏهن انسان پنهنجن گناهن کان سچي توبهہ ڪندا ۽ خدا ڏانهن مڙندا تہ هو سندن گناه معاف ڪندو. ۽ کين برڪت ملندي.

خدا بني اسرائيل کي موسيٰ جي معرفت شريعت ڏني. فقط موسيٰ ئي هڪ اهڙو نبي هو جنهن شريعت ڏني. بعد ۾ آيل نبين ماڻهن کي اهائي تلقين ڪئي، تہ هو موسيٰ نبيءَ جي شريعت تي عمل ڪن. پر جيئن تہ انسان گنهگار هئا، تنهن ڪري هو خدا جي شريعت تي پورو عمل ڪري نہ سگهيا، چاڪاڻ تہ شريعت انسان کي بچائي نٿي سگهي. پر ان فقط هڪ آئيني جو ڪم ڏنو، جنهن ۾ ماڻهن پنهنجي شڪل ڏٺي تہ هو ڪيترا نہ گناهگار آهن، ۽ انهن کي هڪ ڇوٽڪاري ڏيندڙ جي ضرورت آهي، ۽ خداوند ڪريم انهيءَ ڇوٽڪاري ڏيندڙ کي موڪلڻ وارو آهي. جڏهن آئون اوهان سان عيسيٰ مسيح جو ذڪر ڪندس، تڏهن انهن پيشنگوئين جو بہ بيان ڪندس، جيڪي اڳين نبين هن جي باري ۾ ڪيون هيون ۽ جيڪي پراڻي عهدنامي ۾ ملن ٿيون.

بائيبل مقدس ۾ ڪي اهڙا حوالا بہ ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جن مان ظاهر ٿئي ٿو، تہ خدا انسان کانسواءِ ٻيون بہ هستيون پيدا ڪيون آهن جن کي اسين ملائڪ چئون ٿا. اهي روحاني هستيون آهن. ملائڪ خدا جي طرفان پيغام رسائيندڙ آهن. گهڻو ڪري نبين سڳورن ۽ ٻين چونديل فردن لاءِ ملائڪ ئي خدا جو پيغام

ڪٽي ايندا هئا. ملائڪ انساني شڪل ۾ ابراهيم خليل الله ۽ موسيٰ ۽ ٻين نبين تي ظاهر ٿيا. بائيبل مقدس ۾ فقط ٻن ملائڪن جا نالا ڏنا ويا آهن. هڪڙو جبرائيل ۽ ٻيو ميڪائيل. اهو جبرائيل فرشتو ئي هو، جنهن بيبي مريم کي ”پٽ“ جمڻ جي خوشخبري ٻڌائي هئي ته ”تون پٽ ڄڻيندينءَ، جنهن جو نالو عيسيٰ رکج.“ (لوقا 31:1)

فرمانبردار ملائڪن کانسواءِ ڪي ٻيون به روحاني هستيون آهن، جيڪي خدا جون اطاعت گذار نه آهن، بلڪ هن جون دشمن آهن. انهن سڀني جو شيطان سردار آهي. اڪثر مسيحي ائين سمجهندا آهن ته جڏهن شيطان پيدا ڪيو ويو تڏهن هو هڪ نيڪ هستي هو. مگر پوءِ هن تڪبر ڪيو ۽ خدا جي حڪمن جي خلاف بغاوت ڪيائين، نتيجو اهو نڪتو جو شيطان ۽ سندس پوئلڳ پنهنجن وڏن عهدن کان ڪيرايا ويا. هاڻي اهي سيئي زمين تي خدا جي ڪمن کي تباهه ڪرڻ لاءِ هر قسم جا هيلا هلائي رهيا آهن. اهو شيطان ئي هو جنهن عدن جي باغ ۾ ڏاڏي حوا کي برغلايو. شيطان عيسيٰ بن مريم کي خدا کان منحرف ٿيڻ ۽ سندس اطاعت کان ڪنارو ڪرڻ جي ترغيب ڏيڻ تي گهري، مگر ناڪام رهيو.

”پوءِ پاڪ روح عيسيٰ کي بيابان ۾ وٺي آيو ته جيئن شيطان کيس آزمائي ... شيطان هن وٽ آيو ۽ چيائينس ته ’جيڪڏهن تون خدا جو فرزند آهين ته هنن پٿرن کي حڪم ڪر ته مانيون ٿي پون‘ ... وري شيطان عيسيٰ کي هڪڙي اُتانهين جبل



تي وٺي ويو ۽ دنيا جون سيئي بادشاهتون ۽ سندن شان و شوڪت ڏيکاريائينس، ۽ چيائينس ته ’آئون تو کي هي سڀ شيون ڏيندس، جيڪڏهن تون هيٺ نوڙي مون کي سجدو ڪندين‘ ... پوءِ شيطان هن کي ڇڏي هليو ويو ۽ ملائڪ آيا ۽ اچي عيسيٰ جي خدمت ڪيائون.“ (متي 11-1:4)

جيتوڻيڪ شيطان ڏاڍو طاقتور آهي، پر تڏهن به خدا کان گهٽ آهي. مسيحين کي شيطان ۽ بدروحن کان جيڪي بيشمار انسانن کي روحاني ۽ جسماني ضرب رسائن ٿا، ڊڄڻ جي ضرورت نه آهي. ڇاڪاڻ ته اهي مسيح جي طاقت جي وسيلي انهيءَ لائق آهن، ته شيطان ۽ بدروحن جو مقابلو ڪري سگهن ۽ انهن تي غلبو حاصل ڪن. قيامت جي ڏينهن خدا شيطان کي زمين تان ڪٽي اهڙيءَ باهه ۾ غرق ڪندو جيڪا ڪڏهن به نه وسامندي. ”پوءِ شيطان جنهن کين گمراهه ڪيو هو، سو باهه ۽ گندرف جي ڍنڍ ۾ اڇلايو ويندو، جتي اهي ٻيئي حيوان اڇلايا ويا هئا. اُهي رات ڏينهن اُتي هميشه هميشه تائين عذاب پيا سهندا.“ (مڪاشفو 10:20)

* * * *

# پاڪ ڪتاب

منهنجا دوستو، اوهان کي چڱيءَ طرح اهو معلوم هوندو

تہ مسيحين ۽ يهودين کي شروع کان ئي اهل ڪتاب سڏيو ويندو آهي. ائين چوڻ، انهن لاءِ بلڪل مناسب آهي، ڇاڪاڻ تہ انهن ٻنهي پنهنجن مقدس ڪتابن جي حفاظت ڪرڻ ۾ ڪابہ ڪسر ڪانہ ڇڏي آهي.

اهي ڪهڙا ڪتاب آهن، جن کي مسيحي مقدس سمجهندا آهن؟ انهن ڪتابن جو ڪل تعداد 66 آهي. انهن مڙني ڪتابن کي هڪ جلد ۾ گڏ ڪري بائيبل يا مقدس ڪتاب چوندا آهن. بائيبل مقدس جا ٻہ حصا آهن. پهريون حصو جنهن کي پراڻو عهد نامو، چوندا آهن ۽ ٻيو حصو جنهن کي نئون عهد نامو چئجي ٿو.

(1) **(پراڻو عهد نامو)** هن حصي ۾ 39 ڪتاب آهن، جنهن کي يهودي ۽ مسيحي ٻئي مقدس ڪتاب ڪري مڃين ٿا. اهي سڀ عبراني زبان ۾ تحرير ٿيل آهن. اهي مختلف مصنفن اٽڪل هڪ هزار ورهيہ قبل از مسيح تحرير ڪيا. پهرين پنجن ڪتابن کي توريت شريف چوندا آهن. انهن ڪتابن جو مواد پaاڪ لکتن مان حاصل ڪيو ويو آهي ۽ حضرت موسيٰ انهن کي خدا جي هدايت سان قلمبند ڪيو. پهرين ڪتاب کي ”پيدائش“ چوندا آهن. جنهن ۾ دنيا جي تخليق، ابوالبشر حضرت آدم، ڏاڏي حوا ۽ حضرت نوح ۽ سندس زماني جي عظيم تر طوفان جو ذڪر ڪيل آهي. تنهن ڪانسواءِ حضرت ابراهيم جو احوال ٻہ، تہ هو ڪيئن ٻہ هزار



ق.م خدا جي حڪم جي اطاعت ڪندي پنهنجي ملڪ عراق کي خيرباد چئي، وڃي فلسطين ملڪ ۾ رهڻ قبول ڪيائين. جنهن ملڪ جو واعدو خدا هن سان ڪيو هو، تہ اهو ملڪ خدا حضرت ابراهيم کي ڏيندو. تنهن ڪانسواءِ پيدائش جي ڪتاب ۾ حضرت اضحاق، حضرت يعقوب ۽ حضرت يوسف جو ذڪر ٻہ ملي ٿو. هي اهو يوسف آهي، جنهن کي سندس ڀائرن غلام بنائڻ لاءِ مصرين وٽ وڪڻي ڇڏيو، جيڪو بعد ۾ فرعون بادشاهہ جو وزير بڻيو هو.

توريت شريف جا باقي چار ڪتاب اهو بيان ڪن ٿا، تہ ڪيئن حضرت موسيٰ خداوند ڪريم جي مدد سان اسرائيلين کي اٽڪل 1300 ق.م ۾ مصر مان ڪڍي فلسطين ملڪ ڏانهن وٺي ويو. اسرائيلي حضرت موسيٰ کي مليل شريعت جو تفصيل سان ذڪر ڪن ٿا خدا جيڪا شريعت حضرت موسيٰ کي ڪوه سينا تي عطا ڪئي هئي.

توريت شريف ڪانپوءِ تاريخي ڪتاب اچن ٿا. انهن ڪتابن ۾ اهو بيان ڪيو ويو آهي، تہ اسرائيلي قوم حضرت يشوع بن نون جي اڳواڻيءَ ۾ فلسطين ملڪ کي فتح ڪيو، وڏيڪ اهو ٻہ لکيل آهي، تہ اٽڪل هڪ هزار ق.م ۾ خداوند ڪريم سموئيل نبي کي زيتون جي تيل سان مسح ڪرڻ لاءِ موڪليو ۽ حضرت دائود جيڪو ان زماني جو بادشاهہ ٻہ هو، تہ نبي ٻہ بني اسرائيل جي بادشاهہ ٿيڻ لاءِ زيتون جي تيل سان مسح ڪيو. (مخصوص ڪيو) تہ جيئن هو پنهنجن دشمنن کي شڪست

ڏئي. تنهن کانسواءِ اهو بہ احوال ڏنل آهي، تہ حضرت دائود جي لائق فرزند حضرت سليمان جيڪو خود بہ نبي هو، تنهن خدا جي عبادت ڪرڻ لاءِ يروشلم ۾ هيڪل تعمير ڪرائي. سليمان بادشاهہ کانپوءِ سندس عظيم سلطنت تقسيم ٿي وئي، سندس اولاد يروشلم ۾ يهوداه جي قبيلي تي حڪومت ڪئي. تان جو 576 ق.م ۾ بابل جي فوجن يروشلم فتح ڪيو. اڪيچار يهودي قيدي بڻجي عراق ۽ فارس (ايران) ڏانهن هليا ويا. پنجاه سالن کانپوءِ فارس جي بادشاهہ شاهہ خورس بابل فتح ڪيو. هن يهودين کي آزاد ڪيو ۽ انهن کي اجازت ڏنائين، تہ يروشلم واپس موٽي وڃي هيڪل کي ٻيهر تعمير ڪن. يهودي يروشلم واپس موٽي آيا، پر جيئن تہ فلسطين ڌارين جي قبضي ۾ هو تنهن ڪري 586 ق.م کانپوءِ يهودين کي پنهنجو ڪوبہ حاڪم ڪونہ هو.

پراڻي عهدنامي جي تواريخي ڪتابن کانپوءِ مزامير اچن ٿا. مثلاً ايوب، پاڪ زبور ۽ مثل وغيره. ٻيا سورهن ڪتاب جدا جدا نبين جا تحرير ٿيل آهن. مثلاً يسعياه، يرمياه، حزقي ايل، داني ايل، ميڪاه، زڪريا ۽ ملاڪي وغيره. انهن مان اڪثر نبي 800 کان 400 ق.م جي وچ واري عرصي ۾ يهوداه جي علائقي ۾ سڪونت پذير هئا. معلوم ائين ٿو ٿئي، تہ ملاڪي نبي (430 ق.م) کان اٽڪل 400 سالن تائين خدا ڪوئي نبي نہ موڪليو. پوءِ يوحنا (حضرت يحيٰ) سن 26ع ۾ پنهنجي خدمت جي شروعات ڪئي.



(2) (**نئون عهدنامو**) نئين عهدنامي ۾ ٽوٽل 27 ڪتاب آهن. عيسيٰ مسيح جي وفات ۽ مئلن مان وري زنده ٿيڻ کان اٽڪل 50 سالن جي عرصي ۾ جدا جدا مصنفن يوناني زبان ۾ لکيا. پراڻي عهدنامي جو اصطلاح انهيءَ عهد کي ظاهر ڪري ٿو، جيڪو خدا بني اسرائيل سان حضرت موسيٰ جي معرفت ڪيو. هيٺ ڏجي ٿو..

”پوءِ خداوند موسيٰ کي فرمايو تہ ... ’مٿي چڙهي اچ‘ ... تڏهن موسيٰ ماڻهن وٽ اچي ڪين خداوند جون سموريون ڳالهيون ۽ سيئي حڪم ٻڌايا. سيني ماڻهن هم آواز ٿي جواب ڏنو تہ ’جيڪي بہ ڳالهيون خداوند فرمايون آهن، سي سڀ اسين مڃينداسين.‘ پوءِ موسيٰ خداوند جون سيئي ڳالهيون لکيون ۽ ٻئي ڏينهن صبح جو سوير اٿي جبل جي تري وٽ هڪڙي قربانگاهہ ٺاهي ۽ بني اسرائيل جي ٻارنهن قبيلن جي واسطي يادگار طور ٿنڀي جيان ٻارهن پٿر کوڙيائين...... تڏهن موسيٰ اهو ٿالهن وارو رت ڪٽي ماڻهن تي ڇنڪاريو ۽ چيائين تہ ’ياد رکو، هي انهيءَ عهد جو رت آهي جيڪو خداوند هنن سيني ڳالهين مطابق اوهان سان ڪيو آهي.‘ .“ (خروج 24:1-8)

نئون عهدنامو، انهي نئين عهد کي ظاهر ڪري ٿو، جيڪو خدا انهن ماڻهن سان ڪيو جيڪي مسيح تي ايمان آڻين ٿا. ”خداوند ٿو فرمائي تہ ’ڏسو، اهو وقت اچي ٿو جڏهن آئون اسرائيل توڙي يهوداه جي سيني قبيلن سان هڪڙو نئون عهد ڪندس ... تہ ننڍي کان وٺي وڏي تائين هر ڪو مون کي سڃاڻندو

هوندو. آئون هنن جون بدڪاريون معاف ڪندس ۽ سندن گناهن کي وري ڪڏهن بہ ياد نہ ڪندس.‘‘ (يرمياه 31:31-34) ”ساڳيءَ ريت کائڻ کانپوءِ پيالو کڻي چيائين تہ ’هيءُ پيالو خدا جو نئون عهد آهي، جيڪو منهنجي رت جي وسيلي قائم ڪيو ويو آهي. اهو رت اوهان جي لاءِ وهائجي ٿو.‘‘ (لوقا 20:22)

نئين عهدنامي جي پهرين چئن ڪتابن کي انجيل چئجي ٿو. هي هڪ يوناني لفظ آهي، جنهن جي معنیٰ آهي، *”خوشخبري“ اهي چار ئي ڪتاب مختلف مصنفن لکيا آهن. انهن ۾ عيسيٰ مسيح جي زندگي ۽ تعليم جا چار مختلف پهلو بيان ڪيا ويا آهن. اهي هڪ ٻئي جي ترديد نہ، پر تصديق ڪن ٿا. هنن جو مثال ائين آهي، جيئن ڪنهن شخص جون چئن طرفن کان چار تصويرون اتاريون ويون هجن. گهڻو ڪري اسين نئين عهدنامي کي انجيل شريف چئون ٿا.

انجيل شريف جي پنجين نمبر ڪتاب کي، ’رسولن جا ڪم‘ سڏيو وڃي ٿو. هي ڪتاب عيسيٰ مسيح جي موت ۽ زنده ٿي اٿڻ کانپوءِ ٽيهن سالن جي عرصي ۾ مسيحي ايمان جو يروشلم کان روم شهر تائين پکڙجي وڃڻ جو رڪارڊ آهي. هي ڪتاب خاص ڪري پولس رسول ۽ سندس خدمتن کي بيان ڪري ٿو. تنهن کانپوءِ 21 خط اچن ٿا، جيڪي پولس، پطرس ۽ يوحنا رسول رومي سلطنت جي جدا جدا شهرن ۾ مسيحي جماعتن يا ڪنهن اڪيلي شخص ڏانهن لکيا هئا. هنن خطن ۾ مسيحين کي نصيحت ڪئي وئي آهي، تہ هو ڪهڙي قسم جو ايمان رکن ۽



ڪيئن زندگي گذارين.

نئين عهدنامي جو آخري ڪتاب ”مڪاشفو“ آهي، جيڪو يوحنا رسول ڏنو هو. هن ڪتاب ۾ بي ايمان جي سزا جو ذڪر ٿيو آهي ۽ عيسيٰ مسيح جي ڪامل فتح ۽ خدا جي ازلي حڪومت جي جلال جو پڻ ذڪر ٿيل ملي ٿو.

يهودي ۽ مسيحي ٻئي پراڻي عهدنامي کي مڃين ٿا، مگر يهودي نئين عهدنامي کي الهامي ڪري نٿا مڃين. شايد توهان اهو معلوم ڪرڻ بہ گهرو ٿا تہ مسيحين جو انهن ڪتابن کي مقدس ۽ الهامي سڏڻ سان مطلب ڇا آهي؟ سڀ کان اول آئون اهو واضح ڪرڻ چاهيان ٿو تہ اسين ائين ڪونہ ٿا چئون تہ خدا اهي ڪتاب حرف بحرف لکرايا، جيئن هڪ وڏو آفيسر پنهنجي سيڪريٽريءَ کان خط لکائيندو آهي، ڇاڪاڻ تہ جڏهن اسين سڀني ڪتابن کي پاڙ ۾ پيٺيون ٿا تہ انهن جي لکت جي طرز ۾ فرق معلوم ٿو ٿئي. سليمان بادشاهہ پنهنجي والد حضرت دائود بادشاهہ جي طرز اختيار نہ ڪئي ۽ نہ وري پولس رسول، يوحنا رسول جي. جيئن تہ اهي مختلف شخصيتون هيون، تنهن ڪري سندن لکڻ جو رنگ ڍنگ بہ پنهنجو پنهنجو هو. هاڻي شايد توهان ائين چئو، تہ ان جو مطلب اهو ٿيو تہ انهن ڪتابن ۾ بہ ٻين ماڻهن جي لکيل ڪتابن وانگر غلطيون هونديون. نہ جناب اعلیٰ، ائين نہ آهي. جيتوڻيڪ انهن ڪتابن کي تحرير ڪرڻ وارا انسان هئا، مگر اسين مسيحي انهن سڀني پاڪ لکڻن کي ”خدا جو ڪلام“ ڪري مڃيون ٿا. اهو اسان جو ايمان آهي تہ جهڙي طرح خدا نبين

سان ڳالهايو ۽ پنهنجي سچائي ۽ مرضي انهن تي ظاهر ڪيائين ته جيئن اهي سندس پيغام، ماڻهن کي ٻڌائن. تهڙيءَ طرح خدا انهن ماڻهن تي به پنهنجي سچائي ظاهر ڪئي، جن کي هن انهن ڪتابن لکڻ لاءِ چونڊيو هو ۽ انهن جي خداوند ڪريم پاڪ روح سان رهنمائي به ڪئي ته جيئن اهي، جيڪي ڪجھ لکن سو درست هجي. تنهن ڪري هر هڪ مصنف پنهنجي قلم کي ۽ پنهنجي لياقت کي پاڪ روح جي رهنمائيءَ ۾ ڪتب آڻي، اسان لاءِ خدا جو ڪلام قلمبند ڪيو. جيئن ته انجيل شريف ۾ لکيل آهي، ته ”نبين جي ڪابه ڳالھ ڪڏهن به انسان جي پنهنجي مرضيءَ موجب ڪانه تي، بلڪ ماڻهو پاڪ روح جي رهنمائيءَ سان خدا جي طرفان ڳالهائيندا هئا.“(2-پطرس 1:21) جهڙي طرح خدا کين ٻڌايو، تهڙيءَ طرح هنن لکيو، سو بائيبل مقدس خدا جو لکيل ڪلام آهي.

اهو ئي سبب آهي جو اسين مسيحي بائيبل مقدس جو دنيا جي سيني ڪتابن کان وڌيڪ احترام ڪندا آهيون. اسان جو اهو ايمان آهي ته جيڪي ڪجھ خدا جي باري ۾ ڄاڻڻ جي ضرورت آهي ۽ جيڪي ذميواريون خدا ۽ انسان ذات جون اسان جي مٿان آهن، انهن سيني جي بابت هدايتون، اسان کي بائيبل مقدس مان ئي ملن ٿيون. هي مقدس ڪتاب اسان کي ڇوٽڪاري ڏيندڙ عيسيٰ مسيح جي باري ۾ ٻڌائي ٿو. جنهن ۾ اها قدرت آهي ته هو گنهگار انسان کي گناهه ڪرڻ کان ڦيرائي سگهي ۽ هن دنيا کي خدا جي مرضيءَ مطابق بڻائي سگهي. هن ڏس ۾ ڪجھ ٻيون



ڳالهيون به ذکر ڪرڻ جهڙيون آهن.

(1) جيتوڻيڪ دنيا ۾ ڪيترائي مسيحي فرقا آهن، تڏهن به اهي سيئي انهيءَ 66 ڪتابن کي مڃين ٿا ۽ انهن کي زندگي، تعليم ۽ تربيت لاءِ هڪ بي مثال رهبر تسليم ڪن ٿا.

(2) مسيحي ان ڳالھ تي ايمان نه ٿا رکن، ته نوان ڪتاب پراڻن ڪتابن کي منسوخ ڪن ٿا. مثلاً اسين اهو نه ٿا مڃون ته انجيل شريف جي نازل ٿيڻ کان پوءِ توريت شريف ختم ٿي ويو يا رد ٿي ويو.

عيسيٰ مسيح ان ڏس ۾ هيئن فرمايو، هيٺ ڏجي ٿو: ”اوهين ائين نه سمجھو ته آئون توريت ۽ نبين جي صحيفن کي منسوخ ڪرڻ لاءِ آيو آهيان. آئون انهن کي منصوخ ڪرڻ لاءِ نه پر مڪمل ڪرڻ لاءِ آيو آهيان “ (متي 17:5) اسڪولي ٻئي درجي جا ڪتاب پهرين درجي جي ڪتابن جي ترديد نٿا ڪن ۽ نه وري انهن کي منسوخ ڪن ٿا. بلڪ پهرين ڪتابن جي معلومات ۾ واڌارو ڪن ٿا. اهڙي طرح جيڪي ڪتاب خدا بعد ۾ ڏنا اهي اڳين کي منسوخ نٿا ڪن. پر انهن ديوانن جي مدد سان اسين خدا جي سچائيءَ کي پاڻ چڱيءَ طرح سمجهي سگهون ٿا. پويان ڪتاب پهرين ڪتابن ۾ بيان ٿيل حقيقتن کي وڌيڪ صفائي سان بيان ڪن ٿا. تنهن ڪري اسين مسيحي انهن ڪتابن جو اڀياس ڪندا آهيون ته جيئن اسين اهي سڀ ڳالهيون سکون. جيڪي خدا اسان کي سيکارڻ چاهي ٿو. فرض ڪريو ته جيڪڏهن ڪوئي شخص اهڙو ڪتاب لکي جيڪو بائيبل مقدس جي مطابق نه هجي ته

اسان کي هڪدم خبر پئجي ويندي تہ اهو ڪتاب خدا جي طرفان نہ آهي. چاڪاڻ تہ خدا جي ڪلام ۾ تضاد ٿي نٿو سگهي.

(3) شايد اوهان اهو الزام ٻڌو هوندو، تہ مسيحين بائيبل مقدس ۾ ڦير گهير ڪئي آهي. مگر آئونءَ اوهان کي يقين سان ٿو چوان تہ ان ڳالهہ ۾ نالي ماتر بہ سچائي ڪانہ آهي. مسيحي پنهنجن پاڪ ڪتابن سان بيحد محبت ڪندا آهن. هو ڪنهن کي بہ ان ڳالهہ جي اجازت ڏئي نٿا سگهن تہ ڪوئي سندن ڪتابن ۾ ڦير گهير ڪري، تنهن ڪانسواءِ يوناني زبان ۾ هٿ سان لکيل مقدس ڪتاب جا اهڙا نسخا اڄ تائين محفوظ آهن، جيڪي سورهن سئو سال اڳ تحرير ڪيا ويا. جيئن تہ خداوند ڪريم سڀني انسانن لاءِ پنهنجو ڪلام عطا ڪيو آهي. انهيءَ سبب جي ڪري مسيحي پاڪ ڪتاب جو مختلف زبانن ۾ ترجمو ڪن ٿا تہ جيئن سڀئي انسان پاڪ ڪتاب جو پنهنجي مادري زبان ۾ اڀياس ڪري سگهن. بائيبل مقدس يا ان جي حصن جو سورهن سئو زبانن ۾ ترجمو ٿي چڪو آهي مگر سڀني جو سنيهو ساڳيو ئي آهي. ڇا اوهان کي اها خبر آهي، تہ هن ڪائنات ۾ فقط بائيبل مقدس ئي اهڙو ڪتاب آهي، جنهن جون هر سال ٻين ڪتابن جي مقابلي ۾ وڌيڪ ڪاپيون فروخت ٿين ٿيون؟ جيڪڏهن ماڻهن کي اهو يقين هجي ها تہ هي هڪ ڪوڙو ۽ تحريف شده ڪتاب آهي تہ پوءِ هي ڪتاب ڪڏهن بہ ايترو مقبول ۽ هردلعزيز نہ ٿئي ها.



تنهن ڪانسواءِ خدا تعاليٰ، جنهن اهو ڪلام دنيا ۾ رهندڙ بني نوع انسان جي رهنمائيءَ ۽ دستگيريءَ لاءِ عطا ڪيو. اهو انهيءَ ڳالهہ جي ڇڙواڳي جي ڪڏهن بہ اجازت نہ ڏيندو تہ ڪوئي سندس ڪلام ۾ ڦير گهير ڪري، جنهن کي پڙهڻ ڪانپوءِ حضرت انسان گمراهي جي اونهي سمنڊ ۾ غرق ٿي وڃي. خدا پنهنجي ڪلام جو پاڻ محافظ آهي ۽ هزارن سالن کان ان جي حفاظت ڪري رهيو آهي. تنهن ڪري اهو ڪلام اعتبار جي لائق آهي.

(4) بائيبل جي بابت ذڪر ڪرڻ لاءِ هڪ ڳالهہ هيءَ بہ آهي، تہ جيتوڻيڪ ان ڪتاب کي 15 سئو سالن جي عرصي ۾ ڪيترن ئي ليکڪن لکيو، تڏهن بہ ان جو پيغام هڪڙو ئي آهي. هي ڪتاب اسان کي ٻڌائي ٿو تہ خدا ڪير آهي؟ خدا ماڻهن کان ڇا ڪرائڻ چاهي ٿو ۽ خدا گنهگار انسان کي گناهہ کان بچائڻ لاءِ ڇا ڪيو آهي؟ انهيءَ مان صاف ظاهر آهي، تہ هن ڪتاب جي لکڻ وارو انسان نہ، پر خود خدا آهي.

5. مقدس ڪتاب جي بابت ٻي قابل ذڪر ڳالهہ هيءَ آهي، تہ ان کي سمجهڻ ڏاڍو آسان آهي. جيتوڻيڪ گهڻو وقت گذريو جو هي ڪتاب پراڻين ٻولين ۾ لکيو ويو هو، پر ان جو ترجمو دنيا جي هر ٻوليءَ ۾ ٿي سگهي ٿو ۽ هڪ ٿوري علم وارو انسان بہ هن جي پيغام کي چڱيءَ طرح سمجهي سگهي ٿو، مون دنيا جي پوئتي پيل علائقن جي ڪيترن ئي مردن ۽ عورتن بابت ٻڌو آهي تہ انهن بنا ڪنهن استاد جي مدد کان ڪلام مقدس کي پڙهڻ شروع ڪيو ۽ ان جي روشنيءَ ۾

پنهنجن گناهن کان توبهه ڪري ڇوٽڪارو حاصل ڪيائون.

بيشڪ اها ڳالهه درست آهي ته مسيحي عالمن هن عظيم ۽ لافاني ڪتاب جا ڪيترائي تفسير لکيا، جيڪي خدا جي عظيم ڪلام کي سمجهڻ ۾ ڏاڍي مدد ڏين ٿا. وڏي* ڪليسيا پڻ مسيحي تعليم کي عقيدي جي صورت ۾ پيش ڪيو آهي. اهو عقيدو ايماندارن ۾ سچائيءَ جي طرف رهنمائي ڪري ٿو، پر حقيقت اها آهي ته جي ان کي ڌيان سان پڙهجي ته اهو عقيدو پنهنجو مطلب پاڻ بيان ڪري ٿو. بائيبل مقدس اسان کي، خدا ۽ ڇوٽڪارو، خدا ۽ انسان جو تعلق، تنهن کان سواءِ خدا ۽ انسان جي تعلق بابت جيڪي اسان جون ذميواريون آهن تن جي باري ۾ به ٻڌائي ٿو. تنهن ڪري هر هڪ مسيحي جو فرض آهي ته بائيبل مقدس جو مطالعو ڪري ۽ ان کي ٻين عالمن جي مدد سان سمجهڻ جي ڪوشش ڪري. گهڻن مسيحين اها عادت ٺاهي ڇڏي آهي ته اهي روزانو پاڪ ڪلام کي پڙهن ٿا ۽ ان تي سوچ ويچار ڪن ٿا.

شايد اوهان ان ڳالهه تي حيران ٿيو، ته مون اهو ڇو نه بيان ڪيو، ته انجيل مقدس عيسيٰ مسيح لکيو يا خدا جي طرفان هن تي نازل ٿيو. جيتري قدر اسان کي معلوم آهي، مسيح ڪو به ڪتاب تحرير نه ڪيو ۽ نه وري خدا مٿس ڪو به ڪتاب نازل ڪيو. آئون اهو بعد ۾ بيان ڪندس، ته عيسيٰ مسيح خود خدا جو زنده ڪلام آهي. خدا نه فقط هن جي وسيلي انسان سان ڪلام ڪيو، پر مسيح جي ذات، طبيعت ۽ عمل بلڪ سندس اٿڻ ويهڻ،



مطلب ته سندس ساري زندگي اسان لاءِ پيغام هئي. مسيح خدا جو ڪامل مظهر هو. تنهن ڪري خدا، متي، يوحنا ۽ پولس رسول ۽ ٻين جي رهنمائي ڪئي ته اهي تحريري ڪتابن جي وسيلي مسيح خداوند جي عڪاسي ڪن ته جيئن اسين سندس ديدار ڪري سگهون ۽ انهن جي ذريعي خدا جي پيغام کي ٻڌي سگهون.

عزيز دوستو،

پڙهڻ سان انهيءَ ڳالهه جو احساس ٿيو هوندو، ته بائيبل مقدس ڪيتري قدر نه اهم آهي ۽ ان جو اڀياس ڪرڻ ۽ مضمونن کي سمجهڻ به تمام ضروري آهي. چاڪاڻ ته بائيبل مقدس کي اڀياس ڪرڻ سان ئي مسيحي مذهب جي باري ۾ معلومات حاصل ٿئي ٿي ۽ گناهن کان ڇوٽڪاري جي واٽ معلوم ٿئي ٿي. مون کي اميد آهي ته اوهان* بائيبل مقدس جي هڪڙي ڪاپي ضرور حاصل ڪري اڀياس ڪندا. پهريون نئون عهدنامو پڙهي مڪمل ڪرڻ ڪانپوءِ پراڻي عهدنامي کي چڱيءَ طرح سمجهي سگهندا. شل! خدا پنهنجي ڪلام جي معرفت اوهان سان هم ڪلام ٿئي.

* * * *

# عيسيٰ مسيح جي پيدائش

# ۽ زندگيءَ جو احوال

پيارا دوستو، هاڻي اسين مسيحي ايمان جي سڀ کان ضروري حصي تي اچي ويا آهيون، يعني تہ ”عيسيٰ مسيح ڪير آهي.“ ۽ سندس انسان ۽ خدا سان ڪهڙو رشتو اٿس. پر سڀ کان پهريائين آئون سندس زميني زندگيءَ جي باري ۾ ذڪر ڪندس. اهو سمورو بيان اسان کي انجيل مقدس جي پهرين چئن ڪتابن ۾ ملي ٿو.

هڪڙي ڏينهن جبرائيل ملائڪ مريم نالي هڪ ڪنواري ڇوڪري کي خوشخبري ٻڌائي، هيئن ڏجي ٿو: ”خدا جبرائيل ملائڪ کي گليل جي شهر ناصرت ۾ موڪليو. هو هڪ ڪنواري ڇوڪريءَ وٽ آيو ... مريم ملائڪ جي پيغام تي ڏاڍي پريشان ٿي... تڏهن ملائڪ چيس تہ ’مريم، ڊڄ نہ، ڇالاءِ جو خدا تو تي مهربان آهي. توکي پيٽ ٿيندو ۽ تون پٽ ڄڻيندينءَ، جنهن جو نالو عيسيٰ رکج‘ ... تڏهن مريم چيو تہ ’آئون خدا جي ٻانهي آهيان، شل ائين ئي ٿئي جيئن توهان چيو.‘ پوءِ ملائڪ وٽانئس هليو ويو.“ (لوقا 1:26-38) ملائڪ ٻار جي بابت ٻڌايو، تہ هو خدا تعالىٰ جو فرزند سڏائيندو ۽ سندس بادشاهت جي حد نہ هوندي، اهو يسعياه نبيءَ جي پيشنگوئي موجب هو. جيڪا اٽڪل مسيح جي ولادت کان ست سئو سال اڳ ۾ ڪئي وئي هئي: تہ، ”ڏسو، هڪ ڪنواري پيٽ سان ٿيندي، جنهن کي پٽ ڄمندو.“ (يسعياه 14:8)



تنهن کان پوءِ حضورالمسيح جي ولادت بيت لحم ۾ ٿي، جتي اٽڪل هڪ هزار سال اڳ حضرت دائود جيڪو بادشاهہ پڻ هو، سو ڄائو هو. بيت لحم، يروشلم جي پرسان هڪ ننڍو ڳوٺ آهي. هڪ ٻئي نبي جنهن جو نالو ميڪاه هو، تنهن بہ ست سئو ق.م ۾ پيشنگوئي ڪئي هئي تہ مسيح بيت لحم ۾ پيدا ٿيندو، ”پر هوڏانهن خداوند بيت لحم اِفرات کي فرمائي ٿو تہ ’جيتوڻيڪ تون يهوداه جي ننڍن ننڍن شهرن مان هڪ آهين، تڏهن بہ تو منجهان هڪڙو اهڙو شخص پيدا ٿيندو جيڪو منهنجي طرفان بني اسرائيل جو حڪمران بڻبو. انهيءَ حڪمران جو گهراڻو پراڻي زماني کان وٺي قائم آهي.“ (ميڪاه 2:5) مسيح جي ولادت وقت ملائڪ ريڍارن کي بہ خوشخبري ڏني جيڪي بيت لحم ڀاهران رڍون چاري رهيا هئا هيئن ڏيجي ٿو: ”اڄ دائود جي شهر ۾ اوهان لاءِ هڪڙو ڇوٽڪاري ڏيڻ وارو ڄائو آهي، جو مسيح خداوند آهي.“ (لوقا 11:2) بيبي مريم بتول يوسف واڍي جي زال ٿي، پوءِ يوسف، مسيح جي سنڀال پيءُ جي حيثيت ۾ ڪئي.

حضورالمسيح ناصرت نالي هڪ ڳوٺ ۾ جتي پليو ۽ وڏو ٿيو هو. اتي واڍڪو ڪم ڪندو هو. ٽيهن سالن تائين مسيح نہ تعليم ڏني ۽ نہ ڪوئي معجزو ڪري ڏيکاريو، ۽ نہ وري عوام کي اها خبر هئي تہ جنهن مسيح جا اهي منتظر آهن، سو اهو ئي آهي.

جڏهن مسيح ٽيهن ورهين جو ٿيو، تڏهن هن اهو ڪم شروع ڪيو، جنهن لاءِ پاڻ زمين تي آيو هو. انهيءَ وقت هن

ناصرت جي ننڍي ڳوٺ کي خيرباد چئي، يوحنا نبيءَ (يحيٰ) ڏانهن ويو، جيڪو عوام کي خدا جو پيغام ڏيندو هو. جيڪي ماڻهو پنهنجي گناهن کان توبهه ڪري ايمان آڻيندا هئا هو انهن کي يردن درياءَ ۾ بپتسما ڏيندو هو. بپتسما انهيءَ ڳالهه کي ظاهر ٿي ڪري تہ سندن گناهہ معاف ٿي ويا آهن. جيتوڻيڪ* مسيح کان ڪو بہ گناهہ ڪونہ ٿيو هو، مگر هن يحيٰ نبيءَ کي بپتسما ڏيڻ لاءِ زور پريو ۽ يحيٰ نبيءَ بپتسما ڏني. جڏهن عيسيٰ مسيح پاڻيءَ کان ٻاهر نڪتو، تہ خدا جو پاڪ روح مثل ڪبوتر جي شڪل ۾ نازل ٿيو. يحيٰ ۽ مسيح ٻنهي خدا جو آواز ٻڌو، تہ ”هي منهنجو پيارو فرزند آهي ۽ آئون هن مان ڏاڍو خوش آهيان.“ (متي 17:3) (آئون لفظ پٽ جو مطلب بعد ۾ بيان ڪندس.) پوءِ مسيح بيابان ۾ ويو ۽ چاليهه ڏينهن روزو رکيائين، عين انهيءَ وقت شيطان ڏاڍي ڪوشش ڪئي، تہ کيس گمراهہ ڪري، تہ جيئن هو خدا جي نافرماني ڪري، مگر شيطان ان حرڪت ۾ ڪامياب نہ ٿيو. (ڏسو متي 4:1-11)

شيطان تي غالب پوڻ کانپوءِ، مسيح وري موٽي يحيٰ نبي وٽ آيو. يحيٰ نبي مسيح کي ڏسي پنهنجن شاگردن کي چوڻ لڳو تہ هيٺ ڏجي ٿو: ”ڏسو، هي خدا جو گهيٽو آهي، جيڪو دنيا جا گناهہ کڻي وڃي ٿو ... مون اهو ڏٺو آهي ۽ شاهدي ٿو ڏيان تہ هيءُ خدا جو فرزند آهي.“ (يوحنا 1:29-34) مسيح کي گهيٽو سڏيندي يحيٰ نبيءَ اهو ظاهر ڪري ڇڏيو، تہ مسيح ساري جهان جي گناهن جي عيوض پنهنجو پاڻ کي قربان ڪندو ۽ موت جو مزو چکيندو.



پوءِ مسيح پنهنجن شاگردن کي چونڊڻ لڳو. جن مان پوءِ 12 رسول ٿيا. هي عام ماڻهو نہ هئا. متي محصول وٺڻ وارو هو. پر جڏهن انهن اهو محسوس ڪيو، تہ عيسيٰ ئي ”مسيح“ آهي جنهن جو واعدو ٿيل آهي، تہ هو پنهنجو سڀ ڪجهہ ڇڏي بنا ڪنهن لالچ جي پنهنجي مالڪ ۽ خداوند جي پنيان ٽن سالن تائين هلندا رهيا. انهن ٽن سالن ۾ مسيح کين تربيت ڏني، تہ جيئن مسيح جي آسمان تي وڃڻ کان پوءِ تبليغ جي ڪم کي جاري رکي سگهن.

يحيٰ نبي وانگر عيسيٰ مسيح بہ عام ماڻهن ۾ منادي ڪرڻ شروع ڪري ڏني، سندس فرمان هو تہ ”وقت اچي پريو آهي ۽ خدا جي بادشاهت ويجهي آئي آهي، سو توبهہ ڪريو ۽ خدا جي خوشخبريءَ تي ايمان آڻيو.“ (مرقس 15:1) هو هر هڪ موقعي تي عبادت خانن، گهرن يا کليل ميدانن ۾ خدا جو ڪلام ٻڌائيندو هو، عام ماڻهو سندس طرز ڪلام ۽ صاحبِ اختيار ڏسي حيران ٿي ويندا هئا. ڇاڪاڻ تہ هو ڪنهن نبيءَ وانگر نہ بلڪ خدا وانگر ڪلام ڪندو هو. نبي ماڻهن کي چوندا هئا، تہ ”ٻڌو، خدا ڇا ٿو چوي.“ پر مسيح فرمائيندو هو تہ ”آئون اوهان کي چوان ٿو“ وغيره وغيره.

پوءِ هن مريضن کي فقط حڪم ڏيڻ يا انهن جي جسمن کي ڇهڻ سان شفا ڏيڻ شروع ڪئي. مثلاً هڪ ڪوڙهئي سندس پيرن تي ڪري عرض ڪرڻ لڳو تہ ”جيڪڏهن اوهين چاهيو تہ مون کي چٽائي پاڪ صاف ڪري سگهو ٿا.“ مسيح ان ڪوڙهي

كي ڇهيو ۽ چيائينس ته ”آئون چاهيان ٿو ته تون پاڪ صاف ٿيءُ.“ (مرقس 40:1) بس ايترن لفظن کان پوءِ هن کي هڪدم شفا ملي ويئي. ڪيترائي ماڻهو جن ۾ ڀوت هئا، هن وٽ آيا ۽ بنا ڪنهن دير جي شفا حاصل ڪيائون. هن انڌن کي هٿ لاتو ته انهن کي ديد ملي وئي. ايتري تائين جو مسيح مئلن کي جيئرو ڪيو. انهن ڳالهين ۽ حالتن کي ڏسي ڪيترائي ماڻهو هن جي چوڌاري جمع ٿيڻ لڳا. ڪڏهن ڪڏهن هو عام ماڻهن کي تعليم ڏيڻ ۽ شفا بخشڻ ۾ ايترو ته محو هوندو هو، جو ماني کائڻ جو وقت به مشڪل سان ملندو هوس. هو پنهنجن ضرورتن کي وساري، ٻين جي لاءِ پنهنجي محبت کي ظاهر ڪندو رهندو هو. مسيح ڪڏهن به اهڙو ڪو معجزو ڪونه ڏيکاريو، جنهن مان ڪيس انفرادي فائدو حاصل ٿيو هجي، يا پنهنجي طاقت جو مظاهرو ڪيل هجيس، يا وري عام ماڻهن کي حيران ڪري انهن کان واه واه ڪرائيندو هجي. هن پنهنجي سموري طاقت عام ماڻهن جي ڀلي لاءِ ۽ شفا لاءِ ۽ غمگين ماڻهن کي دلجاءِ ڏيڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏي هئي. اهڙيءَ طرح هن عام ماڻهن لاءِ خدا جي عظيم محبت کي ظاهر ڪيو. هڪڙي دفعي جڏهن ضرورتمند ۽ مسڪين ماڻهو سندس چوڌاري جمع ٿيا، تڏهن هن محبت ڀريل ۽ تسلي بخش لفظ چيا، ”اوهين سڀ جيڪي ڳرا بار کڻي ٿڪجي پيا آهيو سي مون وٽ اچو، آئون اوهان کي آرام ڏيندس.“ (متي 27:11) جيڪو به وٽس آيو تنهن کي خالي نه موٽايائين.

هڪڙي دفعي هڪ اڌ رنگ واري ماڻهوءَ کي سندس ٽي



ڪٽولي تي کڻي اچي مسيح وٽ رکيائون. انهيءَ وقت ئي حضور المسيح اهو ڄاتو ته هن مريض کي نه فقط جسماني پر روحاني محبت جي به ضرورت آهي. ”ڪن ماڻهن هڪ اڌرنگي شخص کي آندو ... عيسيٰ انهن جو ايڏو ايمان ڏسي اڌرنگي شخص کي چيو ته ’پٽ، تنهنجا گناهه بخشجي ويا.‘ پر اتي ڪي شريعت جا عالم ويٺا هئا سي پنهنجين دلين ۾ دليل ڏوڙائڻ لڳا ته ’هي ماڻهو ائين ڇو ٿو چوي؟ هو ڪفر ٿو بڪي. ڇا خدا کان سواءِ ڪو ٻيو گناهه بخشي سگهي ٿو؟‘ عيسيٰ هڪدم انهن جي دلين جي دليلن کي ڄاڻي ورتو، سو انهن کي چيائين ته ’ڇو اوهين پنهنجين دلين ۾ اهڙا دليل ڏوڙايو ٿا؟ ... پر آئون اوهان تي ثابت ڪندس ته ابن آدم کي دنيا ۾ ماڻهن جي گناهه بخشڻ جي اختياري مليل آهي.‘ سو عيسيٰ اڌرنگي شخص کي چيو ته ’آئون توکي چوان ٿو ته پنهنجو ڪٽولو کڻ ۽ گهر هليو وڃ.‘“ (مرقس 2:1-13)

تنهن وقت کان وٺي يهودي مذهبي پيشوا مسيح جي مخالفت ڪرڻ لڳا، ڇاڪاڻ ته اهي مسيح جي عام ماڻهن سان هر دلعزيزي تي حسد ڪندا هئا. هنن مسيح تي تنقيد ڪرڻ به شروع ڪري ڏني، ته ”هو گنهگارن سان ملي جلي ٿو ۽ سبت جي ڏينهن بيمارن کي شفا ڏئي ٿو، جلد ئي سندن بغض ايترو ته وڌي ويو جو مسيح کي قتل ڪرڻ جو ارادو ڪيائون. (اهو احوال ڏسو مرقس جو انجيل 5:2 آيت کان 6:3 آيت تائين) عيسيٰ مسيح ان ڳالهه کي بخوبي ڄاڻندو هو، ته جي هو چاهي ها، ته پنهنجي الاهي قدرت سان، جنهن سان هن مئلن مان وري جيئرو ڪيو، پنهنجن دشمنن

۽ مخالفن کي ختم ڪري ڇڏي ها. پر هن ائين نہ ڪيو الٽو پنهنجن شاگردن کي اهو سيکاريائين تہ هو پنهنجن دشمنن سان بہ محبت ڪن ۽ انهن جو عملي ثبوت ڏين.

انهيءَ زماني ۾ يهودي قوم آزاد نہ هئي، متن رومي ماڻهو حڪومت ڪندا هئا. يهودي رومين کان آزادي حاصل ڪرڻ ٿي گهري. تنهنڪري انهن مسيح کي بادشاهہ بنائڻ ٿي گهريو، چاڪاڻ تہ انهن ڏٺو هو تہ مسيح پنجن هزارن ماڻهن کي فقط پنجن مانين ۽ ٻن ڪرڙين (مڇين) سان ڪارائي ڍءُ ڪرايو هو، تہ يهودي هيڪاري مسيح کي ذوريءَ جهلي پنهنجو بادشاهہ ٿي ڪيو، (ڏسو وڌيڪ تفصيل يوحنا 6:1-15 ۾ ) يهودين کي اهو يقين هو، تہ جڏهن مسيح سندن فوجين جي سالاري ڪندو تہ پوءِ انهن جي فوجن کي ڪابہ طاقت شڪست ڏئي نہ سگهندي. پر عيسيٰ مسيح دنياوي بادشاهہ ٿيڻ کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو، چاڪاڻ تہ هن جي بادشاهت دنياوي نہ، پر روحاني هئي. هن يروشلم ۾ تخت تي ويهي نہ، بلڪہ انسان جي دل ۾ سڪونت پذير ٿي راڄ ڪرڻ ٿي گهريو. جڏهن عوام ڏٺو تہ اهي مسيح کي پنهنجي سياسي مقصد واسطي هڪ هٿيار جي صوروت بڻائي نہ سگهيا، تڏهن ڪيترا ئي مسيح جا مخالف ٿي پيا. مسيح هميشہ خدا جي اطاعت ڪندو رهندو هو ۽ ماڻهن کي خوش ڪرڻ کان انڪار ڪندو هو.

ٻپتسما وٺڻ کان اٽڪل اڍائي سال پوءِ جڏهن يهودي سردار سندس سخت مخالفت ڪرڻ لڳا، تڏهن هن پنهنجن حوارين



کان پڇيو تہ "ماڻهو منهنجي لاءِ ڇا ٿا چون؟" هنن جواب ۾ کيس وراڻيو تہ "ماڻهو اوهان کي گذريل زماني جو هڪ وڏو نبي ٿا سمجهن جيڪو موٽي زمين تي آيو آهي." پر عيسيٰ وري انهن کان سوال پڇيو، تہ "اوهين مون کي ڇا ٿا سمجهو؟" پطرس رسول هڪدم جواب ڏنو، تہ "اوهين زندهہ خدا جا فرزند مسيح آهيو." تڏهن مسيح پطرس کي برڪت ڏني ۽ فرمايو، تہ هو پطرس ۽ ان جهڙن ايماندارن تي پنهنجي ڪليسيا (جماعت) ٺاهيندو ۽ ڪابہ شئي ڪليسيا تي غالب اچي نہ سگهندي.

پوءِ هن پنهنجي حوارين کي ٻڌايو تہ هو يروشلم ويندو ۽ اتي هن تي يهودي سردار موت جي فتويٰ صادر ڪندا. پر هو (مسيح) ٽئين ڏينهن مئلن مان زنده ٿي اٿندو. شاگرد، جيڪي پنهنجي مالڪ ۽ خداوند (مسيح) سان محبت ڪندا هئا. سي ڏاڍا پريشان ۽ وائڙا ٿي ويا. تنهن تي پطرس کيس چيو تہ "شل خدا ائين نہ ڪري! اوهان سان ائين اصل نہ ٿيندو." پر عيسيٰ مسيح پطرس کي جهڙڪيو ۽ چيو، تہ "تنهنجي خيال ۾ تہ آئون موت جو مزو نہ چکيان، اهو سراسر شيطان جي طرفان آهي." مسيح کي اها خبر هئي، تہ هو ماڻهن جي گناهن جي ڪفاري ڏيڻ لاءِ صليب تي چڙهي قرباني ڏيندو، جيڪو بہ ان ڳالهہ جي مخالف ٿو ڪري سو شيطان جي هٿن ۾ کيڏي ٿو.

پوءِ مسيح پنهنجن حوارين کي ٻڌايو، تہ اُهي بہ* پنهنجو صليب کڻن. يعني اُهي بہ پنهنجي آقا مسيح جي خاطر موت جي منهن تائين وڃڻ لاءِ بلڪل تيار رهن. انجيل جواحوال هيٺ ڏجي

ٿو. ”پوءِ عيسيٰ پنهنجن شاگردن کي ٻڌايو تہ ’جيڪڏهن ڪو منهنجي پٺيان هلڻ گهري تہ هو پنهنجي خوديءَ کي ماري ۽ پنهنجي صليب کڻي منهنجي پٺيان هلي.“ (متي 16:24، مفصل بيان متي 16:13-26) آيت ٿائين آهي. جڏهن مسيح اهو خود فرمايو، تہ ”هو ضرور قتل ڪيو ويندو.“ ۽ شاگردن کي پنهنجي خداوند مسيح جي خاطر ڏک ۽ سختيون سهڻ لاءِ تيار رهڻ گهرجي. تڏهن انهن جو مسيح سان گڏجي رهڻ مشڪل ٿي پيو، پر ڪوبہ انهن حوارين مان مسيح کي ڇڏي ڪونہ هليو ويو. ڇهن مهينن جي عرصي گذرڻ کانپوءِ جڏهن مسيح يروشلم ويو، تہ سندس حواري بہ هن سان گڏ ويا. انهي وقت فلسطين ۾ بهار جي موسم هئي، ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان يهودي* فسح جي عيد ملهائڻ لاءِ يروشلم ۾ جمع ٿي ويا هئا. هيءَ عيد مصر مان آزاد ٿيڻ جي خوشيءَ ۾ ملهائي ويندي هئي، تنهن ڪري مسيح ۽ سندس شاگرد بہ ماڻهن سان گڏجي يروشلم ۾ فسح جي عيد ملهائڻ لاءِ ويا. مسيح موعود جي زميني زندگيءَ جا آخري واقعا تفصيل سان انجيل ۾ بيان ڪيا ويا آهن. آئون هتي انهن جو مختصر بيان ڪندس.

آچر جي ڏينهن ڪوڏڙي تي سوار ٿي مسيح يروشلم ۾ داخل ٿيو. انهيءَ واقعي کانپوءِ ڪيترا سئو سال اڳ زڪريا نبيءَ پيشنگوئي ڪئي هئي: ”اي صيئون جا رهاڪو! سرها ٿيو،هائو، اي يروشلم جا رهاڪو! خوشيءَ وچان نعرا هڻو. ڏسو، توهان جو بادشاهہ توهان وٽ اچي ٿو، جيڪو سچار ۽ فاتح آهي. انهيءَ



هوندي بہ هو ايترو تہ حليم آهي، جو گڏهہ جي ٻچڙي يعني ڪوڏڙي تي سوار آهي.“ (ذڪرياه 9:9)

مسيح، هيڪل (يهودي عبادت گاهہ جو نالو آهي) ۾ ويو ۽ اتان واپارين کي لوڏي ٻاهر ڪڍي ڇڏيائين، ڇاڪاڻ تہ هو خدا جي گهر جي بيحرمتي ڪري رهيا هئا. هن مذهبي سردارن جي بي ايمانيءَ ۾ صيون کي سخت ننديو. مسيح سزا طور، هيڪل جي بربادي ءَ جي پيشنگوئي ڪئي ۽ ماڻهن کي آگاهہ ڪيو، تہ هو ڪوڙن نبين کان خبردار رهن، جيڪي انهن کي گمراهہ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا.

مسيح خود ان ڳالهہ جو اعلان ڪيو تہ هو وڏي قدرت ۽ جلال سان موٽي ايندو ۽ پوءِ سيني قومن جو انصاف ڪندو. انهيءَ وقت هو پنهنجن پوئلڳن جي خدا جي بادشاهت ۾ آجيان ڪندو ۽ ٻين کي دوزخ ۾ وجهندو.

خميس جي شام جو هن دستور مطابق پنهنجن شاگردن سان فسح جي عيد جو خاص طعام نوش ڪيو ان وقت هن ماني ڪنئي ۽ پنهنجن شاگردن ۾ ورهائيندي فرمايائين، ”پوءِ عيسيٰ پيالو کڻي شڪر ڪري چيو تہ ’اچي، هي وٺو ۽ پاڻ ۾ ورهايو. ڇالاءِ جو آئون اوهان کي ٻڌايان ٿو تہ اڄ کان پوءِ آئون هي انگوري رس وري نہ پيئندس، جيستائين خدا جي بادشاهت نہ ايندي.‘ پوءِ ماني کڻي شڪر ڪري ڀڳائين ۽ هنن کي ڏيندي چيائين تہ ’هيءُ منهنجو بدن آهي، جو اوهان جي لاءِ ڏنو وڃي ٿو. اوهين بہ منهنجي يادگيريءَ ۾ ائين ئي ڪندا رهجو.‘“ (لوقا 22:17-

20، ۽ ڏسو 1- ڪرنٿين 11:23-25) اهڙي طرح عيسيٰ مسيح پنهنجن شاگردن کي ٻڌايو، تہ سندس موت هڪ نئين عهد جو بنياد وجهندو، انهيءَ جاءِ تان رواني ٿيڻ کان ٿوري دير اڳ ۾ هن پنهنجن شاگردن کي ڏاڍي اهم تعليم ڏني، تہ: ”هو هڪ ٻئي سان محبت رکن.“

هن شاگردن کي اهو بہ ٻڌايو، تہ انهن کي پنهنجي آقا جي ڪري ڏک پلئہ پوندا. مسيح انهن سان واعدو ڪيو، تہ آسمان تي وڃڻ کان پوءِ هو شاگردن جي رهنمائيءَ ۽ دستگيريءَ لاءِ پاڪ روح کي موڪليندو.

تنهن کان پوءِ اٽڪل اڌ رات جو مسيح پنهنجن شاگردن کي وٺي هڪ باغ ۾ ويو، تہ جيئن پنهنجي موت جي تياري لاءِ دعا گهري. * مسيح، خدا کان هيئن دعا گهري، تہ ”منهنجي نہ، پر تنهنجي مرضي پوري ٿئي.“ (لوقا 22:42) جڏهن هو دعا گهري رهيو هو، تڏهن سندس ئي هڪ غدار شاگرد يهوداہ اسڪريوتي جي رهنمائيءَ ۾ هٿيار بندن جو ٽولو اتي پهچي ويو، يهوداہ مسيح ڏانهن وڌي هن کي چمي ڏنائين، تہ جيئن سپاهي اونداهيءَ ۾ ڪنهن ٻئي شخص کي نہ جهلين. مسيح آسانيءَ سان يهوداہ ۽ سندس ساٿين کي ختم ڪري ٿي سگهيو، پر ان جي برعڪس هن پاڻ کي گرفتاري لاءِ پيش ڪيو.

جڏهن پطرس نالي هڪ شاگرد پنهنجي آقا ۽ خداوند جي بچاءَ لاءِ تلوار هلائي، ۽ هڪڙي ماڻهوءَ جو ڪن ڪپي ڇڏيائين. تڏهن عيسيٰ مسيح هن کي روڪيو تہ ائين نہ ڪر ۽ انهيءَ دشمن



فرد جو ڪن جوڙي ڇڏيائين. سپاهي مسيح کي جهلي هڪڙي گهر ۾ وٺي ويا، جتي ڪيترائي مذهبي سردار گڏ ٿيا هئا. هنن گڏجي مسيح جو ڏوهہ ڳولڻ شروع ڪيو تہ جيئن هن کي قتل ڪري سگهن، پر هو ڪامياب نہ ٿيا. پوءِ ”پوءِ وڏو سردار ڪاهن اُٿي بيٺو ۽ سڀني جي روبرو عيسيٰ کان پڇڻ لڳو تہ ’ڇا تو کي هنن جي الزامن جي جواب ۾ ڪجهہ چوڻو آهي؟‘ پر عيسيٰ ماٺ ۾ رهيو ۽ هڪ لفظ بہ نہ ڪڇيائين. وڏي سردار ڪاهن ڪائنس ٻيهر پڇيو تہ، ’ڇا تون مسيح، سڳوري خدا جو فرزند آهي؟‘ تنهن تي عيسيٰ وراڻيو تہ ’هائو، آئون آهيان ۽ اوهين ابن آدم کي خدا تعاليٰ جي ساڄي پاسي ويٺل ۽ آسماني ڪڪرن ۾ ايندي ڏسندا.‘ تڏهن وڏي سردار ڪاهن پنهنجا ڪپڙا ڦاڙيندي چيو تہ ’اسان کي وڌيڪ شاهدي نہ کپي. اوهان هن جا ڪفر وارا لفظ ٻڌا، هاڻي اوهان جي ڪهڙي مرضي آهي؟‘ تنهن تي انهن سڀني اها راءِ ڏني تہ ’عيسيٰ کي موت جي سزا ڏني وڃي.‘“ (مرقس14:61-62)

ڇاڪاڻ تہ يهودي سردار، رومي گورنر جي اجازت کان سواءِ ڪنهن کي بہ موت جي سزا ڏئي ڪين ٿي سگهيا. تنهن ڪري هو جمع ڏينهن صبح جو مسيح کي محلات ۾ وٺي آيا. هنن وقت جي رومي گورنر پلاطس کي ٻڌايو، تہ عيسيٰ مسيح رومي حڪومت جو دشمن آهي ۽ خود بادشاهہ بنجڻ چاهي ٿو. پر جڏهن پلاطس مسيح کان پڇا ڳاڇا ڪئي، تہ ڪيس هڪدم معلوم ٿي ويو تہ هو بي ڏوهي آهي. هن ڪيس آزاد ڪرڻ ٿي چاهيو، مگر يهودي سردارن ماڻهن کي اڇي پڙڪايو، تہ هو عيسيٰ مسيح جي

موت جو مطالبو ڪن. پلاطس هن ڳالھ کان ڊنو تہ متان جهيڙو ٿئي. سو هن عوام جي خواهش موجب مسيح کي صليب ڏيڻ جو حڪم صادر ڪيو بس پوءِ تہ اک ڇنڀ ۾ رومي سپاهي مسيح کي يروشلم شهر کان ٻاهر وٺي آيا ۽ هن کي صليب تي چاڙهي ڇڏيائون. جڏهن اهي مسيح کي صليب تي چاڙهي رهيا هئا تہ عين انهيءَ وقت مسيح انهن لاءِ هن طرح دعا ڪئي. ”اي بابا! هنن کي بخش، ڇاڪاڻ تہ هي نٿا ڄاڻن، تہ هو ڇا ڪري رهيا آهن.“ (لوقا 34:23) هي ڪهڙو نہ عجيب پيار هو جو مسيح مرڻ دم بہ اهڙن فردن لاءِ پنهنجي پيءُ کان خير جي دعا گهري جيڪي سندن هٿن ۽ پيرن ۾ ميخون هڻي رهيا هئا!

مسيح موعود پنهنجي پيءُ کي درخواست ڪري ٿي سگهيو تہ هو کيس انهيءَ صليبي عذاب کان بچائي ۽ آسمان ڏانهن کڻي وٺي، پر هن ائين نہ ڪيو مسيح اهو ڄاڻي پيو، تہ اها خدا جي مرضي آهي، تہ هو ڏک برداشت ڪري قرباني طور گنهگارن لاءِ مري سو هن پنهنجي پيءُ جي اطاعت ڪئي ۽ اٽڪل ڇهن ڪلاڪن تائين صليب تي لٽڪيو رهيو. پوءِ لڙي منجهند جو اهي لفظ چيا، ”اي بابا! آئون پنهنجو روح تنهنجي هٿن ۾ ٿو سونپيان. “ (لوقا 46:23) ائين چئي دم ڏنائين اتي بيٺل هڪڙي سپاهيءَ ٿورو وڌي سندس پاسي ۾ نيزو هنيو انهيءَ لاءِ تہ کيس يقين ٿئي، تہ مسيح مري چڪو آهي يا نہ. پوءِ صوبيدار، گورنر کي اطلاع ڏنو ۽ مسيح جي موت جي تصديق ڪئي. ٻہ با اثر يهودي جيڪي مسيح موعود تي ايمان آڻي چڪا هئا انهن وڃي



گورنر کي درخواست ڪئي، تہ کين لاش ڏنو وڃي. گورنر انهن کي اجازت ڏني تڏهن لاش کي صليب تان هيٺ لاهي، ان کي 50 سير خوشبودار شيون لڳائي، ڪپڙي (ڪفن) ۾ ويڙهي هڪ قبر ۾ دفن ڪيائون جيڪا اڳي ئي هڪ ٽڪر تي کوٽيل هئي. ۽ قبر جي منهن تي وڏو پٿر ڏئي ڇڏيائون پلاطس گورنر حڪم ڏنو تہ پٿر کي شاهي مهر لڳائي وڃي تہ جيئن ڪوئي بہ ان ۾ داخل نہ ٿي سگهي، تنهن کان سواءِ پهرو بہ بيهاريائون.

پنهنجي موت کان اڳ ۾ ئي عيسيٰ مسيح پنهنجن شاگردن کي ٻڌائي ڇڏيو هو. تہ کين صليب تي چاڙهيو ويندو، ليڪن هو ٽئين ڏينهن تي مئلن مان زنده ٿي اٿندو. شاگردن جڏهن اهو ٻڌو، تڏهن خيال ڪيائون تہ هو شايد تمثيلن ۾ ٿو ڳالهائي. پر جڏهن هو فوت ٿيو ۽ دفن ٿيو، تڏهن شاگرد نا اميد ٿي پيا، تہ هو وري پنهنجي خداوند کي ڏسي ڪين سگهندا.

پر جڏهن آچر جي صبح جو ڪي شاگرد، مسيح جي قبر ڏانهن ويا ۽ اها کليل ڏٺائون ۽ اهي اندر داخل ٿيا، تڏهن فقط اتي ڪپڙو پيل ڏٺائون، جنهن ۾ لاش ويڙهيل هو، ٿوري دير کان پوءِ عيسيٰ مسيح شاگردن مان ڪيترن کي ڏيکاري ڏني ۽ هنن ساڻس گفتگو ڪئي. هاڻي هو زنده هو، هڪڙي رات جڏهن شاگرد هڪڙي گهر ۾ اچي گڏ ٿيا ۽ ان گهر جا سڀ دروازا بند هئا تڏهن مسيح اوچتو اچي انهن جي وچ ۾ نروار ٿيو. مسيح انهن سان ڳالھ ٻولھ ڪئي ۽ کين يقين ڏياريو، تہ هو زنده آهي، مسيح چاليهن ڏينهن تائين پنهنجي پوئلڳن کي جدا جدا وقت تي ۽

مختلف جاين تي نظر ايندو رهيو. هن پنهنجي شاگردن کي اهو پڻ ٻڌايو، ته ”مون کي ڏک سهڻ ۽ مرڻ چو ضروري هو.“ مسيح انهن کي اهو به حڪم ڏنو، ته هو ساري دنيا ۾ وڃي ان خوشخبري جي منادي ڪن، ۽ جيڪو به انهيءَ تي ايمان آڻيندو خدا هن جا گناهه معاف ڪندو. تنهن کان پوءِ هنن جي اکين اڳيان مسيح آسمان ڏانهن کڄي ويو. عيسيٰ مسيح آسمان ڏانهن کڄي وڃڻ کان اڳ ۾ ڪنهن به فرد کي جان نشين مقرر نه ڪيو. ۽ نه وري پنهنجي پنيان اچڻ واري ڪنهن نبيءَ جي باري ۾ پيشنگوئي ڪيائون، جيڪو سندس جانشين ٿيندو. شاگردن پنهنجي مالڪ ۽ خداوند جي جدائيءَ تي ماتم ڪين ڪيو، ڇاڪاڻ ته اهي هاڻي سمجهي ويا هئا، ته هو روحاني طرح هميشه سندن ساڻ آهي، ۽ پنهنجي واعدي جي مطابق هڪ ڏينهن وري جسم ۾ ايندو، هو خوشي سان دعا ۾ مشغول ٿي ويا ۽ پاڪ روح جو انتظار ڪرڻ لڳا، جنهن جو واعدو مسيح انهن سان ڪيو هو.

مسيح جي آسمان تي وڃڻ کان ڏهاڪو ڏينهن پوءِ، يهودين جي عيد پنتيڪوست واري ڏينهن، جڏهن سڀني شاگردن مان ان وقت فقط 120 شاگرد هڪ هنڌ گڏ ٿيا هئا، ته هڪ عجيب واقعو رونما ٿيو، انهن سڀني تيز هوا لڳڻ جهڙا سوساٽ ٻڌا. پر اهي سوساٽ جا نه هئا. انهن ٻاهه کي زبانن (جدا جدا ٻوليون) جي صورت ۾ پنهنجي مٿان لهندو ڏٺيون، پر اها ٻاهه ڪانه هئي تنهن کان فورن پوءِ هو ڌاريون ٻوليون ڳالهائڻ لڳا جيڪي هنن ڪڏهن سکيون ئي ڪونه هيون، گهڻا ئي ماڻهو جن ۾ ملڪي به هئا ته



غير ملڪي انهن جي چوطرف گڏ ٿي ويا ۽ هر هڪ شخص پنهنجيءَ پنهنجيءَ ٻوليءَ ۾ خدا جو پيغام ٻڌو ۽ اهي، سڀ ان واقعي جي ٿيڻ ڪري حيران ٿي ويا هئا. ان وقت پطرس رسول اٿي بيٺو ۽ عام ماڻهن کي ٻڌايائين، ته مٿس خدا جو پاڪ روح نازل ٿيو آهي. جنهن جي موڪلڻ جو حضور المسيح انهن سان واعدو ڪيو هو. تنهن کان پوءِ پطرس رسول پاڻ روح سان سرشار ٿي، سامعين کي ٻڌايو ته عيسيٰ مسيح کي گنهگارن لاءِ مرڻ چو ضروري هو ۽ خدا ڪيس مئلن مان ڪيئن ٻيهر زنده ڪيو! هن ائين به چيو، ته هو خود ۽ ٻيا شاگرد مسيح جي وري زنده ٿيڻ جا اکين ڏٺا شاهد آهن، پطرس عام خلق کي تاڪيد ڪندي چيو ته هو توبه ڪن ۽ مسيح تي ايمان آڻين، ته جيئن سندن گناهه معاف ٿين. پاڪ روح پطرس کي تمام سني ۽ اثرائتي نموني سان استعمال ڪيو، تنهن جي ڪري ماڻهن جي دلين تي ڏاڍو اثر ٿيو. انهيءَ ڏينهن ٽن هزار ماڻهن مسيح تي ايمان آندو ۽ بپتسما ورتائون اهو عمل گناهه جي معافيءَ کي ظاهر ڪري ٿو.

تنهن کان پوءِ مسيح جا رسول ۽ ٻيا شاگرد، يروشلم ۽ ٻين شهرن ۾ نجات جي زندگي بخش خوشخبريءَ کي پکيڙيندا رهيا ۽ گهڻن ماڻهن ايمان آندو. ٿوري وقت کان پوءِ يهودي سردارن، مسيحي ايماندارن سان ڏاڍا ويل وهايا ايتري تائين جو گهڻن کي قتل به ڪيائون. ان ستم ظريفي جي ڪري گهڻا شاگرد فلسطين ملڪ مان هجرت ڪري ويا پر جيڏانهن به ويا اتي خوشخبريءَ جي منادي ڪيائون، نتيجو اهو نڪتو جو ڪيترائي

يهودي پڻ ايماندار بڻجي ويا. هڪڙي ڏينهن خداوند ڪريم پطرس رسول کي هڪ غير يهودي فوجي آفيسر جي گهر ڏانهن ڇوٽڪاري جي پيغام پهچائڻ لاءِ موڪليو انهيءَ آفيسر ۽ سندس پوري ڪٽنب مسيح تي ايمان آندو ۽ بپتسما ورتي، تنهن کان پوءِ انهن کي پاڪ روح مليو. انهيءَ مان ظاهر ٿيو، ته خداوند ڪريم جي مرضي هئي، ته سڀ ماڻهو، يهودي خواه غير يهودي نجات حاصل ڪن.

شائول نالي هڪ يهودي سردار حضور المسيح جي پوئلڳن جي سخت مخالفت ڪندو هو، ايتري تائين جو انهن کي قيد ڪرائيندو هو ۽ قتل به ڪرائي ڇڏڻ کان ڪين گسندو هو. هڪڙي دفعي جي ڳالهه آهي، ته هو مسيحين کي قيد ڪرڻ لاءِ دمشق واري راهه وٺي هلي رهيو هو، ته عين انهيءَ وقت عيسيٰ مسيح مٿس ظاهر ٿيو ۽ چيائين، ته "اي شائول! اي شائول! تون مون کي ڇو ٿو ستائين؟" جڏهن شائول اکين سان زنده مسيح جو ديدار ڪيو، تڏهن هن خداوند مسيح تي ايمان آندو ۽ مسيح هن کي پنهنجو رسول مقرر ڪيو. پوءِ پولس جي نالي سان مشهور ٿيو. هن خوشخبريءَ کي روم ۽ يونان تائين پهچايو۽ نئي عهدنامي (انجيل مقدس) ۾ هن جا لکيل 13 خط پڻ شامل آهن.

جڏهن ڪو به فرد انجيل مقدس ۾ مسيحي ايمان جي پکڙجڻ جا واقعا پڙهي ٿو، ته کيس معلوم ٿئي ٿو ته عيسيٰ مسيح آسمان ڏانهن کڄي وڃڻ کان پوءِ به هن مادي دنيا ۾ موجود آهي ۽ ماڻهن جي روحن ۽ جسمن کي شفا ڏيڻ جي خدمت بدستور جاري



رهي. هي عمل مسيح روح جي صورت ۾ رهي، پنهنجن شاگردن لاءِ ڪيو. سي به حقيقت ۾ مسيح انهن ۾ هو ته انهن اهي ڪم ٿي ڪيا جيئن ته هو مري وري زنده ٿيو آهي، تنهن ڪري ان ڳالهه جي ڪا به ضرورت نه آهي، ته مسيح پنهنجو جانشين مقرر ڪري. هو هر لمحه، هر گهڙي پنهنجي پوئلڳن سان هن جهان ۾ موجود رهي ٿو اها اسانجي ڪيڏي نه خوش قسمتي آهي، جو اسان کي ايتري قدر پيار ڪرڻ وارو ۽ ايترو طاقتور نجات ڏيندڙ مليو آهي. هو انهن ماڻهن جي هر وقت مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهي، جيڪي مٿس ايمان آڻين ٿا.

اها ڳالهه قابل غور آهي، ته مسيح جي مصلوب ٿيڻ جي پوين سئو سالن يعني پوئين صديءَ ۾ مسيحي دين ايتري قدر ترقي ڪئي، سو نه تلوار جي زور تي، نه سياسي چالاڪيءَ جي سبب ۽ نه وري علميت يا مسيحين جي دولت سبب. رومي شهنشاهيت جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ۽ ٻين ملڪن ۾ پڻ لکين يهودي ۽ ٻيا بت پرست فقط انهيءَ ڪري مسيحيت جي ڪري دائري ۾ داخل ٿي، خدا جا ٻالڪ بڻيا ڇاڪاڻ ته انهن اها خوشخبري ٻڌي ته خدا، عيسيٰ مسيح ۾ تي ڪري، ساڻن پيار ٿو ڪري. اها ڳالهه انهن فردن جي دل ۽ دماغ ۾ پاڪ روح جي تاثير سبب پيدا ٿي.

* * * *

# حضرت عيسيٰ مسيح ڪير آهي؟

هاڻي منهنجا دوست، مونکي اهو يقين آهي، تہ اوهان سوال ضرور پڇندا، تہ اها عظيم هستي جنهن جي زندگي جي حالتن جو مون مختصر احوال اوهان جي آڏو رکيو آهي.” اهو ڪير آهي؟“ انهيءَ موضوع کي مختصر لفظن ۾ بيان ڪرڻ ڏکيو آهي. تنهن هوندي بہ آئون ان کي بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس. اها سموري معلومات جيڪا هن بيان لاءِ اعتبار جوڳي آهي، فقط بائيبل مقدس ۾ ئي ملي ٿي. تنهن ڪري آئون ان مان مدد وٺندس.

جيڪي ڪجھ چئن انجيلن ۾ مسيح جي زندگي بابت چيو ويو آهي تنهن کان معلوم ٿئي ٿو تہ هو حقيقت ۾ بشر هو. جيتوڻيڪ سندس دنياوي پيءُ ڪونہ هو تنهن هوندي بہ مسيح بيبي مريم بتول جي معرفت (بطن مان) حضرت دائود، جيڪو



هڪ وڏو نبي ۽ وقت جو بادشاهہ هو، تنهن جي نسل مان پيدا ٿيا. هو عام ٻارن وانگر روح ۽ جسم ۾ وڌي وڏو ٿيو. مسيح ڪائيندو پيئندو، هر ٿڪاوٽ جي ڪري آرام بہ ڪندو هو. وڏو ٿيو واڍڪو ڪم اختيار ڪيائين اهڙي سخت ڪم جي ڪري هو ٿڪجي پوندو هو. اهو ئي سبب آهي جو هو انهيءَ لائق هو، تہ انسان جي ڏک تڪليف ۾ انسان جو مددگار ٿئي.

”ڇالاءِ جو جڏهن مٿس آزمائش پئي تہ هن پاڻ ڏک سٺا، تنهن ڪري هو انهن جي بہ مدد ڪري سگهي ٿو جيڪي آزمائش ۾ پون ٿا.“

”ڇالاءِ جو اسان جو سردار ڪاهن اهڙو نہ آهي جو اسان جي ڪمزورين ۾ اسان جو همدرد نہ ٿي سگهي، پر اهو اهڙو آهي جو هر طرح سان اسان وانگر آزمايو ويو آهي، تڏهن بہ بي گناهہ ثابت ٿيو“. (عبرانين 8:2 ۽ 15:4)

جيتوڻيڪ عيسيٰ مسيح انسان هو، تڏهن بہ سڀني عام ماڻهن کان جداگانہ ۽ نرالو هو. سڀ انسان، ايتري قدر جو خداوند خدا جا پاڪ ٻانها ۽ نبي پڻ ڪڏهن ڪڏهن خدا جي حڪم عدولي ڪري وينا تنهن ڪري اطاعت گذار نہ ٿيا. پر مسيح پنهنجي ساري زندگي ۾ ڪڏهن بہ خدا جي مرضي جي خلاف نہ ڪلام ۽ نہ ئي وري ڪو فعل ڪيو. بلڪ سندس دل ۾ گناهہ جو خيال بہ پيدا نہ ٿيو. فقط مسيح ئي اهڙو بشر هو جيڪو بي عيب ۽ بي گناهہ هو. جهڙي طرح لکيل آهي تہ: هن نڪي ڪو گناهہ ڪيو ۽ نہ ئي سندس وات مان ڪا ٺڳي جي ڳالهہ نڪتي.“ (1- پطرس 22:2)

"اوهان کي خبر آهي ته مسيح انهيءَ لاءِ ظاهر ٿيو هو ته جيئن گناهن کي کڻي وڃي ۽ منجهس گناهه ته اصل آهي ئي ڪونه." (1-يوحنا 5:3)

هو نه فقط گناهه کان پاڪ ۽ صاف رهيو، پر هن جي مرضي ۽ خدا جي رضا ۾ دائمي مطابقت ۽ يڪسانيت رهي.

اهي ماڻهو جن مسيح جي ڪمن کي ڏٺو سي سندس قدرت ۽ اختيار کي ڏسي حيران ٿيندا هئا. هڪڙي دفعي ڄائي ڄم جو انڌو مسيح کي گڏيو. جنهن کي نور ڏنائين. هڪ ٻئي موقعي تي جڏهن پاڻ ۽ سندس شاگرد هڪ ننڍڙي ٻيڙيءَ تي سفر ڪري رهيا هئا، ته اوچتو ئي اوچتو طوفان ڇتڪيو، پر هن واءَ کي ڇينڀيو، ته واءُ ماٺو ٿي ويو ۽ پاڻي جو گوڙ به ڍرو ٿي ويو. لعزر نالي هڪ شخص جنهن کي مئي چار ڏينهن گذري چڪا هئا. هن کي جڏهن سڏ ڪيائون، ته هو قبر مان زنده ٻاهر نڪري آيو ۽ پنهنجي گهر ڏانهن راهي ٿيو سڀ کان وڏي ۽ حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهه اها آهي، ته مسيح پاڻ اها پيشنگوئي ڪئي، ته "آئون صليبي موت کان پوءِ ٽئين ڏينهن تي جيئرو ٿي اٿندس. هو پنهنجي واعدي جي مطابق جيئرو ٿي اٿيو ۽ پنهنجي حوارين سان ملاقات ڪيائين. ڇا، مسيح کان سواءِ ڪنهن ٻئي انسان به اهڙا ڪم ڪيا آهن؟ نه: هرگز نه هاڻي اهو ظاهر آهي، ته مسيح انسان هئڻ جي باوجود به انسانن کان تمام گهڻو مٿانهون آهي. افضل آهي ۽ اعلىٰ آهي، ته پوءِ هو ڪير آهي؟.

جيئن ته آئون اڳ ۾ ئي بيان ڪري چڪو آهيان، ته مسيح



موعود اها دعوىٰ ڪئي هئي، ته "هو خدا جو فرزند آهي". اها دعوىٰ فقط ان وقت ڪيائين، جڏهن سندس مقدمو يهودي ڪائونسل جي اڳيان هلي رهيو هو، پر ان واقعي کان ڪيترائي ڀيرا اڳ ۾ به اها عظيم ۽ لاثاني دعوىٰ ڪئي هئائين. تنهن کان سواءِ هو گهڻو ڪري خدا کي "بابا" ڪري سڏيندو هو هڪڙي دفعي جڏهن پاڻ ائين چيائين ته آئون ۽ پيءُ هڪ آهيون" تڏهن سندس دشمنن سنگسار ڪرڻ لاءِ پٿر کنيا، ڇاڪاڻ ته اُهي سمجهي رهيا هئا، ته مسيح ڪفر بڪيو آهي. پر اسين سمجهون ٿا ته مسيح ڪوڙ بڪڻ وارو بشر هرگز ڪين هو. بلڪ جيڪي ڪجهه هن فرمايو، اهو سچ هو.

اسان کي اهو ياد رکڻ گهرجي، ته جيڪڏهن ڪو ائين چوي ته هو خدا جو فرزند نه هو، ته اهڙو فرد ڪيس ڪوڙو ٿو ڪري. جي مسيح ڪوڙ آهي ته پوءِ مٿس ايمان اجايو ۽ بي ڪار آهي مسيح جڏهن اها دعوىٰ ڪئي، ته هن فقط اهي لفظ ورجايا جيڪي سندس ٻپتسما جي موقعي تي ٻڌڻ ۾ آيا هئا. ته "هي منهنجو پيارو فرزند آهي." مسيح جي رسولن جيترا به ڪتاب لکيا، تن سيني ۾ اهو ئي بيان ڪيو ويو آهي، ته مسيح خدا جو فرزند آهي. ۽ دنيا ۾ سندس سيني پوئلڳن ان صداقت جو يقين ڪيو آهي.

اهو ته اوهان ڄاڻيندا ئي هوندا ته هتي فرزند مان مراد جسماني نه، بلڪ روحاني آهي. اهو ظاهر آهي ته خدا جي ڪابه زال نه آهي، ته پوءِ پٽ ڇا جو ٿيندو؟! اهو خيال اجايو ۽ گناهه جي

برابر آهي.

انجيل مقدس ۾ مسيح کي "خدا جو ڪلام" به چيو ويو آهي. مسيح کي "ابن الله" جي لقب مان اهوئي ظاهر آهي ته هو خدا سان ۽ ويجهو آهي. "خدا جو ڪلام" مان اهوئي ظاهر آهي ته خدا ماڻهن سان عيسىٰ مسيح جي معرفت ڪلام ٿو ڪري. ڏسو انجيل شريف جا لفظ : "دنيا جي شروعات کان اڳي ئي ڪلام موجود هو، ڪلام خدا سان هو ۽ ڪلام خدا هو. اهو ئي شروعات ۾ خدا سان هو. سڀيئي شيون هن جي وسيلي پيدا ٿيون آهن ۽ جيڪا به شيءِ پيدا ٿي آهي، سا هن کان سواءِ نه بڻائي وئي آهي. ڪلام ئي زندگي ڏيندڙ هو ۽ اها زندگي ئي انسانن لاءِ روشني هئي ... ڪلام انساني صورت ۾ آيو ۽ اچي اسان سان گڏ رهيو. اسان سندس جلوو ڏٺو، جيڪو هن کي پيءُ جي هڪڙي ئي فرزند هئڻ ڪري مليو ۽ هو فضل ۽ سچائي سان ڀرپور هو." (يوحنا 1:1-4، 14)

ان جو مطلب اهو ٿيو، ته جنهن پنهنجو اظهار نبين ۽ الهامي ڪتابن جي وسيلي ڪيو هو، هاڻي خدا پنهنجو ڪامل اظهار هڪ ڪامل انسان جي ذريعي ڪيو. جيڪو نبين کان گهڻو اعلىٰ ۽ افضل آهي ۽ جيڪو حقيقت ۾ خدا سان هڪ آهي. يوحنا رسول جي انجيل جون آيتون اهوصاف بيان ڪن ٿيون، ته مسيح خدا جو ڪلام آهي ۽ شروعات کان ۽ انهيءَ جي وسيلي سڀ ڪجهه پيدا ٿيو. پوءِ مقرر وقت تي ان ازلي ڪلام جسماني صورت اختيار ڪئي ۽ ڪنواري مريم مان پيدا ٿيو ۽ عيسىٰ



مسيح سڏايائين. جيئن ته پاڪ ڪلام مان ظاهر آهي، ته سندس به طبيعتون هيون. الاهي طبيعت ۽ انساني طبيعت تنهنڪري مسيح، خدا به آهي ته انسان به.

جن يهودي رسولن جنهن سڀ کان پهريائين مسيح تي ايمان آندو، سي پڪا توحيد پرست هئا ۽ انهن جو ان ڳالهه تي ايمان هو ته خدا هڪ آهي، پر مسيح سان ٽي ورهيه گڏ رهڻ جي ڪري کين اهو پڪو يقين ٿي ويو هو، ته مسيح ۽ خدا هڪ آهن. جيئن ته پطرس رسول اقرار ڪيو، ته "تون مسيح، زنده خدا جو فرزند آهين." (متي 16:16) جڏهن توما رسول خداوند مسيح کي وري مئلن مان زنده ڏٺو تڏهن رڙ ڪري چيائين، "اي منهنجا خداوند! اي منهنجا خدا!" (يوحنا 28:20) هنن ٻنهي موقعن تي مسيح پنهنجن شاگردن جي ايمان جي تعريف ڪئي ۽ توما کي چيائين ته "تو مون کي ڏٺو آهي، تنهنڪري ايمان آندو اٿئي. پر سڀڳورا آهن اهي جيڪي ڏسڻ کان سواءِ ئي ايمان ٿا آڻين."(يوحنا 29:20) جيڪڏهن اسين به ان تي ايمان رکون ته هو برابر خدا جو فرزند آهي، ته پوءِ اسين به مبارڪ ٿينداسين.

مون کي معلوم آهي، هاڻي اوهين پڇندا ته جڏهن خدا هڪ آهي، ته عيسىٰ مسيح سندس فرزند ڪيئن ٿي سگهندو؟ حقيقت ۾ اهو هڪ وڏو راز آهي، جنهن کي اسان جو محدود عقل سمجهي نٿو سگهي خدا جي ذات کي خدا کان سواءِ ٻيو ڪير نٿو سمجهي سگهي. پر اسان کي اهو ياد رکڻ گهرجي ته خدا قادر مطلق آهي، ته ان عمل ۾ ۽ سندس پاڪ ذات ۾ اختلاف

نہ ھجي. تنھن ڪانسواءِ خدا جون بڻايل شيون بہ خدا جي باري ۾ مبھم ئي سھي، ھڪ تمام وڏي حقيقت کي بيان ڪن ٿيون. سج تي ئي غور ڪريو. سج ڪيترو نہ وڏو ۽ گرم آھي، جيڪڏھن زمين جي ويجھو اچي وڃي، تہ سڀ ڪجھہ ساڙي ڀسم ڪري ڇڏي. پر سج زمين کان ڏور رھي پنھنجي روشني ۽ گرمي اسان تائين پھچائي ٿو. جھڙي طرح سج ۽ اس (گرمي) ٻئي ھڪ آھن، تھڙي طرح اسان جي عظيم خدا پنھنجي روشني کي پنھنجو ڪلام ۽ پنھنجو فرزند سڏي ٿو يعني عيسيٰ مسيح، جنھن پنھنجي متعلق چيو: ”آئون دنيا جي روشني آھيان. جيڪو بہ منھنجي پيروي ڪري ٿو، تنھن کي زندگيءَ جي روشني ملندي ۽ وري ڪڏھن بہ اونداھيءَ ۾ نہ گھمند.“ (يوحنا 12:8) جڏھن اسين سج جي روشني يا اُس کي ڏسون ٿا، تہ اسين سج کي ڏسون ٿا. اھڙي طرح مسيح پنھنجي بابت چيو ”جنھن بہ مون کي ڏٺو آھي تنھن پيءُ کي ڏٺو آھي.“ (يوحنا 9:14) تنھن ڪري اسان مسيحين کي اھو يقين آھي، تہ خدا خود مسيح ۾ ٿي ڪري اسان وٽ آيو..

منھنجا پيارا دوست. ڇا اوھان کي اھا ڳالھہ عجيب ٿي لڳي، تہ خدا اسان گنھگارن کي بچائڻ لاءِ اھڙي طرح ھن دنيا ۾ آيو؟ جيئن تہ خداوند ڪريم ھميشہ محبت سان ڪم ڪندو رھي ٿو ۽ ڪم ڪندو آھي، ۽ خدا جو مسيح ۾ حلول ٿي ھن دنيا ۾ اچڻ، سندس ڪامل ۽ الاھي پيار کي ظاھر ڪري ٿو. اوھان ھڪ نيڪ دل بادشاھ جي ڳالھہ تہ ٻڌي ھوندي، جيڪو پنھنجي رعيت سان ايتري قدر تہ محبت ڪندو ھو، جو ڪڏھن ڪڏھن ھو پنھنجو



شاھي لباس لاھي غريبن جھڙا ڪپڙا ڍڪي، سندن ڪکن ۾ ويندو ھو ۽ انھن جا ڏک درد ڏسندو ھو ۽ سندن مدد ڪندو ھو. جيتوڻيڪ ھي ھڪ دنياوي مثال آھي، تڏھن بہ ٿوري گھڻي ان ڳالھہ تي روشني وجھي ٿو، تہ ڪيئن خدا جو فرزند پنھنجو جلال ڇڏي انساني صورت ۾ غريب بڻيو، فقط انھيءَ لاءِ تہ خدا جي پيار کي انسان آشڪار ڪري ۽ ماڻھن کي خدا ڏانھن متوجھہ ڪري ھي ڪيڏو نہ عجيب ۽ غريب پيار ھو.

* * * *

# مسيح جي دنياوي زندگيءَ جو ڪھڙو مقصد ھو؟

آئون بيان ڪري چڪو آھيان، تہ انسان، ڪيئن خدا جي خلاف بغاوت ڪئي. انھيءَ بغاوت جو نتيجو اھو نڪتو، جو قدوس ۽ پاڪ خدا ۽ انسان جي وچ ۾ گناھ جي وڏي ڀت ڪڙي ٿي پئي. پوءِ انسان انھيءَ لائق ئي نہ رھيو جو خدا جي اطاعت ڪري ۽ ھن سان گڏوگڏ ھلندو ھلي. تنھن ڪري خدا پاڻ انھيءَ ڏس ۾ پيش قدمي ڪري گناھ جي ديوار کي ڪيرائڻ ۽ اسان جي پاپن سان پريل دل کي بدلائڻ جو فيصلو ڪيو، تہ جيئن

انسان انهيءَ لائق ٿي سگهي، جو * پنهنجي خالق کي پيار ڪري سگهي. خدا اهو ڪم ڪهڙي طرح ڪيو؟ هاڻي آئون اوهان جي آڏو مسيحيت جي سڀ کان اهم تعليم پيش ڪندس.

خدا تعاليٰ حضرت آدم ۽ بيبي حوا کي چيو هو، ته جيڪڏهن هو سندس حڪم نه مڃيندا، ته مري ويندا. پر انهن خدا جي حڪم جي ڪا پرواهه نه ڪئي. نيڪ ۽ بد جي سڃاڻپ جي وڻ جو ميوو کائي وينا تنهن ڪري خدا انهن کي موت جو حڪم ٻڌايو. جيتوڻيڪ خدا کين سزا ڏني، تڏهن به هن ساڻن واعدو ڪيو، ته هو (خدا) هنن کان ۽ سندن نسل کان هٿ نه ڪڍندو شيطان نانگ جي صورت ۾ اچي ڪري حضرت آدم ۽ بيبي حوا کي دوکو ڏنو. انهيءَ وقت ئي خدا کين ٻڌايو، ته "آئون تنهنجي ۽ عورت جي وچ ۾ دشمني وجهندس. تنهنجي نسل ۽ عورت جي نسل ۾ هميشه دشمني رهندي. عورت جو نسل تنهنجي منڍي چٿيندو ۽ تون هن جي کڙي ڏنگيندين." (پيدائش 15:3) هن مان خدا جو مطلب اهو هو، ته عورت مان ئي مخلصي ڏيڻ وارو پيدا ٿيندو، جيڪو شيطان کي شڪست ڏيندو، پر انهيءَ ڪم کي پورو ڪرڻ وقت پاڻ به زخمي ٿي پوندو. اها عيسيٰ مسيح ابن مريم جي باري ۾ سڀ کان پهرين اڳڪٿي هئي جنهن پنهنجي موت ۽ وري جي اٿڻ وسيلي شيطان کي شڪست ڏني .

گهڻي عرصي کان پوءِ خداوند ڪريم يسعياه نبيءَ جي معرفت ان ڏس ۾ هڪ صاف ۽ ڪليل واعدو ڪيو. يسعياه نبيءَ پنهنجي ڪتاب ۾ ، جيڪو مسيح جي جنم کان ڪيئي سئو سال



اڳ ۾ تحرير ڪيو ويو. تنهن ۾ هيءَ پيشنگوئي ڪئي وئي، ته هڪ اهڙو شخص پيدا ٿيندو جيڪو گنهگارن جي عيوض ڏک سهندو. "جڏهن ته هو اسان جي ئي گناهن جي ڪري زخمي ڪيو ويو، ۽ اسان جي ئي بڇڙاين جي ڪري چٿيو ويو. اسان جي سلامتي لاءِ هن تي سزا آئي، ۽ هن جي ئي مار کائڻ ڪري اسين چٽي چڱا ڀلا ٿياسين. اسين سڀ اهڙين رڍن وانگر آهيون، ... پر خداوند اها سزا هن جي مٿان آندي ... جيئن ته هن پنهنجي جان موت جي حوالي ڪئي، تنهنڪري آئون خداوند هن کي عزت ۽ طاقت عطا ڪندس. ماڻهن هن کي گنهگار سمجهيو، جڏهن ته هن گهڻن جا گناهه پنهنجي سر تي کنيا، ۽ بدڪارن جي شفاعت ڪيائين." (يسعياه 53:5-6، 12) هن باب جو حاصل ڪلام اهو آهي ته اهو ڇوٽڪارو ڏيندڙ جنهن جو خدا واعدو ڪيو هو. گنهگارن جي لاءِ پنهنجي جان جو ڪفارو ڏيندو.

عيسيٰ مسيح ائين ئي ڪيو. يحيٰ نبيءَ چيو، ته "ڏسو، هي خدا جو گهيٽو آهي، جيڪو دنيا جا گناهه کڻي وڃي ٿو." (يوحنا 29:1) جيئن ته عيسيٰ مسيح به پنهنجي موت کان اڳ ائين فرمايو هو ته "اهو منهنجو رت آهي، جيڪو گهڻن ئي جي گناهن جي معافيءَ لاءِ وهائجي ٿو ۽ جنهن سان خدا جو عهد ٻڌجي ٿو." (متي 28:26) پوءِ مسيح پنهنجي خوشيءَ سان پنهنجي جان گنهگارن کي بچائڻ لاءِ ڏيئي، خدا جي محبت ۽ پنهنجي الاهي پيار کي ظاهر ڪيو. جيئن پولس رسول چيو ته "پر خدا اسان سان پنهنجو پيار انهيءَ مان ثابت ٿو ڪري جو جڏهن اسين اڃا گنهگار

ئي هئاسين تہ مسيح اسان جي لاءِ مئو.“ (رومين 8:5) پاڻ مسيح خود فرمايو تہ ”خدا دنيا سان ايترو تہ پيار ڪيو جو هن پنهنجو هڪڙو ئي فرزند ڏنو تہ جيڪو بہ مٿس ايمان آڻي سو برباد نہ ٿئي پر ڪيس دائمي زندگي ملي.“ (يوحنا 16:3)

جيئن تہ خدا عادل آهي، تنهن ڪري هو گنهگار انسان کي بنا سزا ڏيڻ جي نہ ڇڏيندو. ڪوبہ انسان ايترو نيڪ ۽ پرهيزگار نہ آهي جو سزا کان آجو هجي، خواه هو نبيءَ ئي ڇو نہ هجي. ڪهڙو بہ نيڪ انسان سارو جهان تہ نهيو، هو فقط پنهنجن گناهن جو بہ فديو ڏئي نٿو سگهي. تنهن ڪري اهو ڪم خود خدا کي ڪرڻو پيو. خدا پنهنجي فرزند جي موت سان انهن سڀني ماڻهن جو قرض ادا ڪيو جيڪي مٿس ايمان آڻين ٿا. خدا جو فرزند ايتري قدر عظيم آهي، جو سندس واحد قرباني ساري جهان جي گناهن جي ڪفاري ڏيڻ لاءِ ڪافي آهي، تنهن ڪري هاڻي ڪنهن بہ ٻئي قرباني جي ضرورت نہ آهي.

اهڙي طرح مسيح اها رڪاوٽ ختم ڪري ڇڏي، جيڪا حضرت انسان ۽ خدا جي وچ ۾ هئي. اهي انسان جن جا گناهہ معاف ٿي چڪا آهن، مسيح اهو ممڪن ڪري وڌو تہ اهي خدا جي قريب اچن. مسيح موعود بين جي پيٽ ۾ اسان کي نہ فقط خدا بابت تفصيل سان ٻڌايو، بلڪ پنهنجي پاڪ زندگيءَ ۽ گنهگارن جي خاطر موت سهڻ جي ذريعي جڻ تہ خدا جي دل اسان جي اڳيان کولي رکيائين. ايران ملڪ ۾ هڪ دفعي هڪڙي شخص مون کي چيو، تہ ”آئون مسيحي بڻجڻ کان اڳ سمجهندو هوس، تہ آئون



خدا کي سڃاڻندو آهيان. پر مون خدا کي حقيقي طور ان وقت سڃاتو جڏهن ڪيس مسيح ۾ حاصل ڪيو.“ خدا جو هر متلاشي ائين مسيح ۾ خدا سان ملندو.

عيسيٰ مسيح جي هن بيان کي ختم ڪرڻ کان اڳ ۾ آئون سندس ڪن نالن خطابن جو ذڪر ڪرڻ مناسب ٿو ڄاڻان.

سندس نالو ”يسوع يا عيسيٰ“ آهي، هي لفظ هڪ عبراني لفظ مان ورتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي ”يهواه ڇوٽڪارو آهي.“

سندس وڏي ۾ وڏو خطاب ”مسيح“ آهي. هي بہ هڪ عبراني زبان جي لفظن مان ورتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي، ”مسح ڪيل.“ خدا تعاليٰ ڪيس ازلي ۽ ابدي بادشاهہ ٿيڻ لاءِ مخصوص ڪيو. يهودي ان لفظ کي انهيءَ بادشاهہ لاءِ استعمال ڪندا هئا، جنهن جي اچڻ جي باري ۾ نبين پيشنگوئيون ڪيون هيون.

سندس نالو ”عمانوايل“ بہ آهي. هن لفظ جو ترجمو آهي ”خدا اسان سان“.

هو ”خدا جو فرزند“ آهي.

هو ”خدا جو ڪلام“ آهي.

”ابن آدم“، هن خطاب کي مسيح اڪثر پنهنجي لاءِ ڪتب آندو (هو انسان بہ آهي، تہ خدا بہ).

هو ”خدا جو گهيٽو“.

هو ”دنيا کي ڇوٽڪارو ڏيندڙ“ آهي.

هو ”بادشاهن جو بادشاهہ آهي.

هو ”خداوند“ آهي.
هو ”چڱو ريڊار“ آهي.
هو ”رستو“ آهي.
هو ”سچ“ آهي.
هو ”زندگي“ آهي.
هو ”زندگي جي ماني“ آهي.
هو ”ڊاک جي سچي ول“ آهي.
هو ”آخري آدم“ آهي.
هو ”منصف“ آهي.
هو ”سردار ڪاهن“ (وڏو امام) آهي.
هو ”قيامت“ آهي.
هو ”جلال جو خداوند“ آهي.

*****

# خدا کان معافي وٺڻ جي طاقت کان بچڻ لاءِ انسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي.

هينئر پيارا دوست، اسين هڪ اهڙي سوال تي غور



ڪرڻ لڳا آهيون، جيڪو منهنجي لاءِ اوهان جي لاءِ بلڪه ساري دنيا لاءِ نهايت ئي اهم آهي. جيئن ته اسين سڀ گنهگار آهيون، تنهن ڪري اسان کي خدا کان اهو معلوم ڪرڻ گهرجي، ته اسان جا گناهه ڪهڙي طرح معاف ٿي سگهن ٿا ۽ اسين خدا جي نظر ۾ ڪيئن مقبول ٿي سگهون ٿا؟ اوهان انهيءَ ڳالهه تي ته اسان سان يڪراءِ هوندا، ته ان ڏس ۾ مختلف خيال آهن. ڪي ماڻهو ائين سمجهن ٿا، ته اهي ڪنهن خاص نسل ۽ قبيلي سان تعلق رکن ٿا. يا وري ڪنهن خاص مذهب جي پيروي ڪندڙ آهن، تنهن ڪري خدا يقين سان انهن کي قبول ڪندو. ڪي وري ائين سمجهن ٿا ، ته هو پنهنجن ڪيل نيڪ ۽ ڀلن ڪمن سان خراب فعلن جي تلافي ڪري سگهندا. اهڙي طرح هو نجات حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ هٿ پير هڻڻ جي ڪوشش ڪن ٿا ڪي وري ائين پنهنجي دل کي دلجاءِ ڏين ٿا، ته ڪو نبي سڳورو يا اولياء الله جي بارگاه خداوندي ۾ سندن سفارش ڪندو. جنهن جي ڪري خدا انهن کي معاف ڪندو مگر بائيبل مقدس ٻڌائي ٿو ته ڪوبه شخص اهڙن طريقن سان ابدي نجات حاصل ڪري نٿو سگهي، ڪوبه اهڙو نيڪ نه آهي جنهن کي خدا قبول ڪري.

ته پوءِ ڇا اسان گنهگارن لاءِ ڪابه اميد ڪانه آهي؟ هائو اميد ضرور آهي جيڪي ڪجهه اسين پنهنجي لاءِ نه ڪري سگهياسين ۽ نه وري نبي سڳورا ئي اسان جي لاءِ ڪري سگهيا، ۽ سو سڀ خداوند ڪريم پنهنجي پيار ۽ رحمت سان، اسان جي لاءِ ڪيو خدا مسيح ۾ مجسم ٿي، اسان جي گناهن جي سزا پاڻ

تي ڪنئي جيئن تہ پاڪ ڪتاب ۾ آيو آهي، تہ ”مسيح پاڻ اهڙي قرباني آهي، جيڪا اسان جا گناهہ ڪٽي وجي ٿي، نہ رڳو اسان جا پر سڄي جهان جا گناهہ ... پر جيڪڏهن اسين روشنيءَ ۾ هلون ٿا، جيئن خدا پاڻ بہ روشنيءَ ۾ آهي، تہ پوءِ اسان جي هڪ ٻئي سان صحبت آهي ۽ سندس فرزند عيسيٰ مسيح جو رت اسان کي سيني گناهن کان پاڪ ڪري ٿو ڇڏي. جيڪڏهن اسين چئون تہ اسان ۾ گناهہ ڪونہ آهي، تہ پوءِ اسين پاڻ کي ٺڳيون ٿا ۽ اسان ۾ سچائي ڪانهي. پر جيڪڏهن اسين پنهنجا گناهہ باسينداسين تہ خدا پنهنجو واعدو پاڙيندو ۽ انصاف ڪري اسان جا گناهہ معاف ڪندو ۽ اسان کي ساريءَ بڇڙائيءَ کان پاڪ ڪري ڇڏيندو “ (1-يوحنا 2؛2 ۽ 1:7-9)

تنهنڪري اسان کي معلوم ٿيو تہ جيڪو رستو خدا، اسان کي پنهنجي طرف سڏڻ لاءِ اسان کي قبول ڪرڻ لاءِ کوليو آهي، سو آهي مسيح تي ايمان آڻڻ. ان کان سواءِ ٻيو ڪوبہ رستو نہ آهي انهيءَ ڏس ۾ مسيح فرمايو تہ ”رستو سچ ۽ زندگي آئون آهيان“ (يوحنا 6:14) خدا تعاليٰ پنهنجي فرزند کي هن دنيا کي بچائڻ لاءِ موڪليو جيئن تہ مسيح سيني ماڻهن کي دعوت ڏئي ٿو، تہ اهي وٽس اچن ۽ پاڻ واعدو بہ ڪيائين. تہ جيڪو بہ مون وٽ ايندو تنهن کي آئون هر گز ڪڍي نہ ڇڏيندس ان مان اهو نتيجو ٿو نڪري تہ جيڪڏهن هن دنيا ۾ ڪوبہ شخص، خواهہ اهو مرد هجي يا عورت، جوان هجي يا ٻڍو، غريب هجي يا امير، عالم هجي يا جاهل، نيڪ هجي يا بد، پنهنجن گناهن کان نفرت ڪري



ٿو ۽ عيسيٰ مسيح تي ايمان آڻي ٿو، جيڪو خدا جو فرزند آهي، تہ پڪ سان انهيءَ جا گناهہ معاف ٿي وڃن ٿا. پر اسان کي اهو ڄاڻڻ گهرجي تہ عيسيٰ مسيح تي فقط ذهني طور ايمان آڻڻو نہ آهي. صرف ذهني قابليت ئي سچو ايمان آهي. پر مسيح تي ايمان آڻڻ جو مطلب هي آهي، تہ پنهنجو پاڻ کي مسيح جي حوالي ڪري ڇڏجي. جهڙي طرح هڪ مريض پاڻ کي، پوري طرح ڊاڪٽر جي حوالي ڪري ڇڏيندو آهي ۽ هن جي ذريعي شفا حاصل ڪرڻ جو اعتبار ڪندو آهي.

اسان کي اهو ڄاڻڻ ڏاڍي خوشي ٿئي ٿي، تہ حضرت ابراهيم ۽ ٻين پراڻي زماني جي نبين وانگر عيسيٰ مسيح قبر ۾ نہ آهي. پر هو زنده آهي ۽ روح ۾ (روحاني) اسان سان گڏ آهي. جيئن هو انهيءَ وقت جڏهن پاڻ فلسطين ملڪ ۾ رهندو هو. جيڪي بيمار لاچار وٽس ايندا هئا، تن کي شفا بخشيندو هو، تيئن اڄ بہ هو اسان کي بچائي سگهي ٿو. هو سڄ جي مثال وانگر زمين تي بہ آهي. تہ پنهنجي پيءُ (خدا) جي حضوري ۾ بہ رهي ٿو ۽ لڳاتار ايماندارن جي شفاعت ڪندو رهي ٿو. هيٺ ڏسو انجيل شريف جا لفظ: ”انهيءَ ڪري ئي جيڪي سندس وسيلي خدا جي طرف ٿا اچن، تن کي هو پوريءَ طرح بچائي ٿو سگهي، ڇا لاءِ جو انهن جي شفاعت لاءِ هو هميشہ جيئرو آهي.“ (عبرانين 25:7) مسيح جو صليبي موت ۽ مسلسل شفاعت ايماندارن کي نہ فقط دوزخ کان پناهہ ۾ رکي ٿي بلڪ کين خدا جي نزديڪ ٿي وٺي اچي. تنهن کان سواءِ انهن کي هن بڇڙي جهان ۾ پاڪيزهہ

زندگي گذارڻ جي لائق بڻائي ٿي.

عزيز دوست. منهنجي دلي دعا آهي، ته اوهان ۽ ٻيا سڀ ماڻهو، جيڪي حق جي تلاش ۾ آهن، نجات جي ان بخشش کي جيڪا عيسيٰ مسيح ۾ آهي، قبول ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃن. ياد رکڻ گهرجي، ته ڪوبہ بشر نجات خريد ڪري نٿو سگهي. خدا اها بخشش طور هر انهيءَ فرد کي عطا ڪندو آهي جيڪو ايمان جو هٿ وڌائي ان کي قبول ڪندو آهي.

* * * *

# پاڪ روح ڪير آهي؟

اوهان کي ياد هوندو ته جڏهن عيسيٰ مسيح حضرت يحيٰ کان بپتسما ورتي، تڏهن مٿس پاڪ روح لٿو هو. پوءِ مسيح بہ آسمان ڏانهن وڃڻ کان پهريائين، پنهنجن حوارين سان واعدو ڪيو هو، ته کين هڪ ٻيو مددگار يعني پاڪ روح ڏيندو، ته جيئن هو انهن کي انجيل جي تبليغ ڪرڻ ۾ کين مددگار ۽ رهنما ٿئي



۽ انهن کي طاقت ۽ حڪمت ڏي. واعدي مطابق مسيح جو آسمان ڏانهن کڄي وڃڻ کان ڏهہ ڏينهن پوءِ سيني ايماندارن تي پاڪ روح نازل ٿيو. انهيءَ لاءِ ته ايماندار پاڪ روح جي زور ۽ اختيار سان تمام ماڻهن جي اڳيان مسيح جو پيغام پيش ڪن ۽ انهن ائين ئي ڪيو. اهو * پاڪ روح ڪير آهي؟ يا ڪن ماڻهن ائين سمجهيو، ته هي جبرائيل فرشتو آهي يا ڪو نبي آهي. ٻين وري ائين ڀانيو، ته هي انسان تي هڪ قسم جو خدائي اثر آهي. مگر بائيبل مقدس اسان کي ٻڌائي ٿو ته پاڪ روح اسان وانگر مخلوق نہ آهي. پر هو خدا جو روح آهي ۽ هن سان هڪ آهي. جڏهن اسين پاڪ روح جي ڪمن تي غور ٿا ڪريون، ته ان ڳالهہ جي تصديق ٿيو وڃي.

هڪڙي ڏينهن عيسيٰ مسيح هڪڙي شريعت جي عالم جنهن جو نالو نيڪديمس هو، تنهن کي چيو ته خدا جي بادشاهت ۾ داخل ٿيڻ لاءِ ڪيس نئين پيدائش جي ضرورت آهي. نيڪديمس حيران ٿي پڇيو، ته جڏهن انسان ٻڍو ٿي چڪو، ته پوءِ ڪيئن وري پنهنجي ماءُ جي پيٽان پيدا ٿيندو؟ تنهن تي مسيح وراڻيو، ته نئين پيدائش پاڪ روح جو ڪم آهي. جهڙي طرح اسان کي جسماني زندگي عطا ڪري ٿو، تهڙي طرح هو اسان کي روحاني زندگي عطا ڪري نئون بڻائي سگهي ٿو. جڏهن ماڻهو گناهہ ۾ زندگي گذارين ٿا، ته اهي ان جا فرزند آهن، پر خدا انهن کي پاڪ روح جي وسيلي ڦيرائي سگهي ٿو ۽ جڏهن نئين سر پيدا ٿين ٿا، تڏهن هو خدا جا فرزند بنجي وڃن ٿا.

تنهن ڪانسواءِ پاڪ روح خدا جي مقدس ڪتابن جو مصنف به آهي، ڇاڪاڻ ته هن پراڻي زماني ۾ نبين جهڙوڪ حضرت دائود ۽ حضرت يسعياه ۽ ٻين جو قابل رهنما ۽ استاد هو. اهڙي طرح هن نئين عهدنامي يعني انجيل مقدس جي لکندڙن مثلاً متي، لوقا، يوحنا، پطرس ۽ پولس رسول وغيره جي رهنمائي ڪئي. مقدس ڪتاب ۾ لکيل آهي ته ”سيني ڳالهين ڪان پهريائين هي ڄاڻي ڇڏيو ته پاڪ ڪتاب ۾ نبين جي ڪابه ڳالهه ڪنهن جي به ذاتي مطلب سان نٿي ٿئي، ڇالاءِ جو نبين جي ڪابه ڳالهه ڪڏهن به انسان جي پنهنجي مرضيءَ موجب ڪانه ٿي، بلڪ ماڻهو پاڪ روح جي رهنمائيءَ سان خدا جي طرفان ڳالهائيندا هئا.“ 2- پطرس 21-20:1) تنهن ڪان سواءِ خدا جو پاڪ روح خدا جي ڪلام جو اڀياس ڪندڙ فردن جو پڻ ڪامل استاد آهي. هن ڏس ۾ عيسيٰ مسيح به ائين فرمايو، ته ”پر مددگار يعني پاڪ روح، جنهن کي پيءُ منهنجي نالي موڪليندو، سو اوهان کي سڀ ڳالهيون سيکاريندو ۽ اوهان کي اهي ڳالهيون ياد ڏياريندو رهندو، جيڪي مون اوهان کي چيون آهن.“ (يوحنا 26:14)

بيشڪ جڏهن مسيح پنهنجن شاگردن کي ٻڌايو هوندو، ته کيس صليب تي چاڙهيو ويندو پوءِ زنده ٿي آسمان ڏانهن کڄي ويندو ته هو ضرور پريشان ٿيا هوندا. پر عيسيٰ مسيح کين ڇئي تسلي ڏني ته هو انهن لاءِ پاڪ روح کي موڪليندو جيڪو سندن رهنمائي ڪندو ۽ قوت بخشيندو. هن سان گڏ ئي هن هڪ واعدو به ڪيو ته هو يعني مسيح پاڻ روح ۾هميشه هنن سان رهندو.



مسيح جي آسمان ڏانهن کڄي وڃڻ جي ڏهن ڏينهن بعد پاڪ روح هنجي پيروي ڪندڙن تي نازل ٿيو ۽ پاڪ روح هنن کي تبديل ڪيو. انهيءَ وقت ڪان اڄ تائين خدا جو پاڪ روح مسيح جي سچي پيروي ڪندڙن ۾ سڪونت ڪندو آهي. مسيح جي واعدي مطابق هو انهن ۾ سڪونت ڪندو رهندو. ڏسو انجيل مقدس جا لفظ: ”آئون (مسيح) اوهان کي اطمينان ڏيئي ٿو وڃان، بلڪ اوهان کي پنهنجو اطمينان ڏيان ٿو. اهڙو نه ٿو ڏيان جهڙو دنيا ڏئي ٿي. اوهين پنهنجي دل ۾ پريشان نه ٿيو ۽ نڪي ڊڄو.“ (يوحنا 27-25:14) (تنهن ڪان سواءِ رسولن جا ڪم 5:1 آيت ڪان 8 تائين 4-1:2 آيت تائين پڙهڻ گهرجي.)

ان ڳالهه کي ياد رکڻ ضروري آهي، ته فقط خدا جو پاڪ روح ئي گنهگار انسان جون اکيون کولي سگهي ٿو، ته جيئن هو سمجهي ته مسيح ڪير آهي. انجيل مقدس ۾ آيو آهي، ”تنهن ڪري آئون اوهان کي سمجهائڻ گهران ٿو ته خدا جي روح جي اثر هيٺ ڪوبه نه چوندو ته عيسيٰ لعنتي آهي ۽ نه وري ڪو پاڪ روح ڪانسواءِ چئي سگهندو ته عيسيٰ خداوند آهي.“ (1- ڪرنٿين 3:12) جيئن ته هن ۾ حيران ٿيڻ جي ڪائي ڳالهه نه آهي ته اهي ماڻهو جن ۾ پاڪ روح نٿو رهي سي ڇو مسيح کي ”خداوند“ ۽ ”ابن الله“ چئي نٿا سگهن.

جهڙي طرح خدا جو پاڪ روح اسان کي نئين پيدائش ۽ مسيح جي باري ۾ صحيح علم بخشي ٿو، اهڙي طرح هو اسان جي گنهگار ۽ گناهن سان ٽمٽار دل جي حالت کي به اسان تي

اشڪار ڪري ٿو ۽ اسان کي انهيءَ قابل بڻائي ٿو ته جيئن اسين توبهه ڪريون. جيئن ئي ڪوئي مسيح تي ايمان آڻي ٿو، خدا انهيءَ جا گناهه معاف ڪري ڇڏي ٿو ۽ ڪيس پنهنجو ٻالڪ بڻائي ڇڏي ٿو. ۽ هڪ نئي دل بخشي ٿو. پر هن ۾ سندس پراڻي انسانيت به سڪونت ڪري ٿي، جيڪا ڪيس بديءَ ڏانهن ڇڪڻ جي ڪوشش ڪندي رهي ٿي. ۽ شيطان ته هميشه ايماندار کي خدا جي حڪمن جي نافرمانيءَ لاءِ پڙڪائيندو رهي ٿو، پر پاڪ روح جيڪو ايماندار ۾ رهي ٿو، اهو ڪيس برائي سان مقابلو ڪرڻ جي مدد عطا ڪري ٿو. ۽ هن ۾ نيڪ خصلتون پيدا ڪري ٿو. "پاڪ روح جو ڦل آهي پيار، خوشي، اطمينان، صبر، مهرباني، نيڪي، ايمانداري، نماڻائي ۽ پرهيزگاري. اهڙين ڳالهين جي برخلاف ڪابه شريعت نه آهي. جيڪي عيسيٰ مسيح جا آهن، تن انساني فطرت کي ان جي لاڙن ۽ برين خواهشن سميت صليب تي چاڙهي ڇڏيو آهي." (گلتين 5:22-24)

جيستائين ايماندار زنده رهي ٿو، خدا جو پاڪ روح منجهس ڪم ڪري ٿو ۽ ڪيس آهستي آهستي بدلائيندو رهي ٿو، جيستائين هو پنهنجي مالڪ ۽ خداوند جو همشڪل بڻجي وڃي. ڇالاءِ ته خدا جو مقصد اهو آهي، ته اسين سندس فرزند وانگر ڪامل ٿيون. انجيل ۾ آيو آهي، ته "پيارا ڀائرو ۽ ڀينرون، هاڻي اسين خدا جا ٻار آهيون ۽ اجا اها ڳالهه ظاهر ڪانه ٿي آهي ته اسين ڇا ٿينداسين. پر ايترو ڄاڻون ٿا ته جڏهن مسيح ظاهر ٿيندو ته اسين به هن جهڙا ٿي پونداسين، ڇا لاءِ جو اسين ڪيس ائين



ڏسنداسين جيئن هو حقيقت ۾ آهي." (1- يوحنا 3:2) پاڪ روح ٻين به ڪيترن طريقن سان اسان جي خدمت ڪرڻ ۾ مدد ۽ قوت بخشي ٿو "ساڳيءَ طرح پاڪ روح به اسان جي ڪمزوريءَ ۾ مدد ٿو ڪري، ڇو ته اسان کي خبر نه آهي ته ڇا جي لاءِ ۽ ڪهڙي طرح دعا گهرون. پر پاڪ روح پاڻ اندر جي اُڌمن سان اسان جي شفاعت پيو ڪري. خدا دلين جو مالڪ آهي، سو هن کي خبر آهي ته پاڪ روح جو ارادو ڪهڙو آهي، ڇا لاءِ جو پاڪ روح خدا جي مرضيءَ موجب سندس قوم جي شفاعت ٿو ڪري." (رومين 8:26-27) "جڏهن هنن خداوند جي عبادت پئي ڪئي ۽ روزا پئي رکيا تڏهن پاڪ روح کين چيو، ته برناباس ۽ شائول کي مون لاءِ مخصوص ڪريو ته هو اهو ڪم ڪن جنهن لاءِ مون کين چونڊيو آهي ... هو فروگيا ۽ گلتيا جي علائقي مان لنگهي ويا، ڇالاءِ جو پاڪ روح هنن کي ايشيا پرڳڻي ۾ واري علائقي ۾ ڪلام جي تبليغ ڪرڻ کان منع ڪئي هئي. جڏهن موسيا جي سامهون آيا تڏهن ڪوشش ڪيائون ته بٿونيا ۾ وڃون پر عيسيٰ جي روح کين وڃڻ نه ڏنو." (رسولن جا ڪم 13:2-4 ۽ 16:6-7)

انهن سڀني حقيقتن مان اسين صرف اهو نتيجو ڪڍون ٿا، ته درحقيقت پاڪ روح جي حالت ۾ خود خدا ايماندارن ۾ رهي. هي ڪيڏو نه وڏو ۽ اڻ ملهه حق آهي، جو پاڪ خدا انسان کي ان کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو انعام ڏئي سگهي ها؟ اها بخشش ڪهڙن ماڻهن کي ملي ٿي؟ اسان کي معلوم آهي، ته پراڻن وقتن ۾ خدا پنهنجو روح نبين ۽ مقدس ماڻهن کي عطا ڪندو هو. پر

آهي تہ اوهان اهو ضرور ٻڌو هوندو، تہ مسيحي ٽن خدائن کي مڃيندا آهن، يعني خدا، عيسيٰ مسيح ۽ بيبي مريم، انهن ٽنهين کي گڏي تثليث چوندا آهن. جيئن تہ مون اڳ ۾ ئي بيان ڪري ڇڏيو آهي، تہ جيڪڏهن ڪوئي خدا سان گڏ ڪنهن ٻئي جي بہ بندگي ڪري تہ اهو وڏي غلطي تي آهي. جيتوڻيڪ عيسيٰ مسيح جي ماءُ هڪ مقدس هستي هئي پر اسين ڪيس اهو مرتبو ڏئي نٿا سگهون، جيڪو خدا جو آهي. ائين برابر آهي تہ اسين مسيحي عيسيٰ جي بندگي ڪندا آهيون. پر اها بندگي انهيءَ ڪري نہ هوندي آهي، تہ هو خدا جو نبي هو. پر انهيءَ ڪري تہ هو ازل کان خدا جو ڪلام ۽ شروع کان وٺي ابن خدا آهي ۽ خدا سان گڏجي هڪ ٿيل آهي. هو فقط هڪ مخلوق نہ آهي جنهن کي اسان خدا جي برابرين ۾ آڻي بيهاريو آهي، پر هو ازل کان ئي خدا سان گڏ هڪ ٿيل آهي. هن دنيا کي بچائڻ لاءِ هو انسان بڻيو، تہ جيئن حضرت انسان کي خدا سان ملائي، تنهن ڪري هو حمد و ثنا جو حقدار آهي ڇو تہ خدا آهي.

مون اهو پڻ بيان ڪيو آهي، تہ پاڪ روح بہ خدا جي مخلوق نہ آهي. هو بہ خدا سان گڏ آهي. هو بہ انسانن لاءِ خدا جهڙا ڪم ڪري ٿو، تنهن ڪري پرستش جو حقدار آهي.

ان مان اسان جو مطلب ڇا آهي؟ ڇا ٽي خدا آهن، يعني خدا، پٽ ۽ پاڪ روح؟ هرگز نہ، آئون هي بہ چوان ٿو تہ خدا هڪ آهي ۽ هميشہ هڪ رهندو. تڏهن بہ ازل کان ئي هن جي الاهي ذات ۾ ڪثرت آهي. يعني پيءُ (خدا)، پٽ (عيسيٰ مسيح) ۽ روح



جڏهن خدا پنهنجي فرزند کي هن جهان جو نجات ڏيندڙ ڪري موڪليو، جيڪي مٿس ايمان آڻين ٿا. مسيح هڪ دفعي فرمايو "جيڪڏهن اوهين باوجود بڇڙا هئڻ جي، پنهنجن ٻارن کي چڱيون شيون ڏيڻ ڄاڻو ٿا تہ اوهان جو آسمان وارو پيءُ ڪيترو نہ وڌيڪ انهن کي پاڪ روح ڏيندو جيڪي کانئس گهرندا." (لوقا 13:11)

خدا جو قول سچو آهي. جڏهن ڪو بہ شخص مسيح تي ايمان آڻي ٿو ۽ ڪيس پنهنجو خداوند ۽ مالڪ ڪري قبول ڪري ٿو ۽ خدا کان پاڪ روح جو طالبو رهي ٿو. تڏهن خدا انهيءَ کي پاڪ روح عطا ڪري ٿو. جهڙي طرح اسين مانيءَ لاءِ خدا کي ڏهاڙي عرض ڪريون ٿا اهڙي طرح اسان کي خدا کان درخواست ڪرڻ گهرجي، تہ هو اسان کي پاڪ روح سان ٽمٽار ڪندو رهي جيئن مسيح فرمايو، تہ "گهرو تہ مليوَ." (لوقا 9:11)

*****

# تثليث في التوحيد ڇا آهي؟

جڏهن کان مون کي اوهان اهو ٻڌايو آهي تہ مسيحي فقط هڪ ئي خدا تي ايمان رکندا آهن، تڏهن اوهين اهو سوال ضرور ڪندا، تہ پوءِ پلا، "تثليت في التوحيد ڇا آهي؟" مون کي اها خبر

القدوس. ”پيءُ“ الوهيت جو مرڪز آهي جنهن کي انساني اک ڪڏهن ڪونہ ڏٺو آهي. ”پٽ“ مجسم ٿيو جنهن پيءُ کي مڪمل طرح انسانن تي ظاهر ڪيو. پيءُ ۽ پٽ پاڪ روح انهيءَ ڪري ڏنو تہ جيئن هو ماڻهن ۾ الاهي مقصد کي پورو ڪري. منهنجا دوست يقين ڪر، تہ مسيحي هڪ خدا تي ايمان رکندا آهن اهو ئي واحد خدا، پيءُ بہ پٽ بہ ۽ پڻ روح القدوس بہ آهي مسيح بہ تثليث في التوحيد جي تصديق ڪئي، جڏهن هن پنهنجن رسولن کي حڪم ڏنو، تہ ”اوهين سيني قومن وٽ وڃو ۽ انهن کي منهنجا شاگرد ڪريو. انهن کي پيءُ، فرزند ۽ پاڪ روح جي نالي تي بپتسما ڏيو.“ (متي 19:28) بعد ۾ آئون بپتسما جي باري ۾ بيان ڪندس.

* * * *

# ڪليسيا ڇا آهي؟

ڪليسيا مان مراد، مسيح تي ايمان آڻڻ وارين مقامي جماعتون آهن. ان لفظ کي ساري دنيا جي ايماندارن جي جماعت لاءِ بہ استعمال ڪيو وڃي ٿو، خواه اهي زنده آهن يا گذاري ويل آهن.



پراڻي زماني ۾ خداوند ڪريم بني اسرائيل کي پنهنجي امت ڪري چونڊيو ۽ حضرت موسيٰ جي ذريعي انهن کي شريعت ڏنائين، خدا انهن کي ملڪ فلسطين ۾ آباد ڪيو، بني اسرائيل اچڻ واري مسيح جي باري ۾ ٻڌائڻ لاءِ ۽ ڪين تعليم ڏيڻ لاءِ انهن ڏانهن نبي موڪليا. جڏهن مقرر ڪيل وقت تي مسيح موعود پنهنجن يعني اسرائيلن وٽ آيو، تڏهن انهن مان ڪن ماڻهن مٿس ايمان آندو، پر گهڻن ايمان آڻڻ کان ڳنڪار ڪيو. خداوند ڪريم انهن ماڻهن مان جن مسيح تي ايمان آندو هو، پنهنجي لاءِ هڪ نئين قوم تيار ڪئي، جيڪا ڪليسيا سڏائي ٿي. پهريائين اسرائيلي ئي خدا جي امت هئا. مگر هاڻي دنيا جي هر قبيلي ۽ قوم منجهان، جيڪي ماڻهو مسيح تي ايمان آڻين ٿا، اهي خدا جي هن نئين امت ۾ شريڪ ٿين ٿا. يهودي مذهب ۾ شامل ٿيڻ جو نشان طهر ڪرائڻ آهي، جيڪو خدا، حضرت ابراهيم ۽ سندس اولاد جي لاءِ مقرر ڪيو هو، پر خدا جي نئين امت يعني ڪليسيا ۾ شامل ٿيڻ جو نشان بپتسما آهي. هاڻي مسيحين لاءِ طهر ڪرائڻ جي پابندي ۽ رسم ڪانہ رهي. مسيح جي حڪم مطابق بپتسما انهن کي ڏني ويندي آهي. جيڪي پنهنجن گناهن کان توبهہ ڪري، حضرت عيسيٰ مسيح تي ايمان آڻيندا آهن. بپتسما خود نجات يعني (گناهن کان معافي جو باعث نہ آهي. گنهگار فقط عيسيٰ مسيح تي ايمان آڻڻ سان بچي وڃن ٿا. گنهگار فقط عيسيٰ مسيح تي ايمان آڻڻ سان بچي ئي وڃن ٿا. بپتسما گناهن کان صاف ڪرڻ ۽ نئين زندگي جو نشان آهي. ڪن مسيحي فرقن ۾

بپتسما ڏيڻ واري فرد جي مٿان پاڻي جا ڇنڊا وجهندا آهن. وري ڪليسيائي ڪن ڪي ٽٻي ڏياريندا آهن. بپتسما فقط هڪ دفعو ڏني ويندي آهي.

نئين عهدنامي ۾ ڪليسيا کي مسيح جو بدن چيو ويو آهي مسيح ڪليسيا جو سر آهي، باقي سمورا ڪليسيا ۾ شريڪ ٿيندڙ، توڙي انهن جو رنگ، زبان يا نسل ڪهڙو به هجي، مسيح جي بدن جا عضوا آهن. تنهن ڪري جيئن مسيح هڪ آهي. تيئن ڪليسيا به هڪ آهي. ڪليسيا پاڪ آهي. ڇاڪاڻ ته اها پاڪ خدا جي ڪليسيا آهي. تنهن هوندي به جيڪڏهن اسين ڪليسيا جي موجوده دنياوي حالت تي غور ڪريون ته اها ورهايل نظر ايندي. اسان کي افسوس سان چوڻو پوي ٿو، ته ڪڏهن ڪڏهن ان ۾ بدي ۽ برائي به ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ائين ڇو آهي؟ ان جو پهريون سبب هي آهي، ته هن وقت ڪليسيا ۾ اهڙا ماڻهو به ملن ٿا، جن کي حقيقت ۾ * نئين پيدائش جو تجربو نه آهي، تنهن ڪري اهي مسيحي نه آهن، انجيل جليل جو بيان آهي ته ”اوهين انساني فطرت نه پر پاڪ روح موجب هلو ٿا، بشرطيڪ اوهان ۾ خدا جو روح رهي. جنهن ماڻهو ۾ مسيح جو روح نه آهي سو مسيح جو نه آهي.“ (رومين 9:8) ڪليسيا سان ناتو رکندڙ بيمارن وانگر آهن، جيڪي شفا خاني ۾ علاج لاءِ اچن ٿا. انهن مريضن پاڻ کي انهيءَ حڪيم الحڪما عيسيٰ مسيح جي هٿن ۾ ڏئي ڇڏيو آهي، ۽ هو انهن کي گناهه جي بيماريءَ کان هوريان هوريان شفا عطا ڪري رهيو آهي. پر جيستائين اسين هن جهان ۾ زندگي گذاريون ٿا،



تيستائين ڪوبه مسيحي پوري طرح گناهه جي اثر کان شفا حاصل ڪري نٿو سگهي، تنهن ڪري ضرورت ان ڳالهه جي آهي، ته اسين لڳاتار گناهن کان توبهه ڪريون ۽ معافي حاصل ڪريون. سڀ ماڻهو گنهگار آهن، مگر حقيقي مسيحي پنهنجو پاڻ کي ان حڪيم جي حوالي ڪري ڇڏين ٿا، جنهن کي خداوند ڪريم موڪليو ۽ انهيءَ جي ئي دوا ڪتب آڻين ٿا ۽ سندس هدايت تي عمل ڪن ٿا.

جيتوڻيڪ سڀ ئي مسيحي مسيح ۾ هڪ آهن، تڏهن به جيئن اوهان ڄاڻو ٿا، ته مسيحين ۾ گهڻائي فرقا آهن، جن ۾ ٻه وڏا فرقا آهن، پهريون رومن ڪئٿولڪ ۽ ٻيو پروٽسٽنٽ: رومن ڪئٿولڪ هڪ فرقو آهي مگر پروٽسٽنٽ ۾ وري ڪيتريون ئي شاخون آهن. انهن سڀني شاخن يا فرقن جو ڪتاب هڪ آهي. اهي سڀ ئي ان ڳالهه تي ايمان آڻين ٿا ته مسيح خدا جو فرزند آهي. هو صليب تي مئو ۽ پوءِ وري زنده ٿيو ۽ فقط اهو ئي ڇوٽڪارو ڏيندڙ آهي، جيتوڻيڪ اهي فرقا هڪ ٻئي کان گهٽين ڳالهين ۾ اختلاف رکن ٿا. (انهن مان ڪي ضروري به آهن) تنهن هوندي به مسيحي هڪ ٻئي جي ويجهو اچڻ ۽ محبت ۽ ايمان ۾ هڪ ٿيڻ جي ڪوشش ڪن ٿا جيئن ئي مسيح چاهي ٿو.

ڪليسيا جو مقصد ڇا آهي؟ ته ان ۾ شريڪ ٿيندڙ خدا جي ڄاڻ، ايمان ۽ محبت ۾ ترقي ڪن، جيئن ته هو پاڪ خدا جا حقيقي فرزند ٿين. هر هڪ ايماندار جي ضرورت هوندي آهي، جهڙي طرح بدن جي هر عضوي کي ٻين عضون جي ضرورت

هوندي آهي. هڪ مسيحي کي ڪليسيا ۾ ٻين مسيحين جي محبت کان ڌار رهڻ نہ گهرجي.

ڪليسيا کي اها ذميواري ڏني وئي آهي، تہ هو مسيح جي خدمت کي هن جهان ۾ جاري رکي، جڏهن مسيح هن دنيا ۾ هو تہ هو عام هجي يا خاص ماڻهن کي خدا جو ڪلام ٻڌائيندو هو ۽ ڪين شفا ڏيندو هو، ڏکايلن کي آٿت ڏيندا هئا ۽ گنهگارن کي گناهن کان ڇوٽڪارو ڏيندو هو. جڏهن آسمان ڏانهن وڃڻ لڳو، تڏهن پنهنجن شاگردن کي ارشاد فرمايائين تہ هو بہ سڄي دنيا ۾ ان خوشخبري کي ڦهلائين. هن دنيا جي هر حصي ۾ هر هڪ مسيحي جو پهريون فرض اهو ئي آهي، تہ هو سڀني ماڻهن جي اڳيان نجات جو پيغام پيش ڪري، تنهن کان سواءِ مسيحين جو اهو بہ فرض آهي، تہ هو مذهب ۽ نسل جي امتياز کان مٿانهون ٿي بيمارن کي شفا ڏيڻ سان، تعليم عام ڪرڻ سان بکين کي ڪارائڻ سان ۽ گنهگارن کي انجيل جي تعليم ٻڌائڻ سان خوشخبري کي روشن ڪن. خداوند عيسيٰ مسيح پنهنجي ساري زندگي عوام جي خدمت ڪرڻ ۾ گذاري تہ پوءِ ڪليسيا جي ماڻهن کي بہ سندس مثالي زندگي جي پيروي ڪرڻ گهرجي.

جهڙي طرح هر ڌڻ کي ڌنار جي ضرورت هوندي آهي. تهڙي طرح ايماندارن کي بہ رهبر جي ضرورت پوندي آهي، تہ جيئن ڪليسيا (ايماندارن جي جماعت) جي رهنمائي ۽ همت افزائي ڪن. ۽ جڏهن بہ ڪا اهڙي ضرورت پوي تہ جيڪي گمراه ٿي ويا هجن، تن کي تنبيہ ڪن، خدا شروع کان ئي اهڙا ماڻهو



ڪليسيا کي ڏنا آهن، جيڪي ان جي سنڀال ڪن، شروع ۾ ئي مسيح، 12 ماڻهن کي مقرر ڪيو تہ جيئن هو هن جو پيغام دنيا جي آڏو پيش ڪن ۽ ڪليسيا کي قائم ڪن. اسين اهڙو خيال نئين عهدنامي ۾ پڙهون ٿا تہ خدا ڪن ماڻهن کي ڪليسيا ۾ پاسبان، معلم، مبشر، ۽ خادم مقرر ڪيو.

اهي سڀئي خادم اڄ بہ ڪليسيا ۾ موجود آهن. فقط مسيح ئي ڪليسيا جو سر آهي ۽ باقي سڀ سندن ۽ ڪليسيا جا خادم آهن. د آهن.

* * * *

# مسيحي مذهبي فرض ۽ ذميواريون ڇا آهن؟

جيئن تہ مسيحي عبادت ۽ ٻين مذهبن جي پيروي ڪندڙ جي عبادت ۾ فرق آهي، تنهن ڪري ڪڏهن ڪڏهن غلطي کان ائين سمجهيو ويندو آهي، تہ مسيحين تي ڪي بہ مذهبي ذميواريون عائد نہ ٿيون ٿيناٿون اهو ٻڌائڻ گهران ٿو تہ مسيحين جي عبادت جو مقصد گناهن کان ڇوٽڪارو يا گناهن جي معافي نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ اسين پنهنجن عملن سان نجات حاصل ڪري ٿا

سگھون پر خداوند ڪريم اسان کي نجات بخشش جي طور عطا ڪري ٿو. اها بلڪل مفت آهي، تنهن ڪري اسين عبادت ۾ ڏنل بخشش جي شڪرگذاري ۽ محبت جو اظهار ڪريون ٿا. آئون هتي مسيحي عبادت جي باري ۾ مختصر طور بيان ڪرڻ چاهيان ٿو.

## 1. دعا

عيسيٰ مسيح پنهنجن پوئلڳن کي ڪابہ خاص دعا عبراني يا يوناني زبان ۾ ڪين سيکاري جا هو ڪنهن خاص وقت يا خاص طرف ڏانهن منهن ڪري گهرن، پر مسيح ائين فرمايو، تہ جهڙي طرح هڪ نينگر پنهنجي والد وٽ ڪنهن بہ وقت ۽ ڪهڙي بہ جاءِ تي اچي سگهي ٿو ۽ پنهنجي مادري زبان ۾ هن سان ڳالهائي سگهي ٿو، تهڙي طرح هڪ عام مسيحي بہ خدا کان دعا گهري سگهي ٿو.

جيتوڻيڪ دعا جو ڪوئي خاص قاعدو بيان ڪونہ ڪيو ويو آهي، پر اهو ضروري آهي تہ دعا ۾ سنجيدگي اختيار ڪرڻ گهرجي ۽ سچي دل سان گهري وڃي. ”جڏهن اوهين دعا گهرو ... اي اسان جا بابا! تون جو آسمان ۾ آهين، شل تنهنجو نالو پاڪ مڃيو وڃي، ۽ تنهنجي بادشاهت اچي. تنهنجي مرضي جيئن آسمان ۾ پوري ٿئي ٿي، تيئن زمين تي بہ ٿئي. اسان جي ڏهاڙي جي ماني اڄ اسان کي ڏي. اسان جا ڏوهہ اسان کي ائين معاف ڪر، جيئن اسين بہ پنهنجن ڏوهارين کي معاف ٿا ڪريون. اسان کي آزمائش ۾ نہ وجهہ، پر اسان کي بڇڙائيءَ کان بچاءِ ... پر



جيڪڏهن اوهين ماڻهن جا ڏوهہ نہ بخشيندا تہ اوهان جو آسمان وارو پيءُ بہ اوهان جا ڏوهہ ڪين بخشيندو.“ (متي 15-5:6 ۽ ٻيو حوالو يوحنا 24-23:4) مسيحي هڪ ٻئي سان گڏ گرجا گهر ۾ دعا گهرن ٿا، هو پنهنجن گهرن ۾ پنهنجي خاندانن سان گڏجي دعا گهرن ٿا، جڏهن روز مره جو ڪم ڪار ڪن ٿا، تہ انهيءَ وقت بہ پنهنجن دلين ۾ دعا گهري سگهن ٿا، گهڻو ڪري مسيحي روزانو ٿوري دير لاءِ نويڪلائي ۾ ويهي بائيبل مقدس جي تلاوت ڪري ان تي غور ڪري پوءِ دعا گهرندا آهن. پنهنجن دعائن ۾ هو خدا جي برڪتن جو شڪر ادا ڪندا آهن، پنهنجن گناهن جو اقرار ڪندا آهن ۽ خدا کان معافي جا طلبگار رهندا آهن، بيمارن جي صحت ٻئي لاءِ ۽ غير نجات يافتہ ماڻهن لاءِ ڇوٽڪاري جي درخواست ڪندا آهن. سچو مسيحي پنهنجي ملڪ جي حڪومت ۽ انتظاميہ جي تابع هوندو آهي، تنهن ڪري هو پنهنجن ملڪي حاڪمن ۽ عالم ۾ امن لاءِ دعاگو هوندو آهي. مسيح موعود فرمايو تہ اسان کي هر وقت دعا گهرڻ گهرجي. (لوقا 1:18) جيئن تہ عيسيٰ مسيح آچر جي ڏينهن مئلن مان زنده ٿي اٿيو هو، تنهن ڪري هر آچر تي گرجائن ۾ مسيحي عبادت ٿيندي آهي. ڪليسيائي عبادت ۾ بائيبل مقدس جي تلاوت ڪئي ويندي آهي ۽ روحاني گيت ڳايا ويندا آهن ۽ پاسبان واعظ ڪندو آهي. جيڪڏهن اوهان مسيحي عبادت ۾ شريڪ ٿيڻ چاهيو ٿا، تہ شايد ان سلسلي ۾ اوهان جو ڪوئي مسيح دوست اوهان جي مدد ڪري سگهي ٿو.

## 2) روزو

عيسيٰ مسيح پنهنجن پوئلڳن لاءِ روزي رکڻ لاءِ ڪوئي وقت يا ڏينهن مقرر ڪونہ ڪيو آهي، تنهن ڪري روزو رکڻ يا نہ رکڻ مسيحين جي مرضيءَ تي ڇڏيل آهي، تڏهن بہ عيسيٰ مسيح ارشاد فرمايو تہ: ”جڏهن اوهين روزا رکو تہ رياڪارن وانگر منهن لٽل نہ ٿيو ڇالاءِ جو اهي منهن لٽل جو ڏيکاءُ انهيءَ لاءِ ٿا ڪن تہ جيئن ماڻهو ڏسن تہ هنن روزو رکيو آهي. آئون اوهان کي سچ ٿو ٻڌايان تہ انهن کي پنهنجو اجر ملي چڪو آهي. پر جڏهن اوهين روزا رکو تہ پنهنجي منهن کي ڌوئو ۽ مٿي کي تيل مکي ڦڻي ڏيو، تہ جيئن ماڻهو اوهان کي روزيدار نہ سمجهن، پر اوهان جو پيءُ جو ڳُجهہ ۾ آهي ۽ جيڪو توهان جا ڳجها ڪم ڏسي ٿو سو اوهان کي اجر ڏيندو.“ (متي 6:16-18) ڪي مسيحي جمعي جي ڏينهن تي گوشت نہ کائيندا آهن، ڇاڪاڻ تہ انهيءَ ڏينهن مسيح کي صليب تي چاڙهيو ويو هو، وري ڪي مسيح ايسٽر (مسيح جي وري جيئري ٿيڻ واري ڏينهن) کان چاليهہ ڏينهن اڳ جنهن کي هو ”لنٽ“ چون ٿا، ڪن ڪاڌن کان پرهيز ڪندا آهن. پر ياد رهي تہ اهي بائيبل مقدس جا حڪم نہ آهن. البتہ بائيبل جو اهم حڪم ضروري آهي، تہ اسين خراب ڳالهين ۽ بڇڙن ڪمن کان پرهيز ڪريون.

آئون هتي عيسيٰ مسيح جي انهيءَ تعليم کي ڪولڻ گهران ٿو، تہ هر قسم جا ڪاڌا پاڪ آهن ۽ حلال بہ. جيئن پاڻ فرمايو اٿائين، ” ... ’جيڪي ٻاهران انسان ۾ داخل ٿئي ٿو سو



ڪيس پليت نہ ٿو ڪري، ڇالاءِ جو اهو انسان جي دل ۾ نٿو وڃي پر انسان جي پيٽ ۾ ٿو وڃي ۽ اتان آخرڪار ٻاهر نڪريو وڃي.‘ ائين چئي عيسيٰ ڪائڻ جي سڀني شين کي حلال سڏيو. عيسيٰ چيو تہ ’جيڪي اسان جي دل مان ٻاهر ٿو نڪري سوئي ڪيس پليت ٿو ڪري، ڇالاءِ جو انسان جي دل مان بڇڙا خيال ٿا نڪرن، جهڙوڪ: حرامڪاري، چوري، خون، زناڪاري، لالچ، بڇڙائي، ٺڳي، ڇڙواڳي، ڪينو، گلاخوري، مغروري ۽ بيوقوفي. اهي سڀ خرابيون اندر مان ٿيون نڪرن ۽ ماڻهوءَ کي پليت ڪن ٿيون.‘“ (مرقس 7:18-23)

## 3) سخاوت

عيسيٰ مسيح آمدني جو خاص حصو مقرر نہ ڪيو آهي، تہ جيڪو خدا جي خدمت ۽ غريبن جي مدد لاءِ جدا رکيو وڃي. تنهن هوندي بہ مسيح اسان کي سيکاريو تہ اسان وٽ جيڪي ڪجهہ آهي سو خدا جو آهي، پوءِ اهو ٿورو هجي يا گهڻو. تنهن ڪري اهو خدا جي مرضيءَ موجب ڪتب آندو وڃي، تنهن ڪري مسيحي پنهنجي مال ملڪيت کي خدا جي طرفان امانت تصور ڪندا آهن. خدا جي اڳيان هو پنهنجي شڪر گذاري جو اظهار اهڙيءَ طرح ڪندا آهن. هو ڪليسيا جي انتظام، پنهنجي پادريءَ جي مدد، غريبن، محتاجن ۽ بيمارن جي مدد ڪرڻ کان سواءِ خدا جي ڪلام (خوشخبري) کي هنڌين ماڳين ڦهلائڻ لاءِ پنهنجو ڌن خوشيءَ سان ڏيندا آهن. مسيح فرمايو تہ ”اوهان جو خيرات ڏيڻ

ڳجهو رهي ۽ اوهان جو پيءُ جيڪو اوهان جا ڳجها ڪم ڏسي ٿو سو اوهان کي ان جو اجر ڏئي.“ (متي 4:6) گهڻا مسيحي پنهنجي آمدنيءَ جو ڏهون حصو خدا جي حضور ۾ پيش ڪندا آهن.

## (4) پاڪ جاين جي زيارت

عيسيٰ مسيح پاڪ جاين جي زيارت جو حڪم نہ ڏنو، ڇاڪاڻ تہ خدا هر هنڌ حاضر ناظر آهي. جيڪڏهن ڪوبہ فرد هن جي عبادت ڪرڻ گهري، تہ هر جاءِ تي ڪري سگهي ٿو. ڪي مسيحي فلسطين ملڪ ۾ وڃي انهن جاين جي زيارت ڪندا آهن جتي مسيح رهندو هو، مگر اها زيارت سندن لاءِ مذهبي فرض جي ادائيگي نہ آهي. مسيح جي بدن جي عزت ڪرڻ ائين ممڪن ئي نہ آهي جو اسين هنجي قبر جي زيارت ڪريون، ڇاڪاڻ تہ مسيح زنده آهي ۽ سندس قبر خالي آهي!

## (5) عيدون

عيسيٰ مسيح پنهنجن شاگردن کي ڪوبہ اهڙو حڪم نہ ڏنو، تہ هو ڪنهن خاص ڏينهن يا تاريخ تي عيد ملهائن، پر مسيحي عام طور سال ۾ ٽي عيدون ملهائيندا آهن. هڪ ”ڪرسمس“ جنهن کي اسين وڏو ڏينهن چوندا آهيون ۽ اهو مسيح جي ڄمڻ جو ڏينهن آهي. اسان کي خبر نہ آهي تہ حضرت مسيح ڪهڙي ڏينهن تي پيدا ٿيو، پر اڪثر مسيحي 25 ڊسمبر تي



ملهائيندا آهن. ڪي اهڙا مسيحي بہ آهن جيڪي وڏو ڏينهن ڇهين جنوري ملهائيندا آهن.

ٻيو آهي ”ايسٽر“ يعني قيامت المسيح. اهو ڏينهن اسين مسيح موعود جي مئلن مان زنده ٿيڻ جي خوشيءَ ۾ خوشيءَ ۾ ملهائيندا آهن. ايسٽر جي تاريخ جيڪا پوري چنڊ تي اچي ٿي، هر سال مختلف هوندي آهي. ايسٽر هر سال مارچ يا اپريل جي مهيني ۾ ملهايو ويندو آهي.

ٽين عيد آهي جنهن کي ”پنتيڪُست“ جي عيد سڏبو آهي. هن ڏينهن تي مسيح جي حوارين مٿان پاڪ روح نازل ٿيو هو، تنهن جي ياد ۾ هيءَ عيد ملهائي ويندي آهي. هيءَ عيد مسيح جي مئلن مان زنده ٿيڻ کان ست هفتا پوءِ ملهائي ويندي آهي.

نئون سال مذهبي تهوار نہ آهي، پر دنياوي ۽ سماجي ڏڻ ڪري ملهايو ويندو آهي.

## (6) رسمون

مسيح پنهنجي ڪليسيا (جماعت) ۾ ٻہ خاص رسمون مقرر ڪيون. پهرين رسم بپتسما آهي، جنهن جو ذڪر آئون پهريان ئي ڪري چڪو آهيان.انهيءَ رسم جي ذريعي ايماندار فرد اقرار ٿو ڪري تہ مسيح جي پيروي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي.

ٻي رسم آهي پاڪ شراڪت، جنهن کي عشاءَ رباني بہ چوندا آهن. مصلوب ٿيڻ کان هڪ رات پهريائين مسيح پنهنجن

شاگردن کي ماني ڏني ۽ فرمايائين. ” عيسيٰ ماني ڪٽي شڪر ڪري ڀڳي ۽ شاگردن کي ڏئي چيائين تہ ’وٺو ۽ کائو، هي منهنجو بدن آهي.‘ پوءِ هن پيالو ڪٽي شڪر ڪري انهن کي ڏيندي چيو تہ ’اوهين سڀئي هن مان پيئو، اهو منهنجو رت آهي، جيڪو گهڻن ئي جي گناهن جي معافيءَ لاءِ وهائجي ٿو ۽ جنهن سان خدا جو عهد ٻڌجي ٿو.‘“ (متي 26:26-28) عيسيٰ المسيح ماني کي پنهنجي بدن سان ۽ انگوري رس کي پنهنجي رت سان ڀيٽ ڪئي.

مسيح پنهنجن شاگردن کي حڪم ڏنو تہ سندن يادگيري ۾ ائين ڪندا رهن. دنيا جي اڪثر ڪليسيائين ۾ ان حڪم جي پابندي ڪئي ويندي آهي. عشاءِ رباني واري موقعي تي مسيحي گرجا گهرن ۾ گڏ ٿيندا آهن، ۽ ماني جو ننڍو گره کائيندا آهن ۽ مٿان ننڍو ڍڪ انگور جي رس جو نوش ڪندا آهن. اهڙي طرح مسيحي، ڇوٽڪارو ڏيندڙ جي موت ۾ شريڪ (مسيح، موت ان جي لاءِ سٺو هو) ٿي ياد تازي ڪندا آهن. مسيح ماني کي پنهنجي بدن سان ۽ انگوري رس کي پنهنجي رت سان ڀيٽ ڪئي. مسيحين کي هن پاڪ رسم جي ادا ڪرڻ سان وڏي برڪت ملي ٿي. (وڌيڪ ڏسو 1- ڪرنٿين 11:23-30)

## (7) شادي

عيسيٰ مسيح جي حڪم مطابق هڪ ماڻهو هڪ عورت سان شادي ڪري سگهي ٿو، جيستائين هو زنده رهن، هڪ



ٻئي سان وفادار هجن ۽ پاڻ ۾ محبت ڪن، مسيح فرمايو، ”دنيا جي خلقت کان وٺي خدا هنن کي نر ۽ مادي ڪري پيدا ڪيو آهي. ’تنهنڪري مرد پنهنجي ماءُپيءُ کي ڇڏي پنهنجيءَ زال سان گڏجي رهندو، ۽ ٻہ جسم گڏجي هڪ ٿي ويندا.‘ پوءِ اهي ٻہ نہ، پر هڪ آهن. سو جن کي خدا ملايو آهي تن کي ماڻهو جدا نہ ڪري.‘ پوءِ جڏهن هو گهر موٽي آيا تہ شاگردن عيسيٰ کان ان بابت پڇيو. عيسيٰ کين وراڻيو تہ ’جيڪو ماڻهو پنهنجي زال کي طلاق ڏيئي ٻي زال پرڻجي ٿو، تنهن ڄڻ زنا ڪئي، ۽ اهڙيءَ طرح جيڪڏهن ڪا زال پنهنجي مڙس کان طلاق وٺي ڪنهن ٻئي سان پرڻجي ٿي، تنهن زال بہ ڄڻ زنا ڪئي.‘“ (مرقس 6:10-12) ”اهو بہ چيو آهي تہ ’جيڪو بہ پنهنجي زال کي ڪڍي ڇڏي، سو انهيءَ کي طلاق نامون بہ لکي ڏئي.‘ پر هاڻي آئون اوهان کي سچ ٿو ٻڌايان تہ جيڪو بہ پنهنجي زال کي زنا جي ڏوهہ جي سبب کان سواءِ طلاق ٿو ڏئي، سو ڄڻ تہ هن کي زناڪار ٿو ڪري ۽ جيڪو انهيءَ طلاق ڏنل عورت سان پرڻبو سو بہ زناڪار ٿيند. “ (متي 31:5-32)

انجيل مقدس ۾ ائين بہ لکيل آهي تہ زال مڙس جي وچ ۾ اهڙي محبت هئڻ گهرجي جهڙي مسيح ۽ سندس ڪليسيا ۾ هوندي آهي. ” مسيح جي ادب جي ڪري هڪ ٻئي جي تابع رهو. اي زالون، اوهين پنهنجن مڙسن جون اهڙيون تابعدار رهو جهڙيون خداوند جون. ڇا لاءِ جو مڙس زال جو سر آهي، جهڙيءَ طرح مسيح ڪليسيا يعني بدن جو سر ۽ انهيءَ بدن جو

بچائيندڙآهي ... اي مڙسو، پنهنجين زالن سان محبت رکو، جهڙيءَ طرح مسيح ڪليسيا سان محبت رکي ۽ ان جي خاطر پنهنجي جان ڏئي ڇڏيائين ... ساڳئي نموني مڙسن کي بہ پنهنجين زالن سان اهڙيءَ طرح محبت رکڻ کپي، جهڙي طرح هو پنهنجن جسمن سان محبت رکن ٿا. جيڪو پنهنجيءَ زال سان محبت رکي ٿو سو پاڻ سان محبت ٿو رکي ... هر هڪ مڙس کي پنهنجي زال سان اهڙي محبت رکڻ گهرجي جهڙي هو پاڻ سان ٿو ڪري ۽ زال کي بہ پنهنجي مڙس جو ادب ڪرڻ گهرجي.“ (افسين 5:21-33)

* * * *

# مسيحيت جي اخلاقي تعليم ڇا آهي؟

پراڻي عهدنامي ۾ خدا پنهنجي قوم بني اسرائيل کي گهڻا ئي حڪم ڏنا. خروج جي ڪتاب ۾ جيڪي ”ڏهہ حڪم“ لکيل آهن، انهن ۾ خدا، انسان کي پنهنجي والدين جي عزت ڪرڻ لاءِ فرمائي ٿو، تنهن ڪانسواءِ خون ڪرڻ، زنا ڪرڻ، چوري



ڪرڻ، ڪوڙ ڳالهائڻ، ٻين جي مال جي لالچ ڪرڻ ڪان سختي سان منع ڪري ٿو. انهن ڏهن حڪمن ۾ خدا ٻيا بہ ڪيترائي اخلاقي حڪم ڏنا آهن. مثال طور ”پنهنجي پاڙيسريءَ کي پاڻ جهڙو پيار ڪجو.“ (لاوي سرشتو 19:18) مسيح انهن حڪمن کي منسوخ نہ ڪيو، پر انهن جي تشريح ڪري مڪمل ڪيو، مثلاً مسيح فرمايو تہ: ”اوهين ائين نہ سمجهو تہ آئون توريت ۽ نبين جي صحيفن کي منسوخ ڪرڻ لاءِ آيو آهيان. آئون انهن کي منسوخ ڪرڻ لاءِ نہ پر مڪمل ڪرڻ لاءِ آيو آهيان. آئون اوهان کي سچ ٿو ٻڌايان تہ جيستائين آسمان ۽ زمين باقي آهن تيستائين شريعت جو هڪڙو اکر يا ان جو ڪوبہ نقطو منسوخ نہ ٿيندو، تان جو سڀني ڳالهين جي پڄاڻي ٿئي.“ (متي 5:17-20)

”اوهان ٻڌو آهي تہ اڳين زماني جي ماڻهن کي چيو ويو هو تہ ’خون نہ ڪريو ۽ جيڪو خون ڪندو تہ ان کي ڪورٽ ۾ پيش ڪيو ويندو.‘ پر هاڻي آئون اوهان کي ٻڌايان ٿو تہ جيڪو پنهنجي ڀاءُ‌ڀيڻ سان ڪاوڙيل رهي ٿو سو بہ ڪورٽ ۾ پيش ڪيو ويندو. ڪنهنبئي کي ’اي چريا!‘ ڪري سڏي ٿو، سو وڏيءَ ڪورٽ ۾ پيش ڪيو ويندو ۽ جيڪو ڪنهن کي چوندو تہ ’اي پوڪ!‘ سو جهنم جي باهہ ۾ پوڻ جوڳو ٿيندو ... اوهان ٻڌو آهي تہ اهو چيو ويو هو تہ ’زنا نہ ڪر.‘ پر هاڻي آئون اوهان کي ٻڌايان ٿو تہ جيڪو ماڻهو ڪنهن عورت ڏانهن بڇڙي نگاهہ سان ٿو ڏسي سو پنهنجيءَ دل ۾ هن عورت سان زنا ڪري چڪو.“ (متي 5:27-29)

پراڻي عهدنامي ۾ بد عمل جي منع ڪئي وئي آهي، مگر مسيح دل ۾ پيدا ٿيندڙن گندن خيالن جي بہ مذمت ڪئي. هن قسم کڻڻ کان بہ منع ڪئي. هن پنهنجن پوئلڳن کي هڪ ٻئي سان محبت ڪرڻ لاءِ ارشاد فرمايو، بلڪ ان کان بہ وڌيڪ تہ هو پنهنجن پاريسرين سان بہ پيار ڪن ۽ پنهنجن ستائيندڙن لاءِ دعا ڪن. مسيح شراب پيئڻ کان منع ڪئي. هن وڌيڪ فرمايو تہ خدا جي فرزندن کي پنهنجي آسماني پيءُ وانگر ٿيڻ گهرجي. دنيا جو ڪوبہ اخلاقي معيار ان کان وڏو ۽ مٿانهون ٿي نہ ٿو سگهي. (متي 48:5)

مسيح اسان کي زندگيءَ جو هڪ اصول بہ ڏنو، جيڪو هر زماني ۾ ۽ دنيا جي هر حصي ۾ هڪ جهڙو مفيد آهي. "جهڙي طرح اوهين چاهيو ٿا تہ ماڻهو اوهان سان سلوڪ ڪن تهڙيءَ طرح اوهين بہ ٻين سان سلوڪ ڪريو." (متي 12:7) جيئن تہ هن قانون جو اثر ڏاڍو گهرو يا اونهو آهي، تنهن ڪري انهيءَ کي "سونهري اصول" بہ چئي سگهجي ٿو. هي ڪامل اصول نہ صرف برائي ڪرڻ کان روڪي ٿو، بلڪ جيڪي ڪجهہ اسين چاهيون ٿا، تہ ماڻهو اسان سان ڪن. هي اصول اهو ئي ڪجهہ ٻين سان ڪرڻ لاءِ اسان کي چوي ٿو. هيءَ ڳالهہ بہ غور ڪرڻ جي لائق آهي، تہ انجيل مقدس لباس ۽ خوراڪ بابت تفصيل سان ڪوبہ حڪم ڪونہ ڏنو آهي، ڇاڪاڻ تہ اهي ڳالهيون وقت ۽ موسم جي رفتار سان بدلجي سگهن ٿيون. انجيلي قانون ۽ اصول هر موقعي تي پورا اچن ٿا ۽ لاڳو ٿي سگهن ٿا، انهن کي رد ڪري



نٿو سگهجي.

عيسيٰ مسيح جي پوري اخلاقي تعليم جو خلاصو اسين هڪڙي ئي لفظ سان ظاهر ڪري سگهون ٿا يعني "محبت". مسيح جي محبت ڪامل هئي ۽ هن پاڻ بہ پنهنجن حوارين کي حڪم ڏنو تہ هو بہ ٻين سان محبت رکن. (يوحنا 12:5) اسين مسيحي ان ڳالهہ کي چڱيءَ طرح ڄاڻون ٿا، تہ مسيح خداوند جهڙي محبت اسان ۾ نہ آهي، پر جيڪڏهن اسين مسيح جي محبت کي جيڪا هن اسان سان ڪئي ۽ سندس موت کي جيڪو هن اسان لاءِ برداشت ڪيو، ياد ڪنداسون تہ پوءِ ئي اسين ٻين سان مسيح جهڙي محبت رکي سگهنداسون. (ڏسو 1- يوحنا 19:4) مسيح جو روح محبت جو روح آهي ۽ جڏهن هو پنهنجو روح اسان جي دلين ۾ وجهي ٿو تہ پوءِ اسين سيني ماڻهن سان ايتري قدر جو پنهنجن دشمنن سان بہ محبت رکون ٿا، جهڙيءَ طرح هن بہ پنهنجن دشمنن سان محبت رکي. "اسان کي انهيءَ اميد مان مايوسي نہ ٿي ٿئي، ڇاڪاڻ تہ پاڪ روح، جيڪو اسان کي ڏنو ويو آهي، تنهن جي وسيلي خدا جو پيار اسان جي دلين ۾ اوتيو ويو آهي." (رومين 5:5)

"جيڪو اوهان سان بڇڙائي ڪري تنهن سان بڇڙائي نہ ڪريو. اهڙي ڪم ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو جنهن کي سڀ چڱو چون. جيترو بہ ٿي سگهي اوهين پنهنجي طرفان سيني ماڻهن سان ميل ميلاپ رکو. اي منهنجا پيارا دوستو! پاڻ ڪڏهن بہ بدلو نہ وٺو، پر اهو خدا جي غضب تي ڇڏي ڏيو. ڇالاءِ جو پاڪ لکتن ۾

خداوند فرمائي ٿو تہ ”وير وٺڻ منهنجو ڪم آهي ۽ آئون ئي سزا ڏيندس.“ اهو بہ لکيل آهي تہ ”جيڪڏهن تنهنجو دشمن بکايل آهي تہ کيس کاراءِ ۽ اڃايل آهي تہ کيس پيار، ڇالاءِجو ائين ڪرڻ سان تون هن کي شرمسار ڪندين.“ اوهين بڇڙائيءَ کان شڪست نہ کائو، بلڪ نيڪيءَ جي وسيلي بڇڙائيءَ تي فتح حاصل ڪريو.“ (رومين 12:17-21)

هاڻي ظاهر ٿيو تہ اها محبت فقط اسان جي دلين تائين محدود نہ رهي بلڪ اها عملي صورت ۾ ظاهر ٿيڻ گهرجي. يوحنا رسول بيان ٿو ڪري، تہ جيڪڏهن ڪوئي پنهنجي ڀاءُ جي مدد ڪرڻ جي قابل آهي ۽ هو نٿو ڪري، تہ ان جو مطلب اهو ٿيو، تہ انهيءَ ۾ خدا جي محبت نہ آهي. (1- يوحنا 17:3)

پولس رسول الاهي محبت جي تعريف تمام عمدن لفظن ۾ ڪئي آهي.

”آئون ماڻهن توڙي ملائڪن جون ٻوليون ڳالهايان ٿو، پر مون ۾ محبت نہ آهي، تہ آئون وڄندڙ گهنڊ، يا ڇمڪندڙ جهانجهر آهيان. جيڪڏهن مون کي نبين وانگر ، ڳالهائڻ جي ڏات مليل هجي، ۽ سڀئي اسرار ۽ علم بہ ڄاڻيندو هجان، ۽ مون ۾ جبلن کي هٽائڻ جيترو ڪامل ايمان بہ هجي، پر جيڪڏهن مون ۾ محبت نہ آهي، تہ آئون ڪجهہ بہ نہ آهيان. جيڪڏهن آئون پنهنجو سڀ مال ملڪيت غريبن کي کارائي ڇڏيان، ۽ پنهنجي جان ڏئي ڇڏيان، پر مون ۾ محبت نہ هجي، تہ انهن مان مون کي ڪو بہ فائدو ڪو نہ ٿيندو.



محبت صبر ڪرڻ واري ۽ مهربان آهي، محبت حسد نٿي ڪري. محبت پاڻ کي نٿي پڏائي ۽ پنهنجي لاءِ ٻٽاڪون نٿي هڻي. محبت بدتميزي يا بي ادبي نہ ٿي ڪري. محبت پنهنجو فائدو نہ ٿي ڳولي. محبت جلدي نہ ٿي چڙهي ۽ محبت بدگماني نٿي ڪري. محبت بدڪاريءَ ۾ خوش نہ ٿي ٿئي، پر سچائي ۾ خوش ٿئي ٿي. محبت پردو رکي ٿي، محبت يقين رکي ٿي، محبت اميد رکي ٿي، محبت سهي ٿي. محبت کي زوال ڪونهي.“ (1-ڪرنٿين 13:1-8 آيت بلڪ پورو باب پڙهڻ جي لائق آهي).

عام ماڻهن لاءِ عيسيٰ مسيح جو پيار فقط لفظي نہ هو، بلڪ هن پنهنجي پيار جو عملي ثبوت، بيمارن کي بچائڻ لاءِ جان ڏيڻ سان ظاهر ڪيو. اهو ئي پيار آهي، جيڪو مسيحين کي مجبور ٿو ڪري تہ هو بيمارن لاءِ شفاخانہ لاوارث ٻارن لاءِ يتيم خانہ ۽ جهالت کي ختم ڪرڻ لاءِ تعليمي ادارا قائم ڪن. ۽ اهڙا ئي ٻيا عام ڀلائيءَ جا ڪم بنا ڪنهن مطلب جي سرانجام ڏين. مسيح گهريو ٿي تہ سندس شاگردن جي سڃاڻپ هڪ ٻئي سان محبت ڪرڻ واري نشان سان ٿئي. ”جيڪڏهن اوهين هڪ ٻئي سان پيار ڪندا تہ پوءِ سڀني کي خبر پوندي تہ اوهين منهنجا شاگرد آهيو“. (يوحنا 13:35) جيتوڻيڪ اسان مسيحين کي ڏاڍي شرمساريءَ سان اهو قبول ڪرڻو پوي ٿو، تہ گهڻو ڪري اسان جي محبت اڻ پوري هوندي آهي، تڏهن بہ هر هڪ سچو مسيحي ٻين سان مسيح وانگر سچي محبت رکڻ چاهي ٿو.

* * * *

# ايندڙ واقعن جي باري ۾ ايمان

مون هن ڊگهي خط جي شروع ۾ بيان ڪيو آهي ته مسيح هڪ خدا تي ايمان رکندا آهن، جنهن هن دنيا کي ڪنهن مقصد لاءِ پيدا ڪيو آهي ۽ آخر سندن اهو مقصد پورو ٿيندو. جڏهن انسان گنهگار ٿيو تڏهن خدا بني نوع انسان کي بچائڻ لاءِ پنهنجي فرزند کي هن دنيا ۾ موڪليو. (يوحنا 3:16-19) اهي ماڻهو جيڪي عيسيٰ مسيح کي قبول ڪري، مٿس ايمان آڻين ٿا سي محفوظ ٿا رهن، پر جيڪي هن کي قبول نه ٿا ڪن سي موتمار سزا ڀوڳيندا. آخر ڪار خدا پنهنجن دشمنن کي زير ڪندو ۽ پنهنجي بادشاهت قائم ڪندو، جنهن ۾ بديءَ جو نالو نشان به نه هوندو.

بائيبل مقدس ۾ ايندڙ واقعن جي باري ۾ ڪيتريون ئي پيشنگوئيون ٿيل آهن، پر خدا اسان جي آڏو هر شيءِ کولي بيان ڪرڻ مناسب نه ڄاتي، اهو ئي سبب آهي جو مسيحي فرقا انهن اڳڪٿين جون جدا جدا معنائون ۽ تفسير ڪن ٿا. آئونُ هتي ڪن خاص واقعن جو ذڪر ڪندس جن تي گهڻن مسيحي فرقن جو



اتفاق آهي.

## 1. عيسيٰ مسيح جو ٻيهر اچڻ

آسمان ڏانهن ڪڄي وڃڻ کان اڳ ۾، حضورالمسيح ڪيترا دفعا پنهنجن شاگردن کي اهو يقين ڏياريو ته پاڻ وري موٽي ايندو، هن زمين تي ايندو. جنهن ڪري مسيحي اڃا تائين سندس آمد ثاني جو انتظار ڪري رهيا آهن. مسيح جو پهريون ڀيرو اچڻ بني نوع انسان لاءِ هو، پر سندس آمد ثاني انسان ذات جي عدالت لاءِ ٿيندي، تنهن کان پوءِ هو خدا جي بادشاهت کي پوريءَ طرح قائم ڪندو هڪڙي دفعي شاگردن مسيح کان پڇيو، ته ڪڏهن هن دنيا ۾ واپس موٽي ايندؤ، تڏهن پاڻ هنن کي جواب ڏنائين ته "وقت ۽ ڏينهن منهنجي پيءُ اختياريءَ سان مقرر ڪري ڇڏيا آهن، تن کي ڄاڻڻ اوهان جو ڪم ناهي." (رسولن جا ڪم 7:1) پر مسيح انهن تي گهڻو زور ڏنو، ته هو هر وقت تيار رهن، ڇاڪاڻ ته جڏهن ماڻهن کي اها اميد ئي نه هوندي ته ڪو مسيح وري ايندو، تڏهن اوچتو ئي اوچتو اچي ويندو ۽ سندس اچڻ ائين ٿيندو، جيئن وڄ آسمان ۾ چمڪندي آهي. مسيح پنهنجي حوارين کي اهو به ٻڌايو، ته ڪيترائي ڪوڙا مسيح ۽ ڪوڙا نبي ظاهر ٿيندا ۽ اهي سادن ماڻهن کي برغلائيندا. مسيح وڌيڪ هيئن به فرمايو، ته " جيڪڏهن هو اوهان کي چون ته 'ڏسو، هو رڻ پٽ ۾ آهي' ته متان ٻاهر نڪتا آهيو يا وري هو چون ته 'اجهو هو اندرين ڪمري ۾ لڪل آهي' تي يقين نه ڪجو" (متي 26:24) " جڏهن

حقيقي مسيحي آسمان مان ايندو، تڏهن ساري دنيا اک ڇنڀ ۾ پروڙي ويندي ۽ پوءِ ڪنهن کي ٻڌائڻ جي ضرورت ڪانه پوندي. جڏهن مسيح موعود کي آسمان ڏانهن کنيو پئي ويو ته فرشتن انهن کي چيو. ”اي گليليو (گليل جا رهڻ وارا)! اوهين آسمان ڏانهن ڇو بيٺا نهاريو؟ اهو عيسيٰ، جو اوهان وٽان آسمان ڏانهن کڄي ويو آهي، سو جيئن اوهان هن کي آسمان ڏانهن ويندي ڏٺو تيئن هو وري موٽي ايندو.“ (رسولن جا ڪم 11:1) عيسيٰ مسيح جي وري اچڻ جو اهو مطلب هرگز نه آهي ته ماءُ جي پيٽان ڄمندو ۽ نه وري هن کي موت ايندو. انجيل جليل ۾ لکيل آهي، ته ”مسيح مئلن مان جيئرو ٿي اٿيو آهي ته وري مرڻ جو نه آهي، ڇا لاءِ جو هاڻي موت کي مٿس ڪوبه اختيار نه آهي.“ (رومين 9:6) ان آيت مان اهو صاف آهي، ته جيڪڏهن ڪوئي شخص مسيح هجڻ جي دعوىٰ ٿو ڪري ۽ وري ابدي ننڊ ۾ سمهي ٿو رهي، ته اهو مسيح ٿي نٿو سگهي.

جڏهن مسيح مئلن مان جيئرو ٿي اٿيو، ته سندس جسم جلالي بڻجي ويو ۽ پوءِ هن تي موت غالب پئجي نٿو سگهي. مسيح ملائڪن وانگر ظاهر به ٿي سگهي ٿو ۽ غائب به ٿي سگهي ٿو. هن وقت هو پنهنجي جلالي جسم سان آسمان ۾ آهي ۽ وري انهيءَ ئي جلالي جسم سان عام ماڻهن تي ظاهر ٿيندو. ڪن مسيحين حضورالمسيح جي آمد ثاني جي تاريخ ۽ جاءِ مقرر ڪري ڇڏي آهي، جيڪا سندن غلطي آهي بهرحال اسان کي پنهنجي زندگي اهڙي طرح گذارڻ گهرجي، ته جڏهن هو اچي ته اسان کي



تيار ڏسي. (وڌيڪ ڏسو متي 25:24)

جڏهن مسيح ايندو هو ڇا ڪندو؟ هن سوال جو جواب بائيبل ۾ پوري طرح صاف ظاهر نه آهي، پر ڪي مسيحي ائين خيال ڪن ٿا ته جڏهن هو وري جهان ۾ ايندو ته سڀ برايون ختم ڪندو ۽ هن زمين تي خدا جي بادشاهت قائم ڪندو ۽ پوءِ هر هڪ شخص سندس اطاعت ڪندو. پوءِ اطمينان ۽ انصاف جو دور شروع ٿيندو، تنهن ڪان پوءِ انسان خدا جي مرضي مطابق هلندو. وري ٻين مسيحين جو اهو خيال آهي ته مسيح فاني بادشاهه نه هوندو، پر سندس خدا جي ابدي بادشاهت ۾ روحاني حڪومت ڪندو. بهرحال ان وقت هو جيڪي ڪجهه ڪندا، سو انسان جي اُميد کان گهڻو شاندار هوندو. اها ڳالهه ضروري نه آهي ته اسين انهن سڀني رازن کي سمجهون. البت اهو ضروري آهي ته اسين سندن اچڻ لاءِ تيار رهون.

## 2.قيامت

حضور المسيح هڪ دفعي فرمايو ته ”اها اها گهڙي اچي رهي آهي جڏهن سڀيئي قبرن وارا سندس (مسيح) آواز ٻڌندا، ۽ قبرن مان نڪري ايندا. پوءِ جن چڱا ڪم ڪيا آهن سي اٿاريا ويندا ۽ ڪين زندگي ملندي، پر جن بڇڙا ڪم ڪيا آهن سي به اٿاريا ويندا ۽ ڪين سزا ملندي.“ (يوحنا 28:5-29) هن بيان مان ڄاڻ ٿي پوي ته مسيح خود مئلن کي زنده ڪندو. جڏهن مئل زنده ٿيندا ته انهن جا جسم ڪهڙي قسم جا هوندا؟ پولس رسول انجيل

۾ ايماندارن جي جسمن کي ٻجن سان ڀيٽ ڪئي آهي. جيئن ٻج زمين ۾ پوڻ ڪري مري ويندو آهي. ۽ پوءِ هڪ خوبصورت گل جيان ٿي، نڪرندو آهي، وغيره (1- ڪرنٿين 15 باب). مسيح سوال ڪرڻ وارن کي وراڻيو، ته ايندڙ جهان ۾ شادي وغيره ڪانه ٿيندي پر ايماندار فرشتن وانگر هوندا. (متي 30:22)

## 3. آخري عدالت

حضورالمسيح نه فقط مئلن کي جيئرو ڪندو پر ساري جهان جي عدالت پڻ ڪندو. پاڻ فرمايو ته سڀ قومون سندن سامهون گڏ ڪيون وينديون ۽ نيڪو ڪارن کي بد ڪارن کان جدا ڪيو ويندو، جهڙيءَ طرح هڪ ريڍار رڍن کي ٻڪرين کان جدا ڪندو آهي. اهي ماڻهو جن بيمارن ۽ ضرورتمند سان محبت ڪئي هوندي، تن کي مسيح چوندا: "اوهين، جيڪي منهنجي پيءُ جي طرفان سڀاڳا آهيو، اچو ۽ بادشاهي وٺو، جيڪا اوهان جي لاءِ دنيا جي پيدائش کان وٺي تيار ڪئي وئي آهي." ۽ اهي ماڻهو جن محبت جو اظهار نه ڪيو، تن کي مسيح چوندو، "مون وٽان هليا وڃو، اوهان تي خدا جو قهر آهي. وڃي دائمي باهه ۾ پئو جيڪا شيطان ۽ سندس ملائڪن لاءِ تيار ڪئي وئي آهي." (متي 31:25-41) هائو، هڪ ڏينهن خدا پنهنجي فرزند جي معرفت اسان سڀني جي عدالت ڪندو، خواهه اسان جو نسل يا مذهب ڪهڙو به هجي. هڪ ڏينهن اسين سڀ مسيح جي عدالت واري تخت جي سامهون بيهنداسين ۽ جيڪي ڪجهه اسان هن جهان ۾ ڪيو آهي، ان جي



مطابق اسان جي عدالت ٿيندي." چالاءِ جو هن هڪ ڏينهن مقرر ڪري ڇڏيو آهي، جنهن تي هو سچي جهان جو عدل ۽ انصاف انهيءَ ماڻهوءَ جي هٿان ڪندو جنهن کي هن اڳيئي چونڊي ڇڏيو آهي، انهيءَ لاءِ ته هن هر هڪ کي اها ثابتي ڏني آهي جو ڪيس مئلن مان وري جيئرو ڪيو اٿائين." (رسولن جا ڪم 31:17) "ڇالاءِ جو اسان سڀني کي مسيح جي عدالت جي اڳيان پيش ٿيڻو آهي، ته جيئن هر ڪنهن کي انهن ڪمن جو بدلو ملي، جيڪي هن جسم ۾ رهي ڪيا آهن، پوءِ اهي چڱا هجن يا بڇڙا". (2- ڪرنٿين 5-10، وري ڏسو يوحنا 22:5) منصف عدل ۽ رحم سان عدالت ڪندو.

ڇا، اهڙا ماڻهو به آهن جن کي هن خوفناڪ قيامت واري ڏينهن کان خوفزده ٿيڻ جي ضرورت نه آهي؟ جواب آهي هائو: اهڙا ماڻهو به آهن. هي اهي ماڻهو آهن، جن ڇوٽڪاري ڏيندڙ عيسىٰ تي ايمان آندو آهي، جنهن فرمايو ته "آئون اوهان کي سچ ٿو چوان ته جيڪو منهنجو ڪلام ٻڌي ٿو ۽ جنهن مون کي موڪليو آهي، تنهن تي ايمان آڻي ٿو ته ڪيس ئي دائمي زندگي آهي ۽ سزا نه ملندس، ڇاڪاڻ ته هو موت مان نڪري زندگيءَ ۾ آيو آهي." (يوحنا 24:5) ائين به برابر آهي ته سچا مسيحي به بي گناهه نه آهن، پر هو انهن کي قبول ڪندو ڇالاءِ ته انهن مسيح تي ايمان آندو آهي، جيڪو سندن گناهن جي لاءِ قربان ٿيو، عدالت جي ڏينهن انهن مسيحين کي به سندن ئي وفاداريءَ جي مطابق اجر عطا ٿيندو. (ڏسو متي 30:14، 1- ڪرنٿين 12:3-15)

انهن ماڻهن جي ڪهڙي حالت ٿيندي، جيڪي خدا جي ٻالڪ تي ايمان آڻڻ کان پري رهيا؟ انهن کي سزا ملندي، جهڙي طرح مسيح فرمايو: ”جيڪو به مٿس ايمان آڻي ٿو تنهن کي سزا نه ٿي ملي، پر جيڪو ايمان نه ٿو آڻي تنهن کي ته سزا اڳي ئي ملي چڪي آهي، ڇالاءِ جو هن خدا جي هڪڙي ئي فرزند تي ايمان نه آندو. سزا جو سبب هي آهي ته روشني ته دنيا ۾ اچي چڪي آهي پر ماڻهن اونداهيءَ کي روشنيءَ کان وڌيڪ پسند ڪيو، ڇالاءِ جو سندن ڪم بڇڙا هئا.“ (يوحنا 3:18-19) اهي ماڻهو جيڪي خدا جي فرزند کي نٿا مڃين انهن چڻ ته خدا کي نه مڃيو ان کان وڌو ٻيو ڪهڙو گناهه ٿي سگهي ٿو. عزيزم، هاڻي اوهان کي معلوم ٿيو هوندو، ته اسين مسيحي ان ڳالهه تي گهڻو زور ڏيندا آهيون ۽ مشتاق هوندا آهيون، ته سڀ انسان عيسيٰ مسيح تي ايمان آڻين، انهيءَ لاءِ ته جي هو نه مڃيندا، ته خدا انهن کي رد ڪندو.

## 4۔ جنت ۽ جهنم

جيڪي ڪجهه بيان ڪيو ويو آهي، تنهن مان اوهان ايندڙ وقت جي متعلق مسيحي عقيدي جي باري ۾ ڪافي حد تائين سمجهي ويا هوندا. اهي ماڻهو جن کي مسيح قبول ڪيو آهي، سي خدا جي حضور ۾ داخل ٿي وجن ٿا، ته جيئن سندس خدمت ۾ سدائين خوش رهن. حضورالمسيح تمثيلي انداز ۾ فرمايو، ته ”منهنجي پيءُ جي گهر ۾ ڪيترين ئي ڪوٺيون آهن. آئون اوهان جي خاطر جاءِ تيار ڪرڻ لاءِ وڃي رهيو آهيان.



جيڪڏهن ائين نه هجي ها ته آئون اوهان کي نه ٻڌايان ها. جڏهن آئون وڃي اوهان جي لاءِ جاءِ تيار ڪندس ته پوءِ موٽي ايندس ۽ اوهان کي پاڻ سان گڏ وٺي ويندس، ته جتي آئون آهيان اتي اوهين به هجو.“ (يوحنا 14:2-3)

بائيبل مقدس جي آخر ۾ يوحنا رسول خدا جي جلال کي اهڙي طرح بيان ڪيو آهي: ”پوءِ مون هڪڙو نئون آسمان ۽ هڪڙي نئين زمين ڏٺي، ڇالاءِجو پهريون آسمان ۽ پهرين زمين ڪانه رهي ۽ نه وري ڪو سمنڊ هو. مون پاڪ شهر، يعني نئون يروشلم خدا وٽان آسمان مان هيٺ لهندي ڏٺو. اهو انهيءَ ڪنوار وانگر تيار ڪيو ويو هو، جيڪا پنهنجي گهوٽ لاءِ سينگاري ويندي آهي. مون تخت مان ڪنهن جو وڏو آواز ٻڌو جنهن چيو ته ’ڏس، خدا ماڻهن منجهه رهندو، هو انهن سان گڏ رهندو ۽ اهي سندس قوم ٿيندا. خدا پاڻ انهن سان گڏ رهندو ۽ سندن خدا ٿيندو. هو انهن جي اکين جا سڀ ڳوڙها اُگهي ڇڏيندو. ان کان پوءِ نه موت رهندو، نکو ماتم، نکو روئڻ ۽ نه وري ڪو سور رهندو، ڇالاءِجو اڳيون حالتون گذري ويون آهن.‘

جيڪو تخت تي ويٺو هو، تنهن چيو ته ’ڏس، آئون سڀني شين کي نئون ٿو ڪريان.‘ هن چيو ته ’لک، ڇالاءِجو اهي ڳالهيون سچيون ۽ اعتبار جوڳيون آهن.‘ هن مون کي چيو ته ’اهي ڳالهيون پوريون ٿي چڪيون آهن. آئون اول ۽ آخر، ازلي ۽ ابدي آهيان. جيڪو اڃايل آهي تنهن کي آبِحيات جي چشمي مان مفت پياريندس. جيڪو غالب پوندو سو هنن شين جو حقدار

ٿيندو. آئون انهيءَ جو خدا ٿيندس ۽ هو منهنجو ٻار ٿيندو.'' (مڪاشفو 21:1-7)

هيءَ اُها جنت آهي جيڪا هن پنهنجي پيار ڪندڙن لاءِ تيار ڪئي آهي، جيڪي ڪجهه اسين انهيءَ عجائبات لاءِ شعوري طور سوچيون ٿا انهن کان تمام گهڻو پر جلال هونديون.

ڪلام مقدس ۾ آيو آهي، ته.
جيڪا شيءِ ڪنهن به اک نه ڏٺي آهي،
ڪنهن به ڪن نه ٻڌي آهي،
۽ ڪنهن به دماغ نه سوچي آهي،
سا خدا پنهنجي پيار ڪندڙ لاءِ
تيار ڪئي.(1- ڪرنٿين 2:9)

پر انهن همراهن جو حصو ڪهڙو هوندو ۽ هو ڪٿي هوندا؟. لکيل آهي ته ''پر جيڪي ڊڄڻا، بي‌ايمان، ناپاڪ، قاتل، زناڪار، جادوگر، بت‌پرست ۽ ڪوڙا آهن، تن سڀني جي جاءِ انهيءَ ڍنڍ ۾ ٿيندي، جيڪا باهه ۽ گندرف سان ٻيئي ٻري. اهو ئي ٻيو موت آهي.'' (مڪاشفو 8:21) خدا جي پيار کان مڪمل جدائي جو ٻيو نالو جهنم آهي، سچ ته اهو آهي ته ان بيان کي ٻڌائڻ جي زبان کي طاقت نه آهي. ڪاش بني نوع انسان ابدي موت جي بدران ابدي زندگي کي پسند ڪري ان جا متلاشي ٿين.

## 5.ايماندار جو موت

ڇا مسيحي موت کان ڊڄن ٿا؟ نه، ايماندار موت کان نٿا



ڊڄن ڇاڪاڻ ته حضورالمسيح واعدو ڪيو ته ''جڏهن آئون وڃي اوهان جي لاءِ جاءِ تيار ڪندس ته پوءِ موٽي ايندس ۽ اوهان کي پاڻ سان گڏ وٺي ويندس، ته جتي آئون آهيان اتي اوهين به هجو.'' (يوحنا 3:14) جڏهن پولس رسول اهو محسوس ڪيو ته هو قتل ڪيو ويندو تڏهن هن لکيو ته ''آئون ٻنهي ڳالهين جي وچ ۾ ڦاٿل آهيان. منهنجي خواهش ته اها آهي ته هن دنيا کي ڇڏي وڃي مسيح سان گڏ رهان، ڇالاءِ جو اهو سڀ کان بهتر آهي.'' (فلپين 23:1) ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو اهو ڏسي حيران ٿي ٿا وڃن ته مسيحي پنهنجن عزيزن قريبن گهر جي ڪٽنب جي ڀاتين وغيره جي جنازي تي خوشيءَ جا گيت ڳائين ٿا. تنهن جو اصل سبب هي آهي، ته اسين اهو سمجهون ٿا ته ايماندار مئو نه آهي پر فقط اسان کان جدائي ٿي اٿس ۽ هو مسيح جي حضور ۾ آهي. تنهن ڪري اسين نوحه يا آه زاري نٿا ڪريون پر خوش ٿا ٿيون.

* * *

# حاصل ڪلام

هاڻي سڄڻ سائين اوهان کي اهو ضرور سمجهڻ گهرجي تہ مون اوهان جي ڪيترن ئي سوالن جا خاطر خواه جواب لکيا آهن. بيشڪ، اوهان جي دل ۾ اڃان بہ ڪيترائي سوال هوندا. مثلن سائنس جي موجوده معلومات جي روشنيءَ ۾ بہ منهنجا جواب درست آهن يقين سان درست آهن. ۽ اهو بہ يقين آهي تہ خدا صداقت جو باني آهي، خواه اها صداقت بائيبل مقدس ۾ بيان ڪئي وئي هجي يا فطرت ۾. ان ۾ ۽ حقيقي سائنس ۾ اختلاف ٿي نٿو سگهي. موجوده دور ۾ ڪي وڏا سائنسدان سچا مسيحي آهن. جيئن جيئن وقت سر سائنس هن وسيع ڪائنات جي عجائبات جي کوجنا ڪري ٿي، تيئن اسين خدا جي قدرت، حڪمت ۽ عظمت کي چڱيءَ طرح سمجهي سگهون ٿا ڇالاءِ جو خدا قادر مطلق آهي.

اهو بہ عين ممڪن آهي، تہ اوهان ڪن بشرن وانگر ان ڳالهہ کان پريشان هجو تہ ڇو، خدا جنگ ۽ جدل ، بي انصافي ۽ بڇڙائي کي هن خوبصورت جهان ۾ رهڻ ڏنو؟ مقدس بائيبل جي تعليم جي روشني ۾ ان سوال جو جواب سولو آهي، تہ سڀ برايون گنهگار انسان جون خود پيدا ڪيل آهن عادل پاڪ خدا جو ان ڳالهہ سان ڪوبہ تعلق نہ آهي. خدا هن وقت بہ اهڙين قومن کي



سزا ڏئي ٿو، جيڪي سرڪش ۽ بد اخلاقيءَ تي سندرو ٻڌي بيٺا آهن. ۽ جيئن مون پهرين بيان ڪيو آهي، تہ خداوند تعالىٰ آخرڪار سيني ماڻهن جي سندن ئي عملن موجب عدالت ڪندو. سموريون حالتون خدا جي قبضي ۾ آهن، جيتوڻيڪ اسين اها ڳالهہ سمجهي نہ ٿا سگهون، تہ خداوند ڪريم برائي ۽ بدڪاريءَ کي هن جهان ۾ رهڻ ڇو ڏنو؟ مگر اسين هڪ ڳالهہ ضرور ڄاڻو ٿا، تہ آخرڪار خدا شيطان کي جهنم جي باهہ ۾ اڇلائيندو ۽ پوءِ پنهنجي پاڪ ۽ ابدي ۽ بادشاهت قائم ڪندو.

عزيز دوست، منهنجي دلي دعا آهي، تہ اوهان ڏاڍي سنجيدگيءَ ۽ ڌيان سان بائيبل مقدس جو اڀياس ڪريو. آئون پڻ اوهان جو دعاگو آهيان، تہ خدا بائيبل جي تعليم کي سمجهڻ ۾ اوهان جي مدد ڪري تہ جيئن اوهان دنيا جي ڇوٽڪاري ڏيندڙ عيسيٰ مسيح تي ايمان آڻيو ۽ خدا جي خاندان جا ٿي وڃو. هاڻي مون کي اميد آهي جيستائين اوهان هن زميني زندگيءَ ۾ آهيو بين انسانن جي بي لوث خدمت ڪندا رهندا ۽ هن زندگيءَ کان پوءِ هميشہ مسيح سان خدا جي گهر ۾ رهندا.

(آمين)

اوهان جو مخلص دوست

ملر غلام مسيح

# مفت

## چا، اوهان توريت، پاڪ زبور ۽ پاڪ انجيل جي واقفيت حاصل ڪرڻ چاهيو ٿا؟

جيڪڏهن جواب ”هائو“ ۾ آهي ته پوءِ هيٺ صاف اکرن ۾ پنهنجو نالو ۽ مڪمل پتو لکي، هي پنو ڦاڙي لفافي ۾ وجهي اسان ڏانهن موڪليو. اسين مفت ڪورس جو پهريون سبق جلدي اوهان ڏانهن موڪليندااسين.

مهرباني ڪري لفافي تي بڪ پوسٽ جي موجب ٽڪلي هڻندا.

نالو: ..........................................................................................

پتو: ..........................................................................................

تعلقو:.......................... ضلعو:.......................... عمر:...............

(**نوٽ: 18** سالن کان گهٽ عمر وارن دوستن ڏانهن ڪورس نه موڪليو ويندو)


**پي بي سي آءِ**

**پوسٽ باڪس نمبر 358**

**حيدرآباد سنڌ**





E-mail: pbcihyd@yahoo.com

Mobile: 0301-3546751